پروفيسر منگهارام اڌارام ملڪاڻي

# جيون چهچٽا

From Library of
Shri A. J. UTTAM

شاهڪار مالها - نومبر ۱۹۶۰ - پشپ اوّل

# Jeevan Chahchita

## Sindhi plays

## By

## Prof. M. U. Malkani

# جيون ڇهڇٽا

## پروفيسر منگھارام ملڪاڻي

Scanned by Sindhi Sangat

brought to you by

Asha Chand

www.SindhiSangat.com

info@SindhiSangat.com

# جيون چهچٽا

## (ست ننڍا ناٽڪ)

لکندڙ


## پروفيسر منگهارام ملڪاڻي



پهرون ڇاپو - ١٩٦٠

قيمت ٻه روپيه

**ڪهاڻي پبليڪيشنس**

هسالي لنڪ روڊ، بمبئي ٢٨

# INDEX

Click the title of
the play to read

## فهرست


| | |
|---|---|
| | صفحو |
| مهاڳ | ٧ |
| ١- اڪلاد (پيگتيي نيڊو ناٽڪ) | ١٥ |
| ٢- ناخلف! (گهرو نيڊو ناٽڪ) | ٣٣ |
| ٣- ٻه ٻاهيون (گهرو نيڊو ناٽڪ) | ٤٧ |
| ٤- ميلاپ (انتر وواه جي مسئلي تي نيڊو ناٽڪ) | ٦٧ |
| ٥- ٽي پارٽيي (ڪوڙن قدرن بابت نيڊو ناٽڪ) | ٩١ |
| ٦- پريت جي ريت (هڪ دائمي مسئلي تي نيڊو ناٽڪ) | ١٠٩ |
| ٧- ايڪتا (قومي نيڊو ناٽڪ) | ١٢٩ |

لکيا، ٻر مڙني ۾ ظاهري کل مسخريءَ جي هيٺان سماجي يا سرڪاري سرشتي جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلوءَ تي طنز رکيل هوندي هئي.

ٻيون نمبر سنڌي ناٽڪن جو لکندڙ لعلچند امرڏنومل هو، جنهن بہ اٽڪل ڏهہ سنڌي ناٽڪ لکيا ۽ پنهنجي ماستريءَ جي عرصي ۾ اسڪول منڊلين جي سهاري ڪري ڏيکاريا. ٻر لعلچند صاحب اُنهن ۾ گهڻيئر پنهنجي ۽ قومي مسئلا ڪڍندو هو، جنهنڪري سنڌ س لکڻيءَ جي نوع ۾ مذاق جو انگ گهٽ هوندو هو. مثلاً "سيٺ ڪين ويٺ" (١٩٠٦) "زندڙ دم" (١٩٠٧) ڏيتي ليتي جي ڪلورن تي لکيل هئا. "يارت جاوا، اُني جاڳ" (١٩١٩) ۾ قومي آزاديءَ جي للڪار ڪيل هئي ۽ "عملدار ڪين رعيت آزار" (١٩٢١) ۾ سرڪاري عملدارن جي ڪارنامن تي جلهہ ڪيل هئي.

هوڏانهن ڀيرومل مهرچند جيتوڻيڪ سماجڪ اوڻاين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندو هو تہ بہ سندس شخصي سياءَ مطابق سندس ناٽڪن ۾ بہ کل ڀرچي جو جزو ڏيک هوندو هو، جئن "ٻرازين جو ناٽڪ" (١٩٢١)، "مڙس جي مڙسي" (١٩٢٥) ۽ "پنگتي مقدمو" (١٩٢٧) مان ظاهر آهي. اهي سنڌي ناٽڪ پڻ ڪن سڪولن ۽ ڪاليجن جي جلسن تي ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريا ويا هئا - خاص ڪري پهاڙيءَ وارو جو ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي تي لکيل هو. ناٽڪرام ڏرمداس، مرزا قليچ بيگ، وانگر وڏا تورڙي

# ٻيون ڇاپو

"جيون ڇهڙتا" ١٩٥٨ ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ بي-اي ڪلاس لاءِ درسي ڪتاب ڪري منظور ڪيو هو، تنهن ڪري پهريون ڇاپو ختم ٿي ويو. هن سال وري ساڳيو ڪتاب منظور ڪيو اٿن، ۽ گجرات يونيورسٽيءَ پڻ بي-اي شاگردن جي اڀياس لاءِ رکيو آهي؛ جنهنڪري انجو ٻيون ۽ سڌاريل ڇاپو شايع ڪرڻو ٿو پوي.

بمبئي ٢٠-١٠-١٩٦٠ع

منگهارام ملڪاڻي

# اوٗلاد

(پنگتي ننڍو ناٽڪ)

ڪردار:-

گلاب ـ هڪ مسڪين ليکڪ.

ستي ـ سندس زال.

سندري ـ ستيءَ جي ساهيڙي.

ستيءَ ماءُ.

ستيءَ جي بيمار ڪڪي.

ڇهڻو پهريون ـ پوني ۾ گلاب جي گهر ۾.

ڇهڻو ٻيون ـ ستيءَ جي پيڪي گهر هڪ ڪوٺي.

پهريون ڇاپو ـ "ڊي-جي-سنڌ ڪاليج مسلني" ڪراچي، ١٩٣٢

ٻيون ڇاپو ـ "هلچل" مخزن (ڀاڱو ١) بمبئي، ١٩٥٤

ٽيون ڇاپو ـ "جيون ڇهڻا" بمبئي، ١٩٥٧

هيءُ ناٽڪ هيٺيان مکيه دفعا ڪري ڏيکاريو ويو:-

(١) "ڪراچي رابندرانات لٽرري اينڊ ڊرميٽڪ ڪلب" پاران مها ڪوي ٽئگور جي ٧١ ئين جنم ڏينهن ٨ مئي ١٩٣٢ تي، فريئر هال ڪراچيءَ ۾ لکنڊڙ جي هدايتڪاريءَ هيٺ، جنهن ۾ هيٺيان اداڪار هئا:-

گلاب - ايم. يو. ملڪاڻي

سٽي - قيمت واسواڻي

سنڌري - ڪاڻو منسڪاڻي

سٽيءَ ماءُ - پرتاب ڪرپالاڻي

سٽيءَ جي ڪڪي - سرسوتي موتيرام لعلواڻي

(٢) سنڌي نوجيون سڀا، لجپت نگر (دهليءَ) ۾ ١٩-٢٠ آڪٽوبر ١٩٥٧ تي، جنهن ۾ هيٺيان اداڪار هئا:-

گلاب - ڪي. ايس. پالاڻي

سٽي - نرملا منسڪاڻي

سنڌري - وديا آهوجا

سٽيءَ ماءُ - ڪملا ملاڻي

# ڇهون پهريون

(پوني ۾ "هندستان" اخبار جي خاطوءَ گلاب راءِ جي گهر ۾ هڪ ڪمرو. هڪ پاسي ميز تي پڙهڻ واري بجليءَ جي بتي ٻيٺي پئي ٻري؛ ڪتاب ۽ اخبارون ڇڙوڇڙ ٿيون ميز تي پيون آهن. پرسان هڪ ڪتابن جو شيلف رکيو آهي. ٻئي پاسي هڪ سادو ڪوچ ۽ ٻه ڪرسيون پيون آهن. سياري جي رات جو ٻارهين بجي. گلاب، هڪ ٻٽيهن ورهين جو نوجوان، ڇهونو اوورڪوٽ پايو ميز اڳيان ويٺو غور ڪري ڪجهه لکي. وچ ۾ لکڻ بند ڪري شيلف تان ڪنهن ڪتاب مان ڪجهه پڙهي، وري لکڻ ۾ لڳيو وڃي. ڪجهه مدت بعد هڪ پاسي کان سندس وال ستيءَ جو آواز اچي ٿو.)

ستي (اندران) - ٻڌو ٿا! ڪڪي کي نه اچي ماٺ ڪرائجو ته مان کير ڪوسو ڪري وٺان.

گلاب (پاڻمرادو) - توبهه! ٻار ڪين آزار! سڀ ڏينهن نه گوڙ گهمسان ۾ نبري، پر رات جو به ننڍا ڪم ڪرڻ ڏين. (لکندو وڃي ٿو ته ستي گرم چادر ڪيو ڪاوڙجندي اندر اچي ٿي.)

ستي - مان پيٺي ٻڪان، توهين اڌ رات جو به انهن ڪتابن ۾ ٿي پورا آهيو. ڏينهن رات پيٺي ٻارن پنيان

ڳهان، ته من اويل سويل توهين به ڪي ڪجهه، وٺايم.
(ڇت واري بجليءَ جي بتي ٻاري ٿي.)

گلاب - مان پنهنجو ڪم ڪريان ڪين ٻار نپايان؟ ڏسين ٿي ته اخبار جي ڪم مان هيڏي ڪڙڪ جي پورت ڪانه ٿي پوي. اهي ڪتاب ٿو لکان تڏهن مس ٿو وجهي خرچ کي منهن ڏجي.

سٽي - پر سارو ڏينهن به نه پيا لکو پڙهو، پوءِ هنن سياري جي راتِ جو ڇو پيا نور نچوڙيو؟

گلاب - ڏينهن جو ته تنهنجي گهر ۾ ڏاڍو آنند لڳو پيو آهي! اهي پنج ٻار پنجاهن جي مت آهن. انهيءَ ڌم چڪر ۾ اخبار جو ڪم ٿي لاچار ٿو ڪري سگهان، سو ڪتاب ٿو ويهي لکان!

سٽي - پر ٻه ٻاروهي انهن طعنن سان ڇو پيا ڪٽيوم؟ ٻار جهڙا منهنجا تهڙا توهانجا. ڀڳوان ڏنا سي ڏنا. ساري عمر انهن پنيان هڏ ماس پيٺي ڳاريان تنهنجو قدر ته ڪونهي مورڳڻي ......

گلاب - ڀڳوان ڏنا! پر تون به ته ٻارن ۾ راضي آهين. اصل ڪان انهن لاءِ پيٺي سڪندي هئينءَ ته نياءُ به تون. مونکي ڪو وقت رکيو آهي ڇا؟

سٽي - پر آڏيءَ مانجهيءَ، بيماريءَ سيماريءَ، مڙس ماڻهو مدد به ڪانه ڪندو؟ هو ڏانهن ڪڪيءَ جي اچي ’سانجهن کسان نڙي ورني آهي؛ تنهنکي ’نچ‘ ڪري

مس مس سمهاريم ته مٿان وري ننڊ وڪڙو ڄاڳي پيو، تڏهن توهانکي سڏ ڪيم.... (روئڻهارڪي ٿئي ٿي.)

گلاب (خفي ٿي) - انهن بيمارين ۾ ته بيزار ڪري ڇڏيو آهي. هڪڙي ڪي لهي ته ٻئي ڪي ٿي چڙهي. ڪو نه ڪو سدائين لڙيو ئي پيو آهي. هن ڏٺين ملڪ ۾ من جو موڙهارو هڪ پاسي ته ٻئي پاسي ڊاڪٽرن جون فيون ڀري پاسا ئي پلجي پيا آهن.

ستي (ڪاوڙجي) - ٻارن کي تپ لڳا ٿيو سو ٻيو. ڪنهنجو ڏوھ ٿيو! تسي ٿڌي وڏي کي نه پيئي ٿئي. هي ته ويچارا نازڪ گلڙا ٿيا. پر توهين ٻارن کي سهندا آهيو ڇا! (جوش ۾) ٿيو ورهيه وڏو ڪڪو انهيءَ اٽڙيءَ جي بيماريءَ ۾ ورلو ٿڏهن. توري ڪار ڪئي هيو!

گلاب - پر هيئن شور ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟ هوڏانهن مهمان سمهيا پيا آهن تن جي ننڊ آرام جو ڪو خيال اٿيئي؟

ستي - ها، توهانکي ٻارن کان اهي مهمان مٺا ٿا لڳن. سڄو ڏينهن اونو به انهن جوئي لڳو پيو آٿو.

گلاب - البت، مهمان گهر ۾ هوندا ته انهنجو ويچار ته ڪبو. ٻئي ليکي، جيئنو منهنجو سنگتي آهي ته سندري به تنهنجي ساهيڙي ٿئي.

ستي - منهنجي ساهيڙي ٿي چگي ٿئي! جڻ ته موکي خبر ئي ڪانهي. انهيءَ سندريءَ سان دل هيئو ته پوءِ شادي ڪيئو ڇو ئي، جو هيئن اچي مون مان ڪڪ ٿيا آهيو؟

گلاب- هاڻي بس ڪر. اهي سالن جا قصا ڇا جا ڪڍي ويٺي آهين؟ هو ٻڌندا ته ڇا چوندا؟

ستي- چوندا وري ڇا؟ مان ڪا ڪنهن پڇڻ ٻڇان تي ڇا؟

(اتي سندري گرم دشو ڪلهن تي ڪيو، ٻئي پاسي کان آهستو دروازو کولي اندر اچي ٿي ۽ هنن ٻن کي ڏسي ستيءَ ڏانهن وڌي وڃي ٿي.)

سندري- ڇو ستي، ٻيو ته سک آهي؟ سامهون توهانجو آواز ٻڌي اک کلي پيم. ڪيس ڪا گهڙي ننڊ ڪٽي ويٺي آهي؛ سو چيم ته متان هن مهل ڪنهن ٻار کي تڪليف ٿي هجي. ڪڪيءَ کي اڙيءَ ۾ سور وڌي ته ڪونه ويو آهي؟

ستي- نه نه، ڪڪيءَ کي ته هيئنر ننڊ آهي. ٻـر ننڍي ڪڪي اڃي هلاڪ ڪيم تڏهن......

سندري- ته هل ته مان باه ٻاري ڪير ڪوسو ڪري ڏيانءِ.

ستي- باه ته مان ٻاري آئي آهيان. تون ڇو تڪليف ڪرين؟ تون وڃي آرام ڪر، هي ٿو هلي. (مڙس کي ٻانهن کان جهلي اندر وٺي وڃي ٿي.)

(سندري جڏهن ٻئي پاسي پهچي ڪمري ڏانهن وڌي ٿي ته سندس اک وڃي ميز تي لکيل ڪاغذن تي ٿي پوي، جن ڏانهن وڌي اُن نظر ڊوڙائي ٿي ۽ ٻاٽمرادو ڇري ٿي:)

سندري- هي تہ ڪو ناٽڪ ويٺو لکي. ويچارو ڪٽنب جي پالنا لاءِ هيڏي مهل ۾ پيو مٿو ماري. ڏسان تہ سهين ڇا لکيو اٿس. (ڇپاڙيءَ جو لکيل ٽڪر پڙهي ٿي:) "اهو جهونو زمانو هو جڏهن اولاد هڪ نعمت سمجهيو ويندو هو؛ گهر ٻيرن ڪان ٻهي ونبو هو، پر هن ڪنهن سمي ۾. جڏهن ويلي لاءِ لٿ لڳي پيئي آهي، تڏهن ٻيا هوند جي، بيخيالو ٿي، آڌ اُگهاڙا، آڌ بکايل ٻار پيدا ڪرڻ پاپ گناه آهي."

هان! هيءَ تہ ويچاري پنهنجي جيوت جو ويلهي ورتن ڪيو آهي، پنهنجا سور ويهي سليا اٿس! سچ، هيڏي آڪهہ جو پورائو ڪوئي سوني الاجي ڪٿي پيو ڪري! ڪتابن لکڻ مان وري اسانجي ملڪ ۾ ڪنهن پيٽ پالنا ڪئي آهي؟ پر هاڻي هي ناٽڪ ويٺو لکي. تنهنجو مڙيوٽي بهتر نيڪال ٿي سگهندو. ويچاري کي ضرور ڪا مدد ڪرڻ گهرجي.

(گلاب اندران اچي ٿو؛ سندريءَ کي اڃا ويٺو ڏسي عجب ۾ پوي ٿو:)

گلاب- تون اڃا هتي ويٺي آهين؟ ٿڌ پيئي پوي، وڃي آرامي ٿيءُ.

سندري- اهڙي ٿڌ ڪٿي آهي؟ پاڻ ڪڏهن کي ننڊ آئي؟

گلاب:- هونءَ تہ مانت ڪريئي نہ. نيمت ڪاهي ٿي

ليٽائي ڇڏهي ۾ اڄ وڃ ڪرڻ لڳو ساڻس؛ سو سڀني کير
ڪوسو ڪري اچيٺي اچي تنهن کان اڳ ٿي اک لڳي
ويس ته مٿان وري ڪڪي ٽڙيءَ جي سور کان ڪرڪڻ
لڳي، ٿهنڪي ۽ چاڙهو چٽائي سنڀاري آيو آهيان.

سندري (همدرديءَ سان)- سياري جي راتيءَ جو
ٿڌ ڦٽائي، ٻارن کي ڪلهي تي کري گهمائڻ؛ سندن
خدمت ڪرڻ ۽ ڏاڍو مشڪل هوندو.

گلاب- بس، اسانجا ته ڪلها ڳنا پيا آهن. ٻلا پنج
ٻار ڄڻيا اٿون، سو ڪرڪي ڪنڌهي ۾ اهي ڪشت
سهڻا ٿا پون. ٻيو منهنجو اڪيلو جو ڪم، جنهنتي سارو
قوت گذران، تنهن ۾ تو وڳهن ٻوٻر ته منهنجو صبر ٽٽيو
پوي.

سندري- برابر ...... توهين اندر ويا ته منهنجي
نظر وڃي هن نئين ناٽڪ تي پيئي. معاف ڪجو جو
توهانجي موڪل ڏاران پياڙيءَ جو ٽڪر پڙهيم.

گلاب (لچائمان ٿي)- اڇا اڌ پورو مس ڪيو اٿم.
تو اڳيئي ڇو پڙهيو؟ منهنجي خيال ۾ ناراض ته ڪونه
ٿيينءَ؟

سندري- نه نه، موتي ته پاڻ ڏاڍو اثر ڪيائون.
ٻلا، پورو ڪرڻ کانپوءِ انهيءَ ناٽڪ جي نيڪال جو ڪهڙو
خيال ڪيو اٿو؟

گلاب- پورو وري ڪٿي ٿو ڪري سگهان! هتي
اها سانهن سٽي ڪٿي آهي جو هڪ منو ٿي پورو ڪري

ڪيان؟ نيڪال جو به ته ايا رستو ئي نٿو سجهيم. اڳين ڪتابن جي ڇپائيندڙن جهڙو تهڙو اُجورو ته ڏنو، پر ڪاپيون اهڙو آهي جو وڪڻڻ جا گدام مورڳو ئي رنڊيا پيا آهن. سو پيا ڪتاب ته وڪڻن ئي نٿا.

سندري - سچ، اسانجن ماڻهن ۾ ڪتابن جو چاهه اهڙو آهي جو هڪڙو مس ڪري وٺندو ته اهو ڪتاب ويهه ڄڻا پڙهندا. پوءِ نيڪال وري ڪهڙو ٿيندو؟

گلاب - وري تعليم کاتي وارا به نون لکندڙن کي نٿا همٿائين. وڏيون منٿون ميڙون ڪرائيون تڏهن مس جهونن مصنفن مان چونڊ ڪيل ڪي ٿورا بحال ڪندا. باقي نون ليکڪن ۾ ته اک ئي ڪانه ٻڌندين، اُنهن جي لکيت پڙهندا به ڪين...... پر مان پنهنجن ڳالهين ۾ تنهنجو آرام پيو ڦٽايان. وڃي ننڊ ڪر.

سندري - نڪو مونکي ننڊ ڪانه ٿي اچي. ڀلا هاڻي مان ٿي لوهانڪي هن ناٽڪ جي نيڪال جي واهه ڏسيان. وهو ته ٻڌايانو. (گلاب منجهيو ٿي بيٺو آهي ته ڪيس ڏوري ميز جي ڪني تي وهاري ٿي؛ پاڻ هڪ ڪرسي سيري اُن تي وهي ٿي.) بمبئي ۾ ٽاگور ڪلب وارا ناٽڪ ڪندا آهن ته اُنهو جيبل ڪتاب ٽڪيٽ جي ملهه ۾ هر هڪ ماڻهوءَ کي ڏيندا آهن. اهڙي طرح وٺندڙن تي به بار ڪونه پوي ته ڪتاب به گهر گهر ۾ پکڙجي وڃي؛ ننڍو وڏو پيو پڙهيس.

گلاب (تماڻائيءَ سان) - پر اهي منهنجو ناٽڪ پسند ڪندا؟

سندري - جيڪو ٽڪر مون پڙهيو آهي تنهن مان ته سمجهان ٿي ته توهان نئين زماني جي هڪ زبردست وشيه تي ناٽڪ لکيو آهي ۽ لکيو به اندر جي جذبي مان ويهي اُٿو. سو ڇو نه پسند پوندو؟ تنهن ڪانسواءِ هي ٻاڻ ڪلب جو ميمبر آهي، سو ڪوشش ڪري ڪتاب بحال ڪرائيندو. جي وٽي وين ته ڪلب وارا ناٽڪي فن جا اهڙا ڪوڏيا آهن جو لکندڙ کي ناٽڪ جي پيدائش مان پنيءَ ڏيڻ کان ڪين ڪيٻائيندا.

گلاب - واه واه! تڏهن منهنجا پورهيا ساب پوندا! پنهنجي ڪتب کي ڪي ڪجهه آسودو ڪري سگهندس! پر مونکي ته ايڏي خوشيءَ تي ويساه ئي نٿو اچي.

سندري - هاڻي هيئن ڪريو: سياڻي اسين به ٽيا موٽي وڃون ٻمبئيءَ. گهڻا ڏينهن توهانجي مهمانوازيءَ کي ورچايو اٿئون. توهين به اسان سان گڏجي هلو ۽ هلي اُتي ڏه ڏينهن اسان وٽ رهو. اُتي نويڪلائيءَ ۾ ناٽڪ به پورو ڪري ڇڏيندا ۽ پوءِ ڪلب کان به پاس ڪرائي وٺنداسون.

گلاب - اها ته تمام سهڻي صلاح آهي...... پر سنتيءَ ۽ ٻارن کي ڪنهن اڪيلو ڇڏي ويندس؟ مان ته ڪتب سان اهڙو ٻڌو پيو آهيان جو جنهن سنڌ مان پيگا آهيون تنهن پوني کان پير به ٻاهر ڪونه پاتو اٿم.

سندري- ستي وڃي ماءُ وٽ پيڪي ٽڪندي. انهيءَ ۾ ڪهڙي تڪليف آهي؟ اهڙو وجهه ڪو هٿان وڃائڻ ڪهي ڇا؟

گلاب- پر مونکي خبر آهي، ستي ٻڌيءَ ڪين مڃيندي. خاص ڪري توهان سان هلندس ته......

سندري- پر ستيءَ کي ڪو پنهنجي ونهن ڇڏبو ڇا؟ صبح ٿئي ته مان ئي سمجهايانس. توهين ڪٿي موٽي ڇڏيو...... هاڻي ڏيو تي وٺي آهي؛ وڃي توهين به بي فڪر آرام ڪريو. سڀ چڱي ٿيندي.

(مشڪندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي. گلاب به مونجهاري گاڏر خوشيءَ ۾ ٽپيون وسائي اندر وڃي ٿو.)

# ڇهڙو پيون

(سنتيءَ جي پيڪي گهر هڪ ڪوٺيءَ ۾ ٻه کٽون پيون آهن. ڇهن ڏينهن کان پوءِ منجهند جي وقت وڃڻ کٽ تي سنتيءَ جي ڪڪي بيمار پيئي آهي، جنهنجي پاسي کان هڪ سادي تپائيءَ تي دوائن جون شيشون رکيون آهن. پيرانديءَ کان سنتي ڏکم ۾ ويٺي آهي. ٻيءَ کٽ جي اوڀرءَ ڪنڊ ۾ پوڙهي ماڻس ويٺي آهي ۽ ڪجهه وقت کان ٻاهر ڳالهائي رهيون آهن.)

سنتي - سو مڙس جا اڄهي اهي حال آهن! ٻارن کي بيمار ڇڏي ڪري پاڻ وڃي عيش تماشا ڪن. پنهنجا زال آهي نفر ياڻي جا ٻيٺي ڳن ڏي ۽ پيڪا د ر پڻي.

ماءُ - پر سنتي، تڙيءَ جي حرڪت ٻارن کي ڏٺي پيئي. هنکي ڪا خبر هئي ڇا تہ بيماري وڏي ويندي پس.

سنتي - تون هميشہ ناتيءَ جو پاسو ڪٽندي آهين. تون ڀلا ڀورڙي، توکي ڪهڙي خبر! هنکي اڄهي سنڌريءَ سان ڳڏجي وڃڻ جو وجهہ مليو، سو گهر ٻار ڪئي ليکي ڇو تو.

ماءُ - پري، پاپ نہ پولبو. هنجو تہ پاڻ ۾ پاءُ پيڻ جو سنبنڌ آهي. شاديءَ کان اڳ ڪٺي ڪهڙو ٻہ سنڌريءَ ڏانهن رخ ٻڌ بو هوس، پر هيترا سال مان ٻہ ڏسندي اچان تہ عجت ۽ فضيلت سان ساڻس ورتاءُ ڪندو آهي.

سنتي - هاڻي مانٺ ڪر. اهو رڳو ٻاهريون ٻوٿو آهي. ور ور ڏيئي پيو ٻاٻوٽ گهرائين ۽ ٽڪائين ۽ سؤ خاطريون ڪرڻ ۽ پوءِ جي گهر جي پورهئي ڪاڻ ٿي ٿئي. اهڙو اندر ڪهڙي ويو اٿس، سو وري ڀاڳ پيٽ جو سنبنڌ آهي! ٻئي ڇوڪريون ٻڍا پيا آهن، نه ته وس پڄيس ته وڃي انهيءَ بيشرميءَ سان شادي ڪري...... اصل هيانوَ ئي جليو پيو اٿم، پر ٻاهر ٻڙڪ به ڪانه ڪڍان.

(اتي ڪڪي ٽپ جي جوش وچان بي آرام ٿئي ٿي ۽ سنتي اُٿي وڃي سيرانديءَ کان ويهي، مٿي کي مالش ڪريس ٿي.)

مائي - پر سنتي، هيئن ڪوڙن وهمن سان من ڇو پيئي ٿڪائين؟ ڪڪيءَ جي بيماريءَ جي ڏک وچان پيا توکي اهي شڪ شبها ستائين. مان پڪ ٿي ڏيانءِ ته هو اهڙو آهيئي ڪونه.

سنتي - اهڙو آهيئي ڪونه! مان به پڪ ٿي ڏيانءِ ته هو ويو آهي سنڌريءَ سان موجون ماڻڻ. هو جيئنو به مڇو مڙس ٿيو، سنگتيءَ جي اشرافت پر ايمان رکيو، اکيون ٻوٽيو ويٺو آهي. پلا ساڳئي گهر ۾ گڏ رهندا، کائيندا پيئندا هوندا، سو هو ته سرڳ پوريءَ ۾ هوندو. پنيان گهر ٻار ڀل ته ناس ٿي وڃي.

مائي - سنتي، خير ته گهر. هو به ته گهر ٻار پنيان ٿي پيو مٿا پٽي. ٻمبئيءَ ۾ به گهر جي پورهئي لاءِ ٻلو ڪرڻ ويو آهي.

ستي – اهو ٻلو مونکي ڪونه ٿو ڪڇي. مان دال روٽيءَ مٿي راضي آهيان. مون کي وڏ ۾ گهر يو ٽيمانس ڇا جو اهي مٿا تو پٽي؟ مان چوان ٿي اهو گهر ٻار جو رڳو ٻهانو آهي. انهيءَ نخريليءَ اڙو ڇلي ڇڏيو اٿس جو هن پنهنجيان ڇيلو ئي پيو ڦري. ڇهه ڏينهن ٿيا اٿس ته ڪو خط پٽ لکيو اٿس! ڏڪا پوڻ ڏڪا ڦوٽ. نيٺ ڪالهه مون ڪڪيءَ جي بيماريءَ جو لکيو ٽيمانس ۽ پر تنهنجو به ڏسجانءِ ڪو جواب ڏني ٿو.

ماڻ – ويچاري کي ڪتاب لکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ ۾ فرصت ڪانه ملي هوندي. تو به خط اڄ ڪالهه لکيو آهي ۽ پوءِ هوريرو ڇوٽي سمجهين ته جواب ڪونه ڏيندو.

ستي (خفي ۾ اٿي) – آمان چوان ٿي ۽ سندس ٻاران اهي عذر مونکي نه ڏي. مان اڳيئي ڏکن ۾ ڏڏل، اهي ڏجها ڏيئي ساڙينم نه. خبر انهيءَ اڳهون ڊاڪٽر ڪهڙو ڏپ ڏيئي ويو آهي؟ ڪڪيءَ کي شايد اها "ڊپٿيريا" جي بيماري اچي ٿي آهي. ڇيو اٿس ته اڄوڪي ڏينهن اندر سٽي هٽايوس. منهنجو ته ساهه ٿي سڪي ويو آهي.

ماڻ – هان! اهڙي ڳالهه ڪڏهن ڪيائين؟ مون ته ڪانه ٻڌي.

ستي – مونکي ٻاسيرو ڪري ٻڌايائين. مونکي ته اڳيئي شڪ ڪاٿي ويو هو. ڪالهه ڪان پيئي ڏسان ته ويچاري ڪاڏو ٻاٽي لاچاريءَ سان پيئي وتي. ٽيو ورهيه

وڏو ڪڪو ڪين انهي ننگري بيماريءَ ۾ چٽ پٽ ٿي ويو. مونکي انهيءَ جا هٿ لڳل آهن سو مان سڌس نشانيون سڃاڻيو وٺان. اڄ جڏهن ڪڪيءَ کي ٽپ اچي چڙهيو تڏهن تہ ڊاڪٽر کي گهرائم. جاچي ڇيائين تہ اڄ ٽڙيءَ ۾ هڪ پاسي اچي پردي جو ٽڪر بہ پيو ڏسڻ ۾ اچيم. اڄوڪي ڏينهن ۾ سٽي هٽائي ڇڏيوس.

ماءُ- انهيءَ سٽيءَ مان وڃاري ٻچي پوندي نہ؟

سٽي- هائو امان، پوري وقت تي سٽي هٽائبي تہ پڪ ٻچي پوندي. باقي جي هڪڙي ڏينهن جي بہ دير پيئي تہ پڳوان کو هٿ ڏيئي رکيس. وڏي ڪڪيءَ جي بہ ڊاڪٽر ڪهيءَ ۾ ٽڙي کانہ جاچي ڏٺي هئي، پر دير سان سيون هنيائين تڏهن تہ ڪو فائدو ڪونہ ٿيو. سٽيءَ بہ هڪڙيءَ مان پورت کانہ پوندي. چار پنج ڏينهن ساندہ هٽائبيون پونديون؛ پين سيني پارن ٽوڙي وڏن گهر جي پاتين کي بہ ٻاهءُ لاءِ هڪڙي هٽائڻي پوندي.

ماءُ- تڏهن دير ڇو ڪئي اٿيئي؟ ڊاڪٽر کي ماڻهو موڪلي اچان؟

سٽي- ها امان، خبر اٿيئي، انهي سٽي واري دوا جي قيمت ڪيتري آهي؟ اٽڪل ڏہ رپيا هڪڙي سٽي جي وزن لاءِ. سؤ رپيا خرچجن تڏهن ڪو اهو علاج ٿئي. ايترا پئسا آڻجن ڪٿان؟ تڏهن تہ ڪٽي مڻي ماٺ ڪئي اٿم. هاڻي ڪهڙو حيلو ڪجي؟ (آنڊ مانڊ ۾ پوي ٿي.)

(جڏهن ٽڪڙ ۾ ٻاهر نڪرڻ تي آهي تہ دروازي تي کڙڪو ٿئي ٿو. "ڪير آهي؟" چوندي ٻاهر وڃي ٿي ۽ جلد ئي هڪ تار هٿ ۾ کڻي اچي ڏيءَ کي ٿي ڏئي.)

ماءُ- هيءَ تار تہ پڙهي ڏس. ڪنهن وٽان آئي آهي؟

(ستي اُٻهرائيءَ سان تار کولي پڙهي ٿي؛ سندس چهري ۾ سرهائي معلوم ٿي ٿئي ۽ پوري ڪري چوي ٿي:)

ستي- امان، سنڌريءَ تار ڪئي آهي. لکي ٿي: "مبارڪون هجنئي. گلاب جو نازڪ حال ٿيو آهي. پونا ميل ۾ نڪتو آهي. منجهند جو اچي پهچندو ۽ سڀ حال ٻڌائيندءِ. تنهنجو خط پهتس. ڪڪيءَ جي بہ روبرو اچي پونواري ڪندو." (پڙهڻ سان) ويچاري سنڌري! مون ٻنهي سان ڪيڏو نہ ڪنياءُ ڪيو! هاڻي ٻار بہ اجهو آيو ڪي آيو. گاڏي تہ پهچي ويئي هوندي.

(اوچتو گلاب سوٽ ڪيس هٿ ۾ کيو ڏوڪيندو اندر گهڙي ٿو ۽ ستيءَ کان جوش ۾ پڇي ٿو.)

گلاب- ڪڪي ڪٿي آهي؟

ستي- حالت نازڪ اٿس، پر ڀڳوان ڪندو تہ هاڻي ڀلي پوندي.

(گلاب ڪڪو ڪڪيءَ ڏانهن وڃي ٿو. نراڙ تي هٿ لائي نبض جاچيس ٿو ۽ چوي ٿو:)

گلاب- تپ تہ سخت اٿس. پر هاڻي، هاڻي ڀڳوان ڪندو تہ مان بچائيندوسانس. سنڌريءَ ۽ جيجي جي مدد سان ڪلب وارن مونکي اپٽ جي چوٽين پٽي

ڏيٺي ڪئي آهي. في الحال ٽي سؤ رپيا اڳواٽ ڏنا اٿن. هاڻي پڍهنجن مٽن لاءِ مان گهڻوئي ڪري سگهان ٿو. وڃي ٿو مين اسٽريٽ مان سين جي دوا وٺندو، ڊاڪٽر کي ڪوئيندو اچان. (ڏوڪيندو ٻاهر هليو ٿو وڃي.)

(سٺي ڏي ءُ جي مٿاڻ ڪان ٻهي اکيون آسمان ڏانهن کڻي ٿي. ماڻس ۽ اکيون مٿي کڻي پيرانڊيءَ ڪان ليٽي آهي.)

سٺي - اي ڀڳوان، وري ۽ شڪر تنهجو. مون وسوڙل ۾ ويساه وڌو اٿيئي. هاڻي ڪو خير ڪجانءِ.

# ناخلف!

(گهرو ٽمڪيو ناٽڪ)

ڪردار:-

ڏيوان گوبندرام- ٺيڪيدار؛

هيرو- سندس ٻهراڻ ورهين جو پٽ؛

رام- سندس ٻي زال مان پٽ.

نظارو:- ڏوڏي پر، گوبندرام جي گهر وارو صحن.

پهريون ڇاپو- "ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مسلني" ڪراچي، ١٩٣١
ڇاپو ٻيو- "زندگي" مخزن، بمبئي، 1951
ٽيون ڇاپو- "جيون جهلڪا" بمبئي، 1957

(ڇوڏي ۾ ديوان گوبندرام ٺيڪيدار جي گهر وارو وڏو صفحو، جنهن ۾ هر قسم جو فرنيچر ڳاهت ٿيو پيو آهي. صبح جي وقت، ديوان جو ٻيءَ زال مان پٽ رام، قميص پتلون پايو هڪ پاسي ڊريسنگ ٽيبل واري آرسيءَ اڳيان ڪالر ٺاهه ويٺو ٻڌي ۽ هڪ انگريزي راڳ جي سر تي سيٽي پيو وڄائي. ٿنهن وچ ۾ ديوان جي پهرين زال مان وڏو پٽ هيرو، سنڌي ڪپڙن مٿان ڊريسنگ گائون پايو، ٽوٿ برش هٿ ۾ کنيو، ٽوال سان منهن اگهندو ٻئي پاسي کان اندر اچي ٿو. ڏندڻ ٽوال تي اڳهي وچين ٽپائيءَ تي رکي ٿو ۽ گائون جي کيسي مان سگريٽ جو پئڪيٽ ۽ ماچيس ڪڍي ٻيڙي دکائي ٿو، پوءِ ٽپائيءَ اڳيان ڪرسيءَ تي ويهي سڏ ٿو ڪري:-)

هيرو- ڇوڪرا، چانهه لڳائو. (جواب نٿو ملي ته وڏو واڪو ڪري ٿو:) ڇوڪرا، سڻتا نهين هو! چانهه لڳائو. (اڃا به جواب نٿو ملي ته خفي ٿي چوي ٿو:) هي حرامي ويو ڪيڏانهن! رڳو گهتون پيو ڏي.

رام- (جنهن ليسنائين گهوڙي تان ڪوٽ لاهي پاتو آهي) نوڪر ويو مارڪيٽ ۾.

هيرو- مونکي نيرڻ ڏيڻ کان اڳيئي ويو هليو.

رام (منهن ۾ گهٽ ٻاٽي)- تون اٿندي ئي ڏهين ٻڄي ته ٿولاهه ترسي وهندو ڇا؟

هيرو- ڏهين ڄڃي ڪير آئيو آهي؟ اڄا نو مس لڳا هونداءِ روز ڪين هن مهل تيرڻ ڪرائي پوءِ ويندو آهي؟

رام- مو تون مدراس مان موٽيو آهين تڏهانڪر، مورڳو اما پڻ دانهون ڪري ته ديرسان ٿو وڃي ته تيرڻ تلو سنو ڪوز، ٿو مليس.

هيرو- مونکي به ڏهه ڏينهن آئي ٿيا آهن ته هروڀرو خراب ٿيڻ ته ڪونه آئيندو آهي.

رام- پر اڄ مون ڪن سنگتين جي لسج ڪٽي آهي، سو اما چيس ته سويلي مونجهانءِ جو گهٽيون ٿي شيون ناهٽيون آهن.

هيرو- تڏهن مونکي چانهه ڪير ناهي ڏيندو؟ پاٽيهي وڃي ناهيان ڇا؟

رام- چانهه اما نهرائي چلهه تي رکائي ڇڏي اٿيئي.

هيرو- هان. مان پاڻ وڃي رنڌڻي مان ڪڍي اچان! چڱو. (اندر وڃي ٿو.)

رام (ٿورڙي تان ٽوپلو لاهي برش هڻي ٿو)- هي ء چڱو اسان لاءِ رنس لٿو آهي! هزار حرام ڪري، هاڻي آيو آهي گهر ننڍيون ڪرڻ ۽ اسانتي حڪم هلائڻ. مورڳو بڪواد ڪري مونکي ٻاهر نڪرڻ ۾ سيڙائي ڇڏيائين.

(ٻاهر وڃڻ تي آهي ته هيرو اندران نهيل چانهه جو ڪوپ ساسر هڪ هٿ ۾ ۽ پليٽ ۾ پيل ڊبل روٽي ء جا ٻه ٽڪرا ٻئي هٿ ۾ کنيو، خفي ۾ اچي ٿو.)

هيرو- رکي روٽي رکائي ڇڏي اٿس. ڀيسندي کنهن کان؟

رام- اما جو انهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهه؟ مکڻ ڪڍي ويندو ته ڏهين ٻجي پيو ڪٿان پيدا ڪري؟

هيرو- (چانهه روٽي ٿالهيءَ تي رکي ڪرسيءَ تي ٿو وهي ۽ روٽيءَ جا ٽڪر چانهه ۾ ٻوڙي کائي ٿو ۽ چانهه جو ڍڪ پري ٿو) هيءَ چانهه رکائي اٿس! ٿڌي ڇڙي پاڻي! ٿيرن رکاڻ جو ڍنگ ٻيو هوس ڇا؟

رام- انهيءَ ۾ به اما ڪناه ڪيو! اسان اٺين ٻجي چانهه پي ٿاٻنگهه لائي آهي؛ ڏهين ٻجي ٿائين ٺرندي نه ته پيو ڇا ڪيندي؟

هيرو- هو جي ڪٿي ڪرسي ڪري ڏٺائين نه ڇا ٿيو؟ وري به ماءُ آهي. توکي جيڪر اهڙي ٺريل چانهه منهن ۾ ڏئي؟

رام- اها به اڪيائي توکي آهي. اسانجو ته اندر صاف آهي.

هيرو- اندر صاف آهي! مهنجو پل پل زهر ڪري ڏنو اٿو. سارو ڏينهن ڪند ڪند هلي اچي، ڏري ڏري پيون دادي کي ڇهليون لڳن.

رام (شوخيءَ سان وڏي)- تون هر هر اما تي ڇا جو پيو مڇين؟ ماڻهن کان ٽار ڪيو پيو ٻڌان. هاڻي جي گهٽ وڌ ڳالهايو اٿيئي ته پاڻ تون ڄاڻين.

هيرو- ڀاڻ تو ڄاڻان! هي تون ننڍي وڏائيءَ جو لحاظ
تو رکين؟

رام- تون پلي اما کي ڪتنا لفظ ڳالهائيندو وتين ۽ مان
تنهنجو لحاظ رکان؟ وڏو ڀاءُ ٿئين ته ڇا ٿيو؟ توکي ماڻهو
گهر جا ويٺو ٽڪر کارائيندو، تنهنجو وري لحاظ ڪهڙو رکبو؟

هيرو- (اٿي وڏي واڪي سان) هان! هاڻي لاهي
تو گاريون ڏين! خبردار جي وڌيڪ اکر زبان مان ڪڍيو
اٿيئي.

(ديوان گوبندرام، سوٽ بوٽ پهريل، ٽئين زماني
جو ڪرڙو گهڙي اچي ٿو.)

گوبندرام- ڇا آهي؟ ڇاجو گوڙ مچايو اٿو؟

رام- دادا، هيرو سڀهون هٿ مان اٿي آيو آهي،
ڇانهه وٺي اٿس تري، سو هرويرو اما کي پيو گاريون
گهڊ ڏئي ۽ مونسان به پيو ڪڙنسي.

گوبندرام- (هيري کي) اڄ کان اسانجي گهر جو
سرشتو ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو اٿيئي. پوءِ به وٺين ماءُ
تي ڇوهه ڇنڊيندو ۽ ڀاءُ سان ڇپ پوندو.

هيرو- دادا، مان ڪٿي ڇپ پيوسانس؟ ڀاڻ مونکي
حرف پتيائين.

گوبندرام- (شوخيءَ سان) پر ته آڌسين وانگر ڏهر
سان اٿئين ڀاڻ، پوءِ ماءُ بابت ڇو گهٽ وڌ ڳالهايءِ؟

رام- دادا، نوڪر کي مارڪيٽ پر ديرتي وٺي هئي،
سو اما ته ڀاڻ ڇانهه روٽي ڍڪي چلهه تي رکي ڇڏيس.

گوبندرام- هائو، هوءِ وچاري ٻاڙ بيمار، تہ بہ توهان ٻلي پيٽي رهه ماس ڳاري. منجهند، رات، اُٽن وقتن تي ڪلب يا سئنيما مان موٽيو تہ بہ ٻاڦ ٻاهر ڪاڻ ڪيئي، تنهنجو قدر تہ گهوريو. اُلٽو وچاريءَ مان ويڪون پيو ڪيئن.

رام- دادا، اڄ منجهند جو منهنجا مهمان اچڻا آهن. تنهن هوندي بہ نوڪر کي ٽرسائي نيٺ اُگهٽون مارڪيٽ موڪليائينس.

هيرو- (تيسي سان) مون تنهن ڏينهن سنگتين کي گهرايو تڏهن تہ ايڏو هڏ ڪونہ ٽي ڪرڪيس. جهڙي تهڙي مانءِ ڪري منهن ۾ اڇليائين، سا بہ ڇڪين اڃي تيار ٿي ملي.

گوبندرام- (چڙي) هاڻي وري اکهہ ڌڏا ٻانڙ وينو آهين! پنهنجو ڏوهہ ڏسين ڪين، سڀ ٿو ماءُ تي مڙهين... ٻئي ليکي بہ توکي کهڙو حق آهي جو سنگتين جون مجلسون ٿو ڪرين؟ ڪٿي ڪمائي ڇا آيو آهين؟ هڪڙا هزار لٽاياٿين سي پورا ڪين ٿيس، هاڻي دبوان ٻارن جون مجلسون ٿو ڪري! (ڪاڙہ ۾ هڪ ڪوچ تي ويهي ٿو رهي.)

رام- دادا، مان پڻا وڃان ٿو بيڪريءَ مان سانجهہ جي چانهہ لاءِ ڪيڪ پيسٽري وٺڻ.

گوبندرام- هائو، جلد موٽ تہ مهمان اچي نہ وڃن.

(رام وڃي ٿو.)

هيرو- (پيءُ ڏانهن وڌي) دادا، توهين جو هر ڀين

جني اڳيان منهنجي لاهڻي پيا لاهيو ۽ هزارن لکڻ بابت مهڻا ڏيو سو مون کو ڇاڻي واڻي پيسا ٻوڙيا ڇا؟

گوبندرام- پيسن ٻوڙڻ کي وري سگهه ٿيندا آهن ڇا؟ ڀلا جيڪو ڏهين ٻجي هنڌ مان اٿندو، جنهنجو هنڌ ورندو ٿي ڪين، تنهنکان ڌندو واپار ڪهڙو ٿيندو؟

هيرو- آجايا پيا اتومان ڪڍو. ڀائي ڏسو ته مدراس ۾ پيا ٽي سال رهيس، ڪڏهين نوين ٻجي کان ڏير سان شاپ ٿي ويس. رات جو نوين ٻجي تائين جڻ قيد ڪالڙو هوندو هو. گهمڻ ڦرڻ سڀ حرام. سو ڳهي ڳهي ڳوٺ موٽيو آهيان تڏهن ڪٿي ٻه چار ڏينهن ڏير سان ٿو اٿان ته سڀ پيا طعنن سان ڪٽين.

گوبندرام- پر ڌندو ته هوش عقل سان ڪبو تڏهن ڪو آسرو ٿيندو. تو ۾ هوش آهي ڪٿان! ڀلا ٻڌي هوندي ڪان مٿي ۾ اٿيئي ڪٿو.

هيرو- ٻوه ڀڳوان ڌندي ڌاريءَ لاءِ مغز نه ڏنو ته منهنجو ڪهڙو قصور؟ مون ته توهان کي چيو ته واپار منهنجي ڏانو وٽان نه آهي. پر توهان زبردستي ڪري تڏهن لاچار ڪئي مڃيم.

گوبندرام- (ٺٺوليءَ طور) ها، تنهنجي ڏانو وٽان آهي اهو سائني جو ڪم! جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي اٿيئي تڏهن مٿو کائيندو اچيم ته سئنيما لاءِ ولايت موڪليم ته ناچو ٿي موٽان. پرمان تو چوان ته توکي انهيءَ سئنيما لاءِ به ڀڳوان مغز ڪونه ڏنو.

هيرو- دادا، ذري ڳذري اِها ٺڳبازي واجب نه آهي.
سچ پچ ته منهنجي مغز ۾ ڀڳوان پيو ڪونه، وڏا پير ٿو هڻان.

گوبندرام- واهه! ڇا ته مان گسرون ڪيڏي ڀائين، هاڻي موتي ٻگڙيو آهين!

هيرو- (جوش ۾) هائو هائو، واقعي ٿا ڪولايوم لڏهن ٻڌو ته ٻڌايانو: مان برابر نيڪي هوندي البيلو هوندو هوس. اَمي پلا بالڪپڻ ۾ ڇڏي ويئي. هن ٽئين ماءُ ته اچڻ سان مون لاءِ باهه ٻاري ڏني آهي. سنهي پرزيءَ ڪڇائي ڦڪائيءَ تان توهانجي دل تي ڪمند وجهڻ شروع ڪئي اٿس. توهان به سدائين سندس ڳالهه پئي مڃي ڪئي آهي، ۽ شوخي ۽ سختي ڏيکاري، هيسائي هيسائي منهنجي حشمت ئي هاري ڇڏي اٿو. (ميز جي ڪني تي وٺي ٿو رهي.)

گوبندرام- تنهن ڪري تنهنجو مغز هيٺو ٿي ويو آهي! ڇوهان الاجي ڇا پيو؟

هيرو- هائو، ڪيڙي ٻار کي پيار سان هلائبو آهي ته هنجا حوصلا ٻه ڪلندا آهن، باقي جنهن کي هر هر پيو ڏبيو ۽ مٿس ڦٽڪار وجهبي تنهنجي ڪلا نه نڪرندي ته پيو ڇا ٿيندو؟

گوبندرام- هاڻي تون پيءُ کي ٻاڙهڻ ويٺو آهين ڇا؟

هيرو- تيرڻ تي ڪري ٻن ڄڻون کان وڏيڪ مکڻ روٽيءَ کي ليلائبو هو، يا ٻڌل ڦرڙيءَ کان آنو پئو وڏيڪ گهڙڻ جي حجت رکبي هئي ته دادي کي ٿار ڀڃي

ڏينهن توهانجو مني آرڊر پهتو ۽ قرض پڪا ڏيئي ڇوٽڪا
پڻ آيس.

گوبندرام- سو وري مرڪي ئو ٻڌائين. ٻڌڻ وٽ هو
آهي وسري......

هيرو- پوءِ نه آيو ورهاڱو ۽ سنڌ مان ڀڄي آياسون
ٿوري. توهان اچي سگهن تي ڪيو، ۽ جلدي مدراس
۾ ڏنڌي جو بندوبست ڪري ڏنئون. تڏهن وري اِهي
منهن ڪونه تي لاچار هليو ويس اوڏانهن.

گوبندرام- اُهي ته ٽي هزار هاري آئين. مون پگهار
جو پورو هيو ڪري ڪجهه پئسو گڏ ڪيو، تو هٽي ڏهه
سان ڏهه هزار پورا ڪري ڇڏيا. ڇا چوان، دل تي هيڏو
داغ تي پيٺو اٿم... پر هاڻي ليمنه چاڙو ڪرين؟ گهر ۾
ويهي ڪيا گهڙيندين ڇا؟ پئي ۽ گهٽيئي هيلا ڪندو ته
پٽ وهي ڪٽي ۽ ڪمائي ۽ وارو ٿئي. پر پنت ته ڪي همت
همت ۾ ڏني. مورڳوٽي سموري ملامت پئي ۽ تي! هاڻي
هل ته سيان فيڪن تي وني هلان ۽. پنهنجي ڏنڌي مان
واقف ڪندوسانءِ، اهڙو وڄهه مشڪل ملندءِ. پاڻي ڪي
کين لڳائي ڇڏيو اٿم؟ من پئي ۽ جو پيشو اختيار ڪران.

هيرو- (مُڪم ارادي سان) بس دادا! ٻه دفعا
ضعيفائي ڏيکاريم ۽ پنهنجي حياتي ڪاريم، هاڻي وڌيڪ
ظلم مان سهي نٿو سگهان. هيئنئر موٽڪي جڻ وٺندو ٿئن
ڪندس. مان ڪٿن ته ڪري سائيي جو ڪم سکڻ ويندس.

گوبندرام- (ڪاوڙ ۾ اچي) ڇا، توکي هاڻي ايڏي

جراءت ئي آهي جو پيءُ کي ڏمڪائين ٿو؟ هيترو وقت صبر ڪيو ويٺو ته هنجا نخرا سهان ته ٿو ايڏو من وڌائيو جو پيءُ کي سامهون ٿو پوين؟ هاڻي ٻڌ: سيان مائٽ ميٽ ۾ مونسان هلين ته واه، نه ته ڪوڏيءَ ڪان به جواب اٿيئي.

هيرو- ته مان به توهانکي صاف جواب ٿو ڏيان ته مان نيڪن تي قيام ڪين هلندس. رام کي اهو ڏنڊو پسند پويٿو ته مان همسان بدل نه آهيان. مان ڪونه ڪو اپاءُ ڪري ولايت وڃڻ لاءِ توهانکان پئسا هٿ ڪندس.

گوبندرام- ناخلف! هي پيءُ جو ادب ٿو رکين! پيءُ کي ڪتا جواب تو ڏين! (ميز تي مڪ هڻي) ته هن دم نڪر منهنجي گهر مان. اٿهن بن ڪپڙن ۾ نڪري ٿي باهر؛ وڃي گهٽين ۾ ٿاٻا کاءُ.

هيرو- مونکي هن گهر مان هڪالڻ جو توهانکي ڪو حق ڪونهي. مونکي پئسن ڏيڻ لاءِ توهين بدل آهيو. اڇي هي ڪاغذ! (کيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍي پيءُ کي ڏئي ٿو.)

گوبندرام- (ڪاغذ پڙهندي اکيون ڦاڙي ٽيون وڃنس) هان! وڪيل جو نوٽيس! اباڻي ملڪيت جي ورهاست! پٽ ڏي پيءُ کي نوٽيس! او ڀڳوان، ڪهڙو زمانو ڏيکاريو اٿيئي! (ڪرسيءَ تي ڍرڪي پوٿو.)

هيرو- (ڪجهه مدت کان پوءِ، ڳوڏن ڀر سندس اڳيان ويهي) دادا، معاف ڪجو جو لاچار اهو آخرين قدم کڻڻو پيو اٿم. (نيزاريءَ سان) پر ڏسو، منهنجي

ساري حياتي بيڪار ٿي رهي آهي. توهانکي خبر نه آهي ته هن طرح نڪمو گهر ۾ ويٺي منهنجو اندر ڪٿن نه پيو ٿونکي ڪاٽي! سنيما جي ڪم لاءِ ايترو چاهه اٿم جو خاطري اٿم ته اِهو ضرور سوڀارو ٿيندس.

گوبندرام (آخر مڙڻ واجب ڄاڻي)- تـڏهن تنهنجو اِنهيءَ ڪم لئي ايڏو چاهه آهي؟ برابر، ننڍي هوندي کان وٺي ناٽڪن ۾ ڀارت ڪندو اچين. هيڏو به سنيما جي اهڙي ڪا ستي فلم ڪانه هوندي جا گسائيندو هوندين.

هيرو- تڏهن نيت مڃيو!

گوبندرام- ڀلا ان ۾ ڏاءِ ته گهڻا سال لڳندءِ؟

هيرو- دادا، سال ڏيڍ ۾ ڪم سکي وٺندس.

گوبندرام- ڀلا خرچ گهڻو لڳي ويندو؟

هيرو- بس، اهي اٽڪ ڏهه هزار، پيو چا؟

گوبندرام- ڏسجانءِ، متان ولائت جي چوش اچي وڃيئي ۽ موٽڻ جي ئي نه ڪرين.

هيرو- نه نه، دادا، مان اهڙو ويل ڪرڻ آهيان.

(سندس هٿ مان نوٽبس وٺي ڦاري ٿو ڇڏي.)

گوبندرام- چڱو، تڏهن جيترو جلد وڃين اوترو چڱو. شيءِ شڪل وٺڻ ۽ ڪپڙا سباڻڻ ۾ مهني کن ڪان وڌيڪ نه ڪين لڳندءِ؟ پڻي مهني جي پهرئين جهاز ۾ ٽڪيٽ جو بندوبست ڪجانءِ. (سندس پٺي ٺپري) شل ڀڳوان اِنهيءَ ڏنڌي ۾ برڪت وجهيئي!

# ٻه ٻاهيون

(گهرو ننڍو ناٽڪ)

## ڪردار:-

ڀڳوانداس - وڪيل؛
رتنا - سندس ٻي زال؛
موهن - سندس پهرين زال مان پٽ؛
نوڪر

ڇيڇٽو پهريون - احمدآباد ۾ ڀڳوانداس جي
گهر ۾ سمهڻ وارو ڪمرو
ڇيڇٽو ٻيو - ساڳيو ئي مهين ڪانپوءِ

پهريون ڇاپو - "ڊي. ج. سنڌ ڪاليج مسلني" ڪراچي، ١٩٣٢
ٻيون ڇاپو - "پنج ننڍا ناٽڪ" ڪراچي، ١٩٣٧
ٽيون ڇاپو - "سنڌي گلدستو" (ڀاڱو ١) بمبئي، 1951
چوٿون ڇاپو - "چونڊ سنڌي نثر و نظم" (ڀاڱو ١) بمبئي، ١٩٥٣
پنجون ڇاپو - "جيون ڇهڇٽا" بمبئي، 1957

بسنتي- مان هنگي توهان کان وڌيڪ سياڻي آهيان. (مصمم ارادي سان) بابا، هن بيهودي ڳالهه کي بند ڪرڻ لاءِ مان توهان کي ٻڌايان ٿي ته منهنجو مڱڻو ٿي چڪو آهي.

هنسراج- مڱڻو ٿي چڪو آهي! مائٽن جي موڪل بنا! ڇوڪري، تون علم پڙهائي انڌ جي کوهڙي ۾ ڪري ڏوڪيندي ٿي وڃين. انهيءَ سنڌر سان؟

بسنتي (فخر مان)- هائو، سنڌر سائيءَ سان.

هنسراج (ڌڪار مان)- سنڌر سنڌي ڇو.

بسنتي- سنڌي آهي ته پوءِ ڇا؟ هو هڪ اُتم انسان آهي.

هنسراج (ڪاوڙ وچان ڪڪلي)- سنڌي ۽ اُتم!

بسنتي- توهين سمجهو ٿا ته فقط پنجابي ئي اُتم ٿي سگهندا آهن؟ هو هر طرح لائق شخص آهي ۽ پيٽ پالڻ لاءِ هڪ آبرودار ڌنڌو اختيار ڪيو اٿس.

هنسراج- ۽ تون لکوٽيءَ جي ڌيءَ انهيءَ سنڌي ڪتي سان شادي ڪندينءَ؟

بسنتي- بابا، پاڻ سنڀاليو. منهنجي سنڌر کي ڪا اهڙا حرف پڙهيو!

هنسراج- پر تون هڪ ننڍ سنڌيءَ کي هڪ وڏ آکهڻي لکوپتيءَ کان وڌيڪ ٿي ڀائين؟

بسنتي- مان سنڌر کي سڀ کان وڌيڪ وڏ آکهيو ٿي سمجهان.

هيءُ ناٽڪ عامل انسٽيٽيوٽ، ڪراچيءَ وارن، ڏياري
آئس، تاريخ ٣ نومبر ١٩٣٧ تي لکندڙ جي هدايتڪاريءَ
هيٺ ڪري ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ هيٺيان اداڪار هئا.

ڀڳوانداس - ومل ٻولچند واسواڻي

رتنا - ليلان گنگارام واڌواڻي

موهن - پشپا هيرانند آڏواڻي

نوڪر - تلسي گنگارام واڌواڻي

# ڇهون پڙدو

[احمدآباد ۾ ڀڳونداس وڪيل جي گهر ۾ سمهڻ وارو ڪمرو. هڪ پاسي ڇپر ڪٽ پيئي آهي. ٻئي پاسي ڪپڙن جو ڪٻٽ، ڊريسنگ ٽيبل ۽ هڪ ٻه ٽنڪ پيا آهن. ڪنڊن ۾ سبڙ جي مشين ۽ هارمونيم رکيا آهن، جن سيني اڳيان ڪرسيون پيون آهن. هڪ ٽپائيءَ تي ٽيليفون به رکيو آهي. ڀڳوان، ٣٦ ورهين جو جوان وڪيل ڪورٽ مان موڪلي موٽيو آهي ۽ هارمونيم وڄائي رهيو آهي. سندس نوجوان ٻي زال رتنا سامهون ويٺي هڪ فلمي راڳ ڳائي. راڳ پوري ٿيڻ بعد ڀڳوان پيار وچان اٿي رتنا جي ڪرسيءَ واريءَ ٻانهن تي وڃي ٿو ويهي ۽ کيس چوي ٿو:]

ڀڳوان- رتنا، تنهنجو راڳ ٻڌي ته منهنجي من ۾ امنگ اچيو وڃي. خاص ڪري اهو راڳ ٿي ڳائين ته منهنجا خيال الاجي ڪيڏانهن اڏاميو وڃن.

رتنا- پر اهو راڳ ته مونکي سيکاريو به توهان. ٻاڻي ڪنواري هوندي ڪراچيءَ ۾ استاد رکي ڏهه جو طرزون سيکاريندو هو گوڻن وارا ٻون، راڳڻيون ۽ گتيون، جن مان مونکي فرصت ئي ڪانه ايندي هئي. باقي توهانجا سر ته اندر کي آنند ڏيو ڇڏين.

ڀڳوان- تون ڳائين به اندر جي آنند مان ٿي. امنگ،

وڃان ڇھوڻي ٻھڪي ٿو پوي. مان ته بعضي تنھنجو راڳ ٻڌي ارغيبي دک ۾ ٻڏو وڃان.

رتنا- دک وري ڇا جو؟ مثان ڇھن مھن ۾ ئي مون مان ورچي پيا آھيو.

ڀڳوان (گھراھٽ ڀري ٻاني)- تو منڙي ۾ مان ڪيئن ورچيو؟ ۾ سچ، تنھنجو آواز اھڙو پيل ۽ ملائم آھي جو اندر ۾ ڀھو وڃي ۽ ڪن سنتلين لھرن کي وجھو جاڳائي.

رتنا- ۾ ھيئن دک وڃان ڇو پيا ڳاھايو؟ مان ڏسندي اچان ته ڪڏھن ھڪ ٻئي جي پيار ۾ مڳو ھوندي ۽ توھانجي ڇھري تي غمگيني ترڻ اچي، توھانجو آواز ڳورو ٿيو پوي. الاجي، مونھ کي اوڻايون ته ڪونھن جنھڪري مون مان نااميد ٿي پيا آھيو؟

ڀڳوان- ٻلڙي، اوڻايون ڇا جون؟ تو ته ٻاڻ منھنجي اڪيلي ۽ اونداھي گھر ۾ پيار جي روشني آندي آھي. منھنجي نند ڙي موھن کي ۽ ڪيڏو قرب ڏيکاريو اٿيئي.

رتنا- تڏھن ڀلا اھا غمگيني ڇا جي؟ ڇو ٿا پنھنجو پيار ۽ خوشي غم سان ميٽي ڇڏيو؟

ڀڳوان- منڙي، انسان جي دل ھڪ اونھو اسرار آھي، جنھن خوشي ۽ غمي جي وچ ۾ سنڌو ڀھاري نٿو سگھجي. ٻئي ھڪ ٻئي ۾ ڳنڍيون سيبون پيون آھن.

رتنا- پر ھي، منھنجي راڳ ٻڌڻ مان توھانکي ڇو ٿو دک ٿئي؟ جاڻي، ڪرڻ ڪارڻ ھوندو. (ڳچيءَ ۾ ٻانھن

وجهيس ئي) ڏسو مونکان ڪا لڪايو؟ مونکي به ڪا ڏکي ڪريو.

ڀڳوان- نه رتنا، مان ڪيئن توکي ڏکي ڪندس؟ سچ پڇ ته مونکي پاڻ سمجهه ۾ نٿو اچي. (مونجهاري ۾) پر هاڻي خيال ٿو ڪريان ته شايد..... شايد تنهنجو ڳائڻ ٻڌان ته..... ديويءَ جو ڳائڻ اچيو ياد پوم.

رتنا- ديويءَ جو ڳائڻ؟

ڀڳوان- هائو، منهنجي ديوي...... منهنجي موهن جي ماءُ. هنجي ۽ تنهنجي آواز ۾ گهڻي مشابهت آهي.

رتنا- هان! تڏهن انهيءَ ديويءَ جو آواز ياد ڪري منهنجو آواز توهانکي پسند نه ٿو اچي؟ مرڳوئي ٻڌڻ سان دل ۾ ڏک ٿو ٿيو؟ نه اڳتي ڪڏهن مان نه ڳائيندس. زور ڪري ڳارائيندا به توهين پاڻ آهيو.

ڀڳوان- ڏس وري. تڏهن انهيءَ ڳالهه ڪرڻ مان توکي ڏک ٿيو؟ مان نه توکي ٻڌائڻ کان هٽڪيس ٿي.

رتنا- توهين مونکي ٻڌائڻ کان ڇو نه هٽڪندا. پنهنجي ديويءَ جون يادگيريون ڇو نه پيا اندر ۾ لڪائيندا. مان ڪا انهيءَ جي مٽ آهيان ڇا جو توهانجي حال ڀائڻ ٿيڻ جي لائق ٿينديس.

ڀڳوان- رتنا، ڇرين ڇا پيئي؟ خبر به، اليئي ته مان توکي ڪيترو ٿو گهران ۽ تو مونکي ڪيتري خوشي ڏني آهي، ته به پيئي اهي اجايون ڳالهيون ڪرين.

رتنا- خوشي ئي چڱي ڏني ني مانو. خوشي ته سان

جا سال اڳهيءَ ڏٻويءَ جي سنگم مان مليا هئا. مون ته مرڳو نئين اچي توهان کي ڏک ۽ رنج وسايو آهي. ڇهن مهينن ۾ گهر ئي زهر ڪري ڏنو ٿي مانو.

ڀڳوان- هاڻي مون نه، تو ۽ هيرو ويرو کٽي منهنجي ڇوڪري تان دل ۾ ڪيو اٿيئي......سانجهون ٿي ويون آهن ۽ هل ته سابرمتيءَ تان ڦيرو ڏيئي اچون. ڪڪو به سڪول مان اڃا آيو ڪي آيو.

رتنا- نه نه، مون سان گهمڻ مان توهانکي ڪهڙو مزو ايندو. نديءَ جي ڪناري تي ٻه پاڻيءَ ۾ اڳهيءَ ڏٻويءَ جوئي پيا پاڇو ڏسندا. تنهن کان پنهنجي ڪڪي کي وٺي گهمائي اچو.

ڀڳوان- ٺهيو رتنا، هاڻي هلي ڪپڙا پاءِ. اڄ ته مان توکي ڪپڙا ڪڍي ڏيان.

رتنا- مون ڇيومانؤ ته مونکي گهمڻ هلڻ ڪونهي. هيرو ويرو هلي من جڪاهان، تنهن کان گهر ۾ ئي ويٺي آهيان. (منهن منهن تي چاڙهي ٻيءَ ڪمري ۾ وڃي وهي ٿي.)

ڀڳوان (ٻنيانٺس وڃي)- رتنا، هي ڪرڻ ڇا ٿي؟ ٻار آهين ڇا؟...هاڻي مان تو توکي پنهنجي پسنديءَ موجب ساڙهي ڪولي ڏيان. ڏسان ته مونکي ڪيئن ٿي موٽائين. (ڪبٽ کولي، ساڙهيون اُٿلائي پٿلائي، ٽري مان هڪ زيڪ واري اڇي ساڙهي ڪڍي آڻي رتنا اڳيان جهلي ٿو ۽ ڳراهڻڙي پائي چويس ٿو:) اڇي هي

اچلائيس تي ۽ ڊريسنگ ٽيبل ۾ رکيل مٽين جي پيٽيءَ مان ٻيو هار ڪڍي ٿي.)

ڀڳوان- ٻيا مٽيا ڪين پچائي نوان گهڙائي ڏنا مانءِ؟ ٻر موتين جو هار ته ڪين پچائيو. انهيءَ پاڻ ۾ ڪهڙو گناه آهي؟

رتنا- ها ڪهڙو گناه آهي. جنهن ٻاهه ٻري اٿي سيڪ اچي. گهڻا ڏينهن ڏسپ سنا اٿم. هينئر مان اهڙي حالت ۾ نٿي ڪاڻ آهيان جو وڌيڪ سهي سگهان.

ڀڳوان- ٻلڙي مان سمجهان ٿو. ٻوءِ هر ويڙهو ڇو ٿي پاڻکي بيزار ڪرين؟ نهين هاڻي من کي شانتي ڏي.

رتنا- شانتي وري من کي ڏوڙ مان ايندي. هيترا ڏينهن ٻاقي ٻه ٻاهر ڪاڻ ڪڍي اٿم. ٻر توهين لپ لپ تي پيا اها ديوي منهن ۾ ڏيندا ۽ سندس گڻ ڳائيندا ته ڇڄبو ته مان سندس پادر ۾ پيو پاڻ لائق به ڪاڻ آهيان.

ڀڳوان- ٻر ديويءَ جا گڻ ڳايم تنهنجو هر ويڙهو تنهنجي گهٽتائي ٿي ڇا؟ سچ، هوءَ ته گڻن جي کاڻ هئي. (پڇ واريءَ تصوير ڏانهن اشارو ڪري) هوڏانهن سندس شڪل ٿي ڏس، ڪيئن پيئي منهن مان سندس اندر جي مٽيا بکي! ٻر تنهن مان اٿين نه سمجهه ته ٽرکي ڪو مان گهٽ ٿو........

رتنا- (خارن مان) ٻاقي اهو ڏسپ رهيل هو سو به ڏنو. اها تصوير ڇاجي ڪڍ ڪري، پڇ جي ڀوري ٻيائي ٽنگي اٿو؟ اهڙي جي سندس سار هيو ته ٻي

شادي ڪيئن ڇڙي ٿي؟ گھڻا ڏينهن انهيءَ تصوير ۾ اندر جلايو اٿم. هينئر مان به پنهنجي هٿ لائيندي پس. ڏسان ڪير ٿو مونکي آڏو اچي. (اماڪ ڪرسيءَ تي چڙهي تصوير پٽ تان لاهڻ جي ڪري ٿي؛ پر ڪوڪي مان نٿي لهيس تڏهن زمين مان ابتي ڪري تي ڇڏي.)

پگوان (وسمئي ۾)- رتنا، تنهنجو هوش ته جاءِ آهي؟ اڄ تون هلت کهڙي پيئي ڪرين؟

رتنا (ڪرسيءَ تان لهي)- هائو، منهنجو هوش جاءِ ڪونهي. مان اڄ ديواني ٿي پيئي آهيان. پر کهڙي ۾ آهيان، پنهنجو اپمان وڏيڪ ڏسڻ لاءِ تيار نه آهيان. توهان مونکي ڏڄها ڏينئي ساڙيو آهي. منهنجو مان ڪسيري جيترو ڪيو اٿو...... ماڻهن ۾ الاجي ڪٿي ڪٿي پلؤ اڙايم. ڇي پٽ هندورن ۾ وڃي لڏندي. مرڳو بار ٿي ۾ ڪٽي وڌائون ۽ منهنجي حياتي به ڪاريائون. پل پل وه ٿي پيو اٿم. (پلنگ تي وڃي ٿي ٻاٽڪي اڇلي ۽ اوڇنگارن ۾ ڇنڪي.)

(پگوان وڏي دلداري ڏيڻ وڃيس تو ته مٿان ڪڪو موهن اسڪول مان موٽي ٿو ۽ ڪتابن جو ٿيلهو ڊيسڪ تي رکي اُتان آپياس جو رجسٽر کڻي پيءُ ڏانهن وڌي ٿو. رتنا ڇرڪ ڀري کڙي ٿئي ٿي ۽ اکيون پيئي اگهي ۽ وار پيئي ناهي.)

موهن- دادا، ماستر هي رجسٽر ڏنو آهي ته پيءُ کان صحيح ڪرائي اچجانءِ.

ڀڳوان (رجسٽر ونئي ڪرسيءَ تي ويهي ٿو وراڻي ٿو ۽ موهن پريشان بيٺو آهي)- ڪيئي امتحان جو نتيجو آندو اٿيئي...... پر موهن هي ڇا؟ فقط ڊرائنگ ۽ ڊرل ۾ چڱيون مارڪون کنيون اٿيئي. ٻين ڪمن ۾ پاس مارڪون ؛ انگريزي، هسٽري ۽ جاگرافيءَ ۾ اصل ناپاس. موهن تون شايد پڙهڻ تي ڪو ڌيان ڪونه ٿو ڏين. ـــــــ تي پيو آهين.

رتنا- ٻار کي ڇرڇيون ڪيون هڪ پاسي ۽ ٻول مال ٻئي پاسي ڪارائي ڇڏي ته هيو ٻوت پيو کهڙو حال ٿيندو؟ ڳهو ڳهماڻا ڦيراڻ تي زور، شين ۽ راند ڪن جي ٻيئي پوندي ته ٻار ڪري ٻو نم ته ڇا ٿيندو؟

ڀڳوان- تڏهن موهن، توکي پڙهڻ لکڻ جو ڪو اونو ڪونهي. ٻر سال پهرئين درجي مان ڇهه ڇاهه ڪري پاس ڪرايو مانءِ هيل ناپاس ٿيڻو اٿيئي ڇا؟

موهن- دادا، مان گهڻو ئي پڙهندو آهيان. ماستر ڪان ڪٺي پڇي ڏسو ته گهر جا ڪم ڪين سي پورا ڪري ويندو آهيان.

رتنا- احمدآباد جي اسڪولن جو پاڙهڻ وري ڪهڙو آهي. ستين درجي وارن کي ــ سنڌين سوڌي ست انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ ڪانه ٿي اچي. اتا بمبئي ۾ چڱو ٿا پاڙهين.

ڀڳوان- ها، بمبئي جي گراهم سڪول ۾ ڇوڪرن جي

ٻار ڏاڍي ڇڪي ٿي ٿي. خاص ڪري انگريزيءَ ۾ ڇڳو محاورو ٿو ٿئين. موهن، تون بمبئيءَ ۾ پڙهندين؟

موهن - توهين ٻه اچي هلندا ته مان ڇو نه هلي پڙهندس.

ڀڳوان - مان توکي هلي اسڪول ۾ وهاري ايندس. دادي رامي وٽ رهائي ايندوسانءِ.

موهن - نه دادا، مان اتي اڪيلو ٿيندس. مان هتي محنت ڪري پڙهندس ۽ راتڙين ۾ وقت ڪونه وڃائيندس.

رتنا - ٻارهين ورهين جو ٿيو آهي ته به ملڪ ۾ پڙهي پيو درجو انگريزي. اڃا به چار سال شايد ٻيا به وڃائتا اٿس. ڇا ڇوٽي وٽ ولڊريو وينو هوندو. اڪيلو وري ڇا جو ٿيندو؟

ڀڳوان - موهن، بمبئيءَ ۾ ڏاڍا مزا اٿيئي. سئنيما، ٿراموءِ، سمنڊ، پيڙيون! دادو رامون توکي ڏاڍو گهمائيندو. سندس ٻار توکي ڏاڍو پيائيندا.

موهن (ليلائي) - نه دادا، مان بمبئي ڪونه ويندس. مان توهان وٽ رهندس...... (اوچتي چنبي مان) ٻاپي ته مونکي سهي ٿي ڪانه، ڀانئين ته مان گهر ۾ نه هجان ته ڇگو. خرچي ڏيڻ ۾ به مونکي رئڙائي. ڪپڙا به پراڻا ميرا ٻارائي.

رتنا - هان! هاڻي وري هي ننگ جيڏو چوکرو ساماڻو آهي. مڪڙ جون ڄيڪون ٻڌائي، ڪشالا ڪيڏي ويئي نپايائس ته مرڳو موٽي ڦڙيون ٿو ڪري. ڪي ٻه

مات ڪري وٺو ڏسي ٻڌي. مان پنهنجي اهڙي لاهڻي ڪانه لهرائيندس، ڪانه لهرائيندس.

ڀڳوان- موهن، تون اهڙو بي ادب ٿيو آهين جو ماءُ جو مان ڪونه ٿو رکين. گهڻا پيرا سمجهايو ٿيمانءِ ته رتنا کي ماءُ ڪري سمجهه.

موهن (جوش ۾ اچي)- ٻاٻا ڪهڙو مونسان ماءُ وانگي هلي آهي؟ پينو ٻه ڪين سهيم. اٺي وٺي پيٺي گسوون ڪڍيم؛ توهانکي چغليون هڻي. هاڻي توهين ئي ٻـ تا هرو ڀرو مونتي ڪاوڙ ڪريو. (روئي ٿو)

رتنا- هي ڇوڪرو ته لاهي پاڻي لونيو ٿي بيٺو آهي. ڳاريون ٻه ٻاڪا ڏئي، هاڻي وري ميڪ ميڪ ڪري ٿو پيءُ کي ٻه ڀڄاري. اٿين ته ٻارن جي ڏکري لڳي آهي. ٻار پيو ماءُ جي آبرو وٺي، پيءُ وٺو مرڪي ٻڌي! مان هن گهر ۾ ڪانه جاليندس، ڪانه جاليندس. (ٻاهر هلي وڃڻ جي ڪري ٿي ته ڀڳوان ڪاوڙجي موهن کي ڇوري ٿو:)

ڀڳوان- هاڻي صبر ڪر. روئي ٿو مونکي ٻه ڀڄارين! تون اصل ڪرڄي ٻهر ٿي پيو آهين. مهنجي گهر ۾ رهڻ جي لائق ٿي ڪونه آهين. توکي سياڻي ٿي بمبئي اپڙائي ٿو اچانءِ. هاڻي نڪري وڃ هتان.

(موهن پيءُ ڏانهن لڙڪن ڀريل اکيون کڻي روئندو هليو ٿو وڃي.)

# ڇهون ڀيون

(اٽڪل ٽن مهينن کانپوءِ، ڏيئي ٻرڻي مهل ساڳيو
ڪمرو، فقط ديوار تان ديويءَ واري تصوير لاٿي وئي
آهي. رتنا جنهنجو مدو اچي پورو آهي، سا ڪپڙو مٿان
وجهي پلنگ تي ليٽي پيئي آهي. ڀڳوان ڪلب مان ڦيرو
ڏيئي جلد ئي موٽي آيو آهي پاسي ۾ ڊيسڪ تان ٽپال کڻي
لڪڙ ۾ پڙهي ٿو. هيو خط پڙهندي ئي لٻيءَ ۾ پئجي ٿو
وڃي. ٿوري وقت پڄاڻان رتنا چوي ٿي:)

رتنا- ڪهڙي خيال ۾ پئجي ويا آهيو؟ ڪٿان خط
آيو اٿو؟

ڀڳوان- بمبئي مان رامي وٽان. لکي ٿو ته ڪڪي
جو تپ اڃا ته لهي ئي نٿو. ڪالهه کان وٺي ٿوري کنگهه
ٿي اٿس.

رتنا- کنگهه، تپ ٻارن کي ٿئي پيو، لهي ويندس.

ڀڳوان- توکي خبر ناهي، هنجي ڇاتي ضعيف آهي.
ننڍڙي هوندي نمونيا ٿي هيس، تنهن مان الاجي ڪيئن
ڇٽو هو.

رتنا- ٻو هر ويرو انهيءَ بيماريءَ جو ڇو ٿا خوف
ڪريو؟ تنهن کانسواءِ ڪو سٺو ڏارين وٽ ڪونه رهيو
پيو آهي. ڇاڇس جو ته مٿس ارواح آهي، سو دوا درمل

۽ هر طرح جي پرداخت پيا ڪندا هوندس، جلدئي چڱي ٿيندو.

ڀڳوان - ته ته، مونکي ڏاڍو اونو ٿي بيٺو آهي. ٽيون ڏينهن پهريون بيماريءَ جو خط آيم، تڏهن ٿي منهنجو هنيانءُ ڳري ويو. اهو خون وارو ڪيس ٻيو ڪورٽ ۾ هليو، نه ته يڪدم چڙهي وڃان ها. هاڻي ڇنڇر آرتوار اچي ته وڃي ڏسي اچانس.

رتنا - پر توهان هيڏي دل ڇو ننڍڙي ڪئي آهي؟ اجايا پيا ويچار ڪريو. خوف هجين ها ته پاڻين اٿين جاڳائي ڪين ها؟ تار ڪين ڪري ها؟

ڀڳوان - ڪڪي کي ٿوري ئي ناچڱائي ٿئي ته منهنجو اندر ئي ڪاڄي وڃي. پر برابر اهڙي لوڀ جي ڳالهه ته رامي ڪانه لکي آهي. ڀڳوان چڱي ڪندو...... تنهن کانسواءِ تنهنجو به اونو ٻيٺو اٿم. ڊاڪٽر پاڻي اڄ ڇٽي ويٺي ته. باقي ڏينهن ٻن جي دير آهي؛ اهڙي حالت ۾ توکي ڪئن پٺيان ڇڏي وڃان.

رتنا - شڪر جو منهنجو به اونو ٿئيو ٿو. جڏهن ڪڪو بمبئي ويو آهي تڏهن اڄ ئي ٿي تاس پڇار اٿو. مونکي ته پورو پڇو به ڪونه.

ڀڳوان (پلنگ تي ويهي کيس ڳراهڙي پائي) - ڏس رتنا، اهو مهڻو مونکي ڪئن ٿي ڏين؟ ڏسين ڪانه، وڃي ته مونکي تنهنجو ڪيترو اونو آهي؟ رات جو به

ٺڪي ٿو. ڀڳوان ڇرڪ ڀري اٿي ٿو ۽ چوي ٿو:)
ڪوڻ هيءُ؟

(نوڪر اندر اچي ٿو ۽ هڪ تار، رسيد ۽ پينسل ڀڳوان کي ڏئي ٿو. ڀڳوان رسيد صحيح ڪري نوڪر کي ڏئي ٿو، جو موٽي وڃي ٿو. تار جو لفافو ڦاڙي پڙهي ٿو ۽ اماڪ ڦڙڦوٽ ۾ پئجي ٿو وڃي:)

ڀڳوان- ڊاڪٽر ظاهر ڪيو آهي ته ڪڪي کي نمونيا آهي. ٻئي ڦڦڙ وڃي ويا اٿس...... بمبئي واري گاڏي ڪيڏي مهل ٿي وڃي؟ (ڊيسڪ تان ٽائيم ٽيبل ڪڍي جاچي ٿو) ٻارهين بجي...... هينئر گهڻا لڳا آهن؟ (ٻانهن واري واچ ڏسي ٿو) باقي اڍائي ڪلاڪ. (ٽڪڙو ٽڪڙو وڃي ٽيليفون تي ڳالهائي ٿو:)

Hello! Railway Station, Number eight-four:five please......Is that the Station Master? This is Bhagwandas, advocate, speaking ......... One second class berth for Bombay, please, by the eleven o'clock train.........What? Twenty-four hours' notice? But this is urgent. Won't you try, please ......... Right ho. I will take my chance. Thank you.

(ٽيليفون رکي نوڪر کي ڪوٺي ٿو:) ڇوڪرا! (ڊيسڪ اڳيان وڃي نوٽبڪ ڪيئي لکي ٿو. نوڪر اندر اچي ٿو:)

رتنا- راتوڪيءَ گاڏيءَ ۾ ٿا بمبئيءَ وڃو ڇا؟

ڀڳوان- (لکي پيو) ها، ٻي وري کهڙي گاڏي

آهي؟ (نوڪر کي) ڊيکو سيتارام، ڀاڄ ڪري ٻي چئي هماري منشي کي گھر ۾ دو، اؤر ٻولنو ڪ ايڪدم گھنشامداس وڪيل ڪو ڀچانا تو وه همارا ڪيس مهمل ڪرائيگا. (لفافو بند ڪري ائڊريس وجھي نوڪر کي ڏي ٿو، هو ”حاضر صاحب“ چئي وڃي ٿو. ٻاهر اماڪ هڪ سوٽ ڪيس ڪنڌ مان ڪڍي هڪ ٽپائيءَ تي رکي ٿو. ڊريسنگ ٽيبل ٽوڙي ڪٻٽ جي خاني مان ڪپڙا ۽ ٻيون ضروري شيون ڪڍي منجھس وجھندو وڃي ٿو.)

رتنا- ههڙن اتاولا ڇو ٿيا آهيو؟ رات واري گاڏيءَ ۾ هلاڪي ڪانه ٿيندي؟“

ڀڳوان (خفي ۾)- تڏهن سيان سوراشٽر ايڪسپريس ۾ نڪران ۽ سانجهن جو وڃي پهچان ڇا؟ ٽيستائين الاجي ڇا ٿي پوي؟ ڇوئن خبر نه آهي ڇا پيئي!

رتنا- پر منهنجو ٻه ته ڪو خيال ڪريو. توهين اڪيلن اڳيان نه هوندم ته مان نه اهڙي وقت ۾ پوري ٿي ويندس. گھر ۾ ٻيو ڪو مرد ماڻھو به ڪونه ليي.

ڀڳوان- منجم ڪيس ٻولي ڪنبو آهي. ڪالھ ڏسي وڃي اٿيئي. مان ڀاءُ گوبند کي سڀ سمجھائي ويندس. وقت پئي منجم کي ڪوئي ايندو. امي خدمت ڪرڻ واري وٺي اٿيئي.

رتنا- گوبند وري ڏٺو مڙس ماڻھو ساماڻو آهي. هو ٻار، تنهنڪان ڪهڙي آڏيءَ ماڻهيءَ همت ٻڌندي؟

ڀڳوان- ٻار ڇاجو آهي؟ سنئون ڊرجو ٿو ٻڌجي. منهنجي ڪوني ايندو، ٻي ڪا ڪونڌر هٽڻي اٿس ڇا؟

رتنا- پر ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي. ڪجهه هيڏانهن هوڏانهن ٿي پوي. نه ته توهان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جو هڏ ڪڙڪندو؟ مونکي اڌ ٽڪو قتو ڪري ٻاڻ هليو ٿئو وڃي ٻاهر! (روئڻ هارڪي ٿئي ٿي.)

ڀڳوان (وڏي ٻئي نوريس ٿو)- پر تون دل ڇو ٿي لاهين؟ ڀڳوان سڀ سولي ڪندو. ٻئي ليکي، مان ٻه ڪيئن ڪريان؟ ڏسين ٿي نه ٻن ٻاهين جي وچ ۾ اچي پيو آهيان. هيڏانهن تنهنجي نازڪ حالت، هوڏانهن ڪڪي جي جان جوکي ۾.

رتنا- جان وري ڇاجي جوکي ۾ اٿس. سون کي پيٺي نمونيا ٿئي، سو ڇٽيو پون. خاطريءَ جهڙي خدمت پيٺي ٿيندي هوندي پس. هيڏانهن توهين پٺ ڏيندا ته منهنجي ڪرڻ وارو ڪير ٿيندو؟ مان پڪ ٿي ڏيانو ته مونکي جيئرو ڪونه اچي ڏسندا.

ڀڳوان- پر رتنا، ويچار ته ڪر، تنهنجي ۽ ڪڪي جي حالت ۾ زمين آسمان جو فير آهي. توکي ته ڪا خاص تڪليف ڪانهي. ڊاڪٽرياڻي خاطري ڏئي ويئي آهي ته ڪيس ۾ رواجي طرح سان ڪا به تڪليف ڪانه ٿيندي. هوڏانهن ته ڊاڪٽر صاف ظاهر ڪيو آهي ته ڪڪي کي ڊبل نمونيا آهي. توکي تفاوت ٿي ننڍو ڏسڻ ۾ اچي.

رتنا- ڏسڻ ۾ اچيم نه اچيم، توهين ڪو پنهنجي هوڏ

هاڻي خوشي ڪر! سرهي ٿي! (اوچتو گمڀير ٿئي ٿو
وڃي ۽ گهگهي آواز ۾ چوي ٿو:) ٻوڙو ٿيس! ٻرمٽو ٿيو
ٿيس! زال جو مڃو ٿيس! پنهنجي سڪيلڌي کي روئندو
گهر مان لوڌي ڪڍيم. ڌارين ۾ ڪٺي ڦٽو ڪيومانس.
ويچارو ٻڍائي گهر ۾ ٿي هڙ ڪڍي ٿي ويو. ٻڍاڙيءَ ۾ مڪاميابو
به ڪونه ڪيومانس. هڪ مٺو اکر به ڪونه ڳالهايومانس.
او ڀڳوان! (منهن ڪٺي اُو هٿن ۾ لڪائي ۽ سڏڪا ڀريو
پوي.)

# ميلاپ

(انتر-وواه جي مسئلي تي ننڍو ناٽڪ)

ڪردار:-

موهنا شهاڻي - سنڌي ڇوڪري؛

دولترام - موهنا جو وڏو ڀاءُ؛

مڌو جوڳلڪر - مهاراشٽري ڇوڪرو؛

مڌوءَ ماءُ؛

لتا - مڌوءَ جي جهوني پريمڻ.

ڇهڙتو پهريون - بمبئيءَ ۾ هڪ ڪاليج جي ٽينس ڪورٽ.

ڇهڙتو ٻيون - شولاپور ۾، مڌوءَ جي گهر ۾ هڪ صفحو.

پهريون ڇاپو- "ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مسلني" ڪراچي، 1934

ٻيو ڇاپو- "سنڌڙ ڪهاڻيون" (پارت جيون) حيدرآباد، 1944

ٽيون ڇاپو- "هندواسي"، بمبئي، 1954.

چوٿون ڇاپو- "جيون ڇهڙٽا"، بمبئي، 1957

# ڇهون ڀيرون

(ٻاماشام وقت، بمبئيءَ ۾ هڪ ڪاليج جي ٽينس ڪورٽ تي مڪسڊ ڊبلس پوري ٿي وئي آهي. ڪورٽ وٽ ٻه بينچ رکيا آهن جن اڳيان موهنا شهاڻي ۽ مڌو جوڻيڪر بيٺا آهن. موهنا پنهنجي ساڙهيءَ جو پلؤ ڍاهي پيشي ٻڌي ۽ پوءِ بينچ تان پوش کڻي، رڪيٽ ان ۾ وجهي ٿي. مڌو به رڪيٽ ويڙهي رکي ٿو ۽ مفلر ۽ ڪوٽ پهريو پائي.)

مڌو- تو اڄ راند ڏاڍي سٺي ڪئي.

موهنا- ڇا ڪجي، تو نيٽ تي سٺي راند ڪئي ته ڏهن منٽن ۾ کٽيسون. هاڻي ڏسون سيمي فائينلس ۾ ڇا ٿا ڪريون.

مڌو- اڄ وانگر جي ساري ڪورٽ پنهنجي سنڀالي بيٺينءَ ته اميد آهي ته کٽنداسون. موهنا، پوءِ تون ڪاليج جي چئمپين ٿيندينءَ! پوءِ ته تنهنجو نالو ڪاليج ۾ وڃي ويندو.

موهنا- نالو ته اڳيئي وڃيو پيو آهي جو تو سان پارٽنر ٿي آهيان. ڀلا تون پڙهڻ ۾ به هوشيار، سنگلس ۾ چئمپين، سو ڇو اٿيئي چوڪريون حسد وچان ڪهڙا ٿيون خار کائين جو اسين گڏ ٿا راند ڪريون؟

مڌو- ٺر ٺر، تون مونهنجي دل تي پريائين. اهي سنڌي

ڇوڪرين حسد وچان ڪونہ ٽيون خار کائين، پر انهيءَ ۾ تنهنجي گهٽتائي ٿيون سمجهن. ٻئو ڏانهن خبر اٿيئي سنڌي ڇوڪرا لنگهندي پاٺيندي مونسان بہ پيا ڪونسن. مان تو لوکي انجو سڄو سبب ٻڌايان: (جوش ۾) اهو سڀ هن ڪري جو مان مهاراشٽري آهيان.

موهنا- پر سو ڇا؟ انهيءَ ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي؟

مٺو- تون تہ ڪٿي اهڙي فراخدل آهين جو انهيءَ ۾ ڪو پيد نٿي ڏسين. پر ٻيا سنڌي بہ ڪو اهڙو بغض دل مان ڪين. هو پاڻين ٿا تہ جيڪو سڌارو ۽ واڌارو آهي سو سڀ اسان ۾، ٻيا سڀ آهن اڻسڌريل ديهاتي.

موهنا- هائو، سڌارو اهو اٿن جو ننڍ ۽ ٿان ۾ پيا ڇڙهن. خوب سونٺ ٿايون پائين ۽ ڪيترا تہ پيڙيون بہ ڇڪين. مورڳو ويچارا ٻين پرانتن جا ابوجهہ، سي بہ سنڌين سڌ ڪري ڪٽريا آهن.

مٺو- ۽ واڌارو تہ امتحانن جي نتيجن مان ظاهر آهي: گهڻا ٿا ڪلاس ڪڍن، گهڻا ٿا انعام کٽن؟

موهنا- بس، ماٺهو ڇون تہ سنڌي ڏاڍا سمجهو ۽ ڪٽڙا آهن، تنهن ڪري ڀرتي نهال آهن.

مٺو- (ناپرجي) پر مان ڪو سنڌين برخلاف ڪونہ آهيان. مان تہ جنهن ڪاليج ۾ آيو آهيان تنهن جدا جدا پرانتن جي ڇوڪرن وچ ۾ نفاق ڏسي دل کي صدمو پهتو رسندو اٿم. ميٽنگن ۽ ليڪچرن تي بہ هميشہ اهو رخمو ميٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

موهنا (شرمائجي)- تڏهن ته مان به ايف. اي ڪلاس کان وٺي توکي ساراهيندي اچان. سچ، اهي ٽي چار سال ساڳي ڪلاس ۾ پڙهيا آهيون ته مون به اهي آزاد خيال تنهنجي اثر هيٺ پرايا آهن.

مدو- اها ته تنهنجي چڱائي آهي. مونکي به انهيءَ اتفاق ميٺڙ جو احساس تنهنجي صحبت مان وڌيو. مونکي سڌ آهي ته تون به ڇوڪرين وٽ انهيءَ ڏس ۾ ڪيترو پاڻ پتوڙي رهي آهين.

موهنا- پر اڃا ڪڙ ٽيل ته ڪونه ٿو اکري.

مدو- موهنا، اميد نه هارڻ کپي. ڪوشش ٿي ڪم ڪندا سون ته پيا به ڪي نڪري نروار ٿيندا، ۽ اسانجي ڪاليج مان اهو روڳ پٽي ڪڍڻ لاءِ ڪمر ڪشيندا.

موهنا- اميد ته اها آهي، پر اڃا ته جڏهن تڏهن وڏ موڙيو هاڻي ته ليڊيز ڪامن روم ۾ تنهنجو ڳالهه ڪڍي گهڻن ته پاسيرو ٿي سس پس پيون ڪن. (وري شرمائجي) الاجي ڪهڙا اوڏمان پيون ڪڍن.

مدو- تڏهن توکي منهنجي ڪري ايترو سهڻو ٿو پوي؟ مان به ڏسندو اچان ته اڳي توهين سڀ ٽينس پوري ڪري، سانجهي جو گڏجي ميڙ ڪري گهر وينديون هيون. پر ڪيترن ڏينهن کان، جڏهانڪر اسان پنهنجي ٽورنامينٽ لاءِ گڏجي پريڪٽس شروع ڪئي آهي، تڏهانڪر توکي جدي پاڻ اڪيلي کسڪي هلڻيون وڃن.

موهنا- تڏهن ته مون به دل پڪي ڪئي تنهن ڏينهن توکي

ڇو تہ مونکي وات تي گهر اماڻيندو، پوءِ ٽرن گهر وڃ؛
۽ تو بہ خوشيءَ سان مڃيو.

مدو- اڄ بہ ڪين مڃيندس؟ هونءَ جو ڪڏهن ڪڏهن گڏجي هئو، سو هينئر تہ ڪي ڏينهن هر روز ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو وجهہ مليو.

موهنا- توسان گڏجي هلڻ ۾ خوشي مونکي بہ ڪا گهٽ ڪانہ ٿيندي آهي. ڇوڪريون تہ هاڻ وهلور پيون وڃن، وڏاءُ ڪرڻ سان گهٽائين ٿي ڪين ٿيون: ڇي سائني تي ٻاڻ سان وڻي ويو هوس، ساڃهن جو گهمڻ نڪتا هئاسين. پر انهن سان مان ٻچڻ جوڳي آهيان، باقي...(مدو ڏانهن ڏ ڪاڻڇيس ٿو.)

مدو- ڇو، هيڪين ڇوٿي؟ ڇا آهي؟

موهنا- ڪي ڪيهي.

مدو- ڪجهہ تہ آهي. سچ ٻڌاءِ، ڪا رنڊڪ اچي پيئي آهي ڇا؟

موهنا (دل ۾ ڏي)- توکان لڪايان ڇاڪاڻ؟ ٽيون ڏينهن ٽون مونکي گهر ڇڏي وئين تہ منهنجو وڏو ڀاءُ اچي ڪاوڙيو. چيائين اهو ڪهڙو ڇوڪرو آهي جنهن سان روز ٿي گڏجي اچين؟

مدو (گهٻراهٽ ۾)- پوءِ؟

موهنا- ٻڌايو مانس، تہ چيائين اهو وري ڪهڙي بيشرمي ڪاليج ۾ نڪتي آهي جو ڇوڪريون ڇوڪرا گڏجي

صاحبلوڪن وانگر ليندس ٿا ڪن. اڳتي انهيءَ... (هڏڪي) ڳوٺاڻي کي پاڻ سان نه وٺي اچجانءِ.

مدو (ڪن ڳاڙها ٿي ٿا وڃنس، پر پاڻ روڪي ٿو). پر پاڻين ته نئين زماني جو آهي.

موهنا- هائو، عمر جو اهڙو وڏو ڪونهي، پر خيال ذرا تنگ اٿس. مون به ڪجهه همت ڪري حال ته ڪڍي ماڻه ڪڍي.

مدو- پر وري ڪالهه به ته مان ڇڏي ويو سانءِ.

موهنا- هونءَ آفيس مان سڌو سوگهي موٽندو آهي گهر. پر ڪالهه ڪنهن ميٽنگ لئي ويو هو، سو ڪجهه دير سان آيو.

مدو- پوءِ ڀلا، اڄ؟

موهنا- اڄ مان به هڪ هيڪاندي ڪندي ساڻس. هر ويرو مائٽ بيواجب ٿيندو ته ان پٺ ڀڄجي، اسين پنهنجا آدرش ميساري ڇڏينداسون ڇا؟

مدو- موهنا، تون ڪهڙي نه بهادر آهين! منهنجي ڪري ڪيتري نه مهٽي هاب ٿي آهين، ڪيتري نه لوڪ نندا سٺي اٿيئي! (اتساهه وچان سندس هٿ هٿ ۾ ونئي ٿو.)

موهنا- نه رڳو تنهنجي ڪري، پر تنهنجي معرفت قومي ميلاپ جي آدرش ڪري. (اکيون سندس اکين ڏانهن کڻي) هائو، اسين ٻئي گڏجي ملڪ مان اهو نفاق جو پوڙ پٽينداسون ۽ ٻين لاءِ مثال ٿي ڏيکارينداسون. (ڪن ساعت ائين بيٺا آهن.)

مدو- هاڻي ڀلا هل ته هلون، اونده به ٿي وئي آهي.

(اڃا همٿ همٿ ۾ اچن، ۽ متان موهنا جو وڏو ڀاءُ دولترام اُٻهرائيءَ سان اچي ٿو ۽ کين هن حالت ۾ ڏسي گهور ڪري ڏانهن نهاري ٿو. سڀن همٿ ڇڏائجي ٿا وڃن.)

دولترام- اڃا هتي ڇا ويٺي ڪرين؟

موهنا- هيمنٿ سامهون آيس ٿي.

دولترام- متان رات اچي پيئي آهي، اڃا ڪيڏي مهل گهر موٽڻو اٿيئي؟

موهنا- رات اڃا اڳهين پوري ٿي آهي. (مدوءَ ڏانهن اشارو ڪري) مسٽر جونڪر سان گڏجي......

دولترام- هون! مسٽر جونڪر اهو آهي؟

مدو- مسٽر دولترام! مان موهنا سان گڏ پڙهندو آهيان، ۽ ٽورنامينٽ ۾ پئي......

دولترام (کيس پڌو اڻ پڌو ڪري، موهنا کي)- تنهن ڏينهن جو منع ڪئي مانءِ ته جونڪر يا ملونڪر يا ڪنهن به ڇوڪري سان گڏجي نه موٽ.

موهنا- ڇوڪريون اڳيئي هليون ويون پوءِ مان ڇا ڪريان؟

دولترام (ٺٺوليءَ طور)- ڇوڪريون سڀيئي، روز ٿيون سويلئي موٽي وڃن، ۽ توهان پن ڪي اڪيلو ڇڏي وڃن!

موهنا- ها، سچ ائين آهي. پوءِ مان اڪيلي گهر موٽان ڇا؟

دولترام- هائو، اڪيلي موٽ، پر انهيءَ مسٽر جونڪر سان نه موٽ.

مدو- مسٽر دولترام! معاف ڪجو! پر توهين جو ٺٺوليءَ

مان مون ٻابس پيا ڳالهايون، سو مون توهان جو ڪهڙو قصور ڪيو آهي؟

دولترام- ڪهڙو ضرور آهي جو هر روز موهنا سان ڳنڍجي تو منهنجي گهر تائين اچين؟

مدو- ڇوڪريون اڪيلي هلمون وينديون آهن، سو مان ته پاڻ کيس اماڻڻ ايندو آهيان.

دولترام- مونکي اها بيهودي هلت نه وٽندي آهي. ڪهڙو ضرور آهي جو ڇوڪرا ڇوڪريون پاڻ ۾ ايتري ڏيٺ پيٺ رکن؟

مدو- گڏ پڙهون، اٿون وهون، ڳالهايون ٻولهايون ٿا، سو اها ته پاڻ هڪ فضيلت آهي، انهيءَ ۾ ڪهڙي ارڻ خطا آهي؟

دولترام- فضيلت آهي؟ بيشرمائي آهي، نرلجائي آهي. جڻ ته مان سمجهان ٿي ڪونه ٿو. (شوخيءَ سان) توکي ڪهڙو حق آهي جو منهنجي ڌيڻ کي هيلتائين توسائي وينو آهين؟

مدو- مسٽر دولترام، توهين خواه مخواه گرم ڇو پيا ٿيندا وڃو؟

دولترام- صبر ڪر جاهل ڪُتا! (ساٽس مهاڙو اٽڪائي) ٻڌاءِ، هيلتائين هتي ڇا وٺڻي ڪيو؟ (ڪيس ڪوٽ جي ڪالر کان ڏونڌاڙي) جلد ٻڌاءِ، نه ته...... (نڙ نشو اولاريس ٿو.)

موهنا (ڦڙتائيءَ سان وڏي ٻاڪ کي ٻري ڪري ٿي)-

بس دادا، مان ٿي ٻڌايانو ته ڇا ويٺي ڪيوسون: پاڻ ۾ ٻن ويٺي ڪيوسون ته هڪ ٻئي سان ڳنڍجي، توهان جهڙين بغض ڀرين دلين مان اهو سنڌي غيرسنڌيءَ جو سنڌو مٽائينداسون.

دولترام- ڇا بڪين وقلين؟ هوش ۾ ته آهين؟

موهنا- مان پوري هوش ۾ آهيان. ٻر اسان ٻنهي انجام ڪيو آهي ته جيڪي مدهوش آهن، انکي هوش ۾ آڻيون.

دولترام- بي ادب ڇوڪري، توسون اڄ پيءُ سمان ياءُ جي بي عزتي ٿي ڪرين!

موهنا- جنهن شريف انسان جي مان عزت ٿي ڪريان، تنهنجي توهان اڄ بي عزتي ڪئي آهي، سو مان ڪهڙي توهانجي عزت ڪري سگهنديس؟

دولترام- بيوقوف، اڄ تون پاڻيءَ کان ٻاهر پيئي وڃين. وڏ نعيائيءَ جي ساڄهه ڏار نه ته اهڙي ڪار ڪندوسانءِ جو......

موهنا- دادا، مان ٻار ڪانه آهيان جو توهان جي ڌمڪين ۾ ڊڄي پونديس. مان چڱو منو پوريءَ طرح ٻروڙي سگهان ٿي. اڄ مدهنجي زبان تان مهر لاٿي اٿو ته ٻڌو: مان هن شخص سان پنهنجي زندگي ڳنڍي، ڏاڍه پاڻه جو پيد مٽائي، ملڪ ۾ ميلاپ جاري ڪنديس.

(مڏو حيرانيءَ ۾ ڏانهس پيو نهاري.)

دولترام- ڇا چيئه؟

موهنا- ڇيم ته اسانکي هن سال بي. اي پاس ڪرڻ ڏيو، پنهنجي ڪمائيءَ وارا ٿيون سهين، ته ٻئي هڪبئي جا ٿي رهنداسون. (مدو بي ويسائيءَ ۽ سرهائيءَ سان پيو نهاري.)

دولترام- تون ڇني ته ڪانه ٿي آهين! تڏهن هن جهنگلي مرهٽي سان شادي ڪرڻ ٿي چاهين؟ بمبئيءَ جو شهر ڇڏي وڃي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ ۾ پوندينءَ؟

موهنا- هائو، شولاپور ته ڪيترن جي وچ ۾ اڌ يل سهڻو شهر آهي، پر هن سان گڏ مان ڪهڙي به ڳوٺڙي ۾ خوشيءَ سان گذاريندس ۽ پنهنجي آدرش کي حاصل ڪرڻ لاءِ يتن پيئي ڪنديس. (جب وڃان وڏي مدوءَ جي ٻانهن وٺي ٿي.)

دولترام (ڪيس مدوءَ کان ڌار ڪري)- بس، هاڻي گهڻو ٿيو. هل گهر ته ڏس ڪهڙو ٿو قيد ڏيانءَ. جي هن سان وري ڪو به سنبنڌ رکيو اٿيئي ته پاڻ ٿي جاڻين.

موهنا- دادا، جيستائين توهانجي محتاج آهيان، تيستائين منهنجي بدن کي ٻاند ڪري سگهو ٿا، پر دل ڪنهنجي قيد ڪرڻ جي ڪانهي. باقي ٻه چار مهنا، سي سؤر پيي ڪانيينديس، ڪا ڙ لچائي ڪانه ڪنديس. باقي هيڪر ڇڙواڳ ٿيان، پوءِ جي توهان خوشيءَ سان ڏيو ته واه، نه ته مان منهن اگهاڙي ٿي به پنهنجي مراد کي رسنديس.

دولترام- هاڻي ٻڪ ڦٽي ڪر، هل گهر.

موهنا (مدوءَ ڏانهن وڌي)- مدو، منهنجي پاڻ جي

هلمه لاءِ مونکي معاف ڪجانءِ. هاڻي ڪي ڏينهن گڏجي ڪين سگهنداسون. پر اميد نه لاهجانءِ. انهيءَ آزمائش جي سمي مان نڪري پار پونداسون.

(دولترام، موهنا کي ٻانهن کان وٺي هڪ پاسي کان وڃي ٿو. مڏو ڪجهه مدت حيرانيءَ ۾ هن ڏانهن پيو نهاري. نيٺ ٻئي پاسي هليو ٿو وڃي.)

## ڇهڙو پڙون

(ڪن مهنن کانپوءِ، سانجهن جي وقت، شولاپور ۾ مڌوءَ جي پيءُ پانڊورنگ وڪيل جي گهر جو هڪ صفحو. ڪي ڪٺون ۽ هڪ جهونو شيشم جو ڪبٽ پيا آهن. موهنا اڇا ڪپڙا ۽ مٽيا پايو ڇت مان ٽنگيل جهولي تي ويٺي ڪتاب پڙهي. ڪجهه وقت پڇاڙان خفي ۾ اٿي ڪري ٽپي ٽٽي ۽ ڪتاب اڇلي وڃي ڪمت جي ڪنڊي تي ٽپي ويهي. مڌو سوٽ بوٽ پاتو اچي ٿو ۽ موهنا ڏانهن وڌي ڪيس پاڪر پائي ٿو.)

مڌو- ڇو موهنا، کهڙي ويچار ۾ ويٺي آهين؟

موهنا (ٻانهن ڇڏائي)- ڇڏ، ڪو اچي نه وڃي.

مڌو- ڇا آهي؟ خفي ڇو ٿيئي ٿين؟

موهنا- ڇيوماڻهو ته، مان هي پڙهو ڏيڍي مهنو گهر ۾ ويٺي ويٺي بيزار ٿي پيئي آهيان. هميشه ته ٻاهر وڃين ٿو گهمڻ، مونکي نٿو وٺي هلين؟

مڌو- پر مان ته ڪلب ۾ ٿو وڃان.

موهنا- ته مونکي نٿو ڪلب جو ميمبر ڪرين ته مان ٽينس نه ڪري سگهان؟ مان سانجهن جو گهر ۾ بند جي وهڻ تي هريل ٿي ڪانه آهيان.

مڌو- موهنا ڏس، اسان وٽ مڙس زال گڏجي گهمڻ

وڃن، اهو رواج نٿي ڪونهي. مردن جي ڪلب ۾ هلي واند ڪرڻ ته اڻ ٺيڪي آهي. ماڻهن ۾ ڳالهه ٿي پوندي. بابو آما اِها ڳالهه ٻڌن ته جيڪر باه ٿي وڃن.

موهنا- پر بابي آما کي به منهنجي ڪا سهوليت ته ڏسڻ گهرجي. تازو پٽ پرڻائي ننهن آندي اٿن گهر ته انهيءَ کي من ڪا ڪوٺي ڪٽي خالي ڏين. هن ساڳي عام صفحي ۾ سڀ ڀاتي مسافرخاني وانگر گڏ رهيا پيا آهيون. هميشه به الاجي ڪٿي اتفاق سان توسان گڏجڻ ٿيو آهي.

مدو- تنهنجي شڪايت برابر آهي. تون ڀلي ٿهني اهڙين حالتن ۾ آهيون، جي هڪدم هٿني پيدا ڪرڻ مشڪل آهن. پر تون صبر ڪر، آهستي آهستي سڀ سڌارو ڪري ڇڏينداسون.

موهنا- پر انهن خسيس ڳالهين ۾ هروڀرو ڇو ٿا رنڊڪ وجهن؟ هيڏي گهر ۾ ڪا سٺي سوڙي ميز ڪرسي ڪانهي، جنهن تي ويهي ڪي لکجي پڙهجي. سڄو ڏينهن جهولي يا کٽ تي ويٺي آهيان. ماني به شاهي پيتليءَ ٿالهيءَ ۾ پٽ تي ويهي اچي؛ صندليءَ تي پلٿي ماري ويهي کائجي. بس چار ڪرسيون ۽ کاڌي جي ميز آڻي وجهو وڏي ته انهن ڪهڙو اعتراض آهي؟ ون ڪري بجلي وجهائي اٿن!

مدو- ڀلي، اُهوري ته ٿيءَ. مان پاڻيهي اهي صفائيءَ سڻائيءَ جا سڌارا ڪندس. بابي کي ته مڃايو آهم باقي

مڌو (وڏي ڳراٽڙي پائي دلداري ڏيندس ٿو)- مان سڀ سمجهان ٿو سگهان. مان اما کي پنهنجي منهن سمجهائي ڇڏيندس. تون ڪو وچار نه ڪر، اميد تي سڀ سولو ٿيندي.

موهنا- الائجي هيئنئر به هيترو وقت ڪٿان ڪا ائين زال ڪاڻ آئي آهي.

مڌو- ڏس منڙي، ڇيومارو اميد نه لاهه. هاڻي پلا مان ڦيرو ڏيئي ٿو اچان. (هڪڙي پاسي وڃڻ تي ٿئي پاسي مڌوءَ ماءُ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي ساڻ وٺي اندر اچي ٿي، جنهنجو منهن لٿل پيو لڳي.)

موهنا (پٽڪي)- توبه، آئي نيٺ آفت!

مڌوءَ ماءُ (موهنا جي پٺي ٺوري)- ڏ پٽڙي، هيءَ نئين ساهيڙي آندي اٿمانءِ. نالو اٿس لتا. مڌوءَ جي جهوني سنگتيءَ مهيش جي ڌيءُ آهيئي. تو وانگيان ڪاليج ڪونه پاس ڪيو اٿس، پر انگريزي ستون درجو پڙهندي هئي.

موهنا (پيدليو لتا کي)- خوش آهين. (لتا وڏي وڇيس ٿي، پر اکر ڪونه ٿو اڪليس).

مڌوءَ ماءُ- ننڍي هوندي کان گهر جي پائين وانگر اسانوٽ ايندا ويندا آهن. مڌو به پيءُ ڪري ليکيندو اٿس. (لتا ڇپ پيڙي ٿي). ڪيترا مهنا پاڻس جي بدليءَ ڪري وڃي ڪولهاپور رهيا هئا. موڪل تي موٽي سان آئي آهي مڌوءَ جي ڪنوار ڏسڻ. (لتا کي) ڏيءُ ويهه.

(هوءَ ڪٽ کڻي وڃي ٿي.) موهنا، ساهيڙيءَ کي وڃا مٺيا
نه ڪڍي ڏيکار. اڳوپوءِ هجلي به پاريندي اچ، اونده
۾ ڏسبو ڇا؟ (پاڻ به ڪٽ کڻي وڃي ٿي.)

(موهنا هجلي پاري، لٽا اڳيان لهي نڪي اچي ٿي
ليلي ۽ چوڙن سان جهنجهيل پانهون ڪٺي ٿي اڳيان ڪڍي.)

مدو ماءُ - آڙي، تون نه سارو ڏينهن وڳو پڪيو،
مٺيا پايو ويٺي آهين! پگهر ۾ سڙي ڪين ويندا؟ آئي ۽
هيرن وارا ڪنگڻ ٻه پيا اٿيئي! موتين وارا هار ٻه!
ڇوڪري، ڪو سنجم نه سڪر.

موهنا (وڪاٿيءَ سان) - نڌهن سڄو ڏينهن ليٽي
وڪند پس ۽ ڪيندپس ڇا؟

مدو ماءُ - آڙي، پوءِ هيئن ذري ڳان نڪين
پڄو پيئي؟ وڏي ماڻت جو ڪو لحاظ به ڪبو آهي.

موهنا - انهيءَ ۾ لحاظ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ سڄو
ڏينهن پيون ڪدهنجون ڙالون اچن، مونکان ايڏي تڪليف
نٿي پڄي.

مدو ماءُ - اجوڪي زماني جون پڙهيل ڇوڪريون ڪي
ڏيون آهن! لٽا، چڱو جو تون ڪاليج نه پڙهينءَ. هاڻي
تون ئي ويهي من ڦارينس، مونسان ته وڙهڻ لڳي اچي.
وڃي ٿي بزار مان منائي ڳهراڻي مدجانو. زور ڪري
ڪارانڃانس، پورو ڪاني ئي ڪاڻ ٿي. (وڃي ٿي، موهنا وڃي
جهرلي کڻي ويهي ٿي رهي. ڪجهه مدت جي مانڊ بعد
لٽا چوي:)

لتا- پيءُ، مونکي معاف ڪج جو اڄهڙو مون توسان اکر به نه ڳالهايو.

موهنا- فڪر ڪرنهي.

لتا- تو مونکي ڪيڪارهو، پر مونکان ڪجھ نه اُڪليو.

موهنا- ڪجھ نه اُڪليو؟ سوچو؟

لتا- گهٽياڻي دل ڏاڍي ڪري آئي هيس ته وڃي ٿي مدوءَ جي ڪاليجي ڪنوار ڏسان، پر توکي ڏسڻ سان پاٽڪي روڪي نه...(اوچتو روئڻ لڳي ٿي.)

موهنا (ڏانهس وڌي، ڪيس جهولي ۾ وهاري)- ڇا آهي؟ خير ته آهي؟

لتا (سڏڪا ڀريندي)- نه خير ڪونهي. هي سال مون الاجي ڪئن ڪاٽيو آهي. خاص ڪري جڏهن ڪولهاپور ۾ ٻڌم ته مدو بمبئي مان پرڻجي آيو آهي، تڏهن ته...

موهنا- تنهنجو مدوءَ سان ڪهڙو سنبنڌ آهي؟ صاف ٻڌاءِ.

لتا (منهن مٿي ڪري ڳوڙها اُگهي)- تون به ڇوڪري آهين، ٻڍهيل آهين، تڏهن ٻڌ ته پنهنجي دل جو حال کولي ٻڌايانءِ. هينئر ته ڪو حيلو وسيلو ڪونهي، تنهن ڪري ته لڄ لاهي پنهنجي دل جو بوجهه هٽايان.

موهنا- ٻڌاءِ ٻڌاءِ.

لتا- مدوءَ مان ننڍي هوندي کان هڪ ٻئي جي گهر ايندا ويندا هئاسون، رانديون رونديون ڪندا هئاسون، گڏ کائيندا پيئندا هئاسون. مونکي جڏهانڪر سانڀر آهي،

تڏهاڪر مڊوءَ کي ساري دل سان چاهيندي اچان. جيڪو وقت جدا ٿيندا هئاسون، سو ڪانئس سواءِ وهي ڪاٽ سگهندي هيس.

موهنا- پوءِ.

لتا- سڪول ۾ پنجون ڇهون درجو پڙهندي هيس، تڏهن ته مان سنڌس لاءِ تڙڦندي هيس. واجهائيندي پيئي هيس ته ڪٿي سانجهي ٿئي ته دادو مهيش، مڊوءَ جي گهر وٺي هلي.

موهنا- ۽ پاڻ؟

لتا- پاڻ ۽ مونکي پاڙهيندو هو، پر شايد مون جيترو نه. پر مونکي پڪ هئي ته ڪاليج پاس ڪري ايندو ته مان به محنت ڪري مئٽرڪ پاس ڪري سنڌس لائق ٿينديس.

موهنا- پلا؟

لتا- پر... معاف ڪجانءِ، اها سڌ ڪانه هيم ته مان ڪولهاپور پڙهڻ ڏينديس، ته هي پاڻ سان بي-اي پاس ڪيل ڪنوار وٺي ايندو، جنهنجي پيٽ ۾ مان ٽنج ٿي پونديس. (ووي روئڻ ۾ اچي ٿي ڇتڪي ۽ منهن ڪٽي ٿي موهنا جي گود ۾ لڪائي.)

موهنا (دل ۾ پڙهل، ڪيس اٿاري، ڇاتيءَ سان لائي)- پيڙ، صبر ڪر. اها مان آهيان جا سنڌس لاءِ تنهنجي پيٽ ۾ ٽنج آهيان. تون ئي هرطرح سنڌس لائق آهين.

لتا (ڪنڌ مٿي ڪري)- ڇا چيئهءِ؟

موهنا (گنڀيرتا سان)- ڇم ته زال سگهي اها گذاريندي، جنهنجو نہ فقط مڙس سان سياڻو تعلق هوندو پر سندس مائٽن سان بہ. اڳهڙون ماڻس جي روش تو اڪثر ڏٺي. اها اڻبڻت شروع ٿي آهي، سا الاجي ڪيسين رهندي.

لتا- پر اها ڪنڌ تہ آما جو ٻاهريون سياڻ آهي، مان ڪيس سڃاڻان ۽ هن سان سوچڻ تہ سولو آهي.

موهنا- سولو تولاءِ آهي جو جاڻي ٽهني هتي آهين. مان ٿني سهي سگهان، مان هتي ٻنهہ ڏاري آهيان. منهنجي لاءِ هيئن حياتي ڪاٽڻ نهايت ڪٺن آهي.

لتا- نہ ڀيڻ، وقت پٺي هڪبئي جي ٻيمت تي پٺجي ويندي يون.

موهنا (جوش ۾ اچي)- مان چوان ٿي تہ منهنجو هتي ڄالڻ محال آهي. مان هتي پل بہ رهي ڪين سگهنديس. تون ٿي انهيءَ جي لائق آهين، تنهنجوئي اهو حق آهي.

لتا- ڀيڻ، ڏاهي ٿي، من نہ لهاءِ. ايشور سڀ سولي ڪندو. منهنجي اڄ دل ورلي اٿيئي، ڀڳوان توکي سکي رکندو. مدوءَ کي توسان خوش ڏسي مان بہ پنهنجي سرهي ٿينديس. هاڻي مان ٻلا وڃان ٿي. (ٻاڪر پائي موڪلائين ٿيون ۽ لتا وڃي ٿي.)

موهنا (ڪيس ڌر تائين اماڻي، مڪرڪم ارادي سان)- ”ڀڳوان توکي سکي رکندو“! نہ، مونلاءِ ڪو سک ٻچيل ڪونهي. مون تنهنجو حق کسيو آهي، سو توکي موٽائي ڏينديس.

(أماڪ وهي ڀلي وسائي ٿي، ۽ اونده ۾ ڪپٽ
مان ٻه چار ڪپڙا ڪڍي هڪ سوٽ ڪيس ۾ وجهي ٿي
۽ ترتڪڙ ۾ ٻاهرئين دروازي ڏانهن وڌي ٿي. مٿان
اندرئين دروازي ڪان مڌو هڪ ٿالهي هٿ ۾ ڪڻي
اچي ٿو، ۽ اونده ڏسي ڇوي ٿو:)

مڌو- موهنا، ٻتي ڇو وسائي اٿيئي؟ أسان لولاءِ
مٿائي مڪي آهي. (ٿالهي ڪمت تي رکي ڀلي ٻاري ٿو،
۽ موهنا کي سوٽ ڪيس هٿ ۾، دروازي کان ٻاهر
نڪرندو ڏسي عجب ۾ پوي ٿو.) هان! هيڏي مهل
سوٽ ڪيس کڻي ڪيڏانهن ٿي وڃين؟

موهنا (روکجي)- ٻمبئي.

مڌو- ٻمبئي؟ ڇري ٿي آهين ڇا؟

موهنا- هائو، ڇري ٿي آهيان. وڃي موٽي ٻاجهه جي
در تي ڏڪا کائيندي س، ڪمائي پيٽ پاليندي س، ٻرهن
دوزخ ۾ پلڪ ٻه وڌيڪ ڪين جاليندي س.

مڌو (دروازي ڏانهن وڌي)- موهنا، ڇوين ٿا پيئي؟
ڇا ٿيو آهي؟

موهنا- مان هتيجي لائق ئي ڪانه آهيان. جيڪا
لائق هجي، سا ڀلي اچي منهنجي جاءِ والاري.

مڌو- تون ڳالهائين ڇا پيئي؟ ڪجهه سمجهه ته سهين.

موهنا- تنهنجي دوست جي ڀيڻ لنا آئي هئي،
جنهن سان نڌي هوندي کان رشتو هو. هجو توسان
دلي پيار آهي، موٽڪي سڌ هجي ها ته ڪڏهن ڪين

توکي هنکان کسيان ها. مون ياري پل ڪٿي جو توسان...

مدو- پر منهنجو ته هن سان پيار ڪونهي. مان تہ توکي ٿي ساري دل سان گهرندو آهيان. (ڪلهن تي ٻانهن ورائيس ٿو) تڏهن مونسان شادي ڪري پڇتائو ائيٺي؟

موهنا- تنهن ڪانسواءِ ماٺهي مونلاءِ جنسيي ٻاه ٻاري ڏني آهي. خبر اٿيٺي تہ اڳهٺون اٺهيءَ ڏاريءَ لتا اڳيان منهنجي ڪيڏي عزت ورتانين: سڀ ڏيٺهن وڃيو ڀ ڪيو مٽيا پايو وٺي آهين، ڪو سمت سنجم بہ سکجي! مان تہ هيڏانهن بہ ڦاٿي آهيان هوڏانهن بہ ڦاٿي آهيان. اهڙي گهڙيءَ پر ڪير عمر گهاري سگهندو؟ (روئڻ هار ڪري ٿي ٿي.)

مدو (ڏيرج سان)- پر موهنا، جيوماڻهءَ تہ اها حالت هيشہ ڪانہ هلندي پر تون اتاولي ڇو ٿي ٿين؟ توهين ڙهيل ڇوڪريون ذرا نازڪ طبع ٿيون ٿيو. پر ماٺهو دنيا ۾ گهڙيو تہ مزاج ڦيرائڻ کپي، سهن شڪتي ڌارڻ کپي.

موهنا- پر مان وِتيڪ نٿي سهي سگهان، مون ۾ اها شڪتي ڪانهي.

مدو- موهنا، ياد اٿيٺي جڏهن پاٺي اسانکي لينس کورٽ تي ڏسي بگڙيو هو؟ پوءِ تو ڪهڙا اکر چيا هئس؟ "هن سان گڏ مان ڪهڙي بہ ڏونڌي ۾ خوشيءَ سان گذاريندس؛ پنهنجي آدرش کي حاصل ڪرڻ لاءِ پتن پيٺي ڪنديس."

موهنا- هائو، پر مان انهيءَ آزمائش ۾ ڪوڙي پيئي آهيان، مان هار مڃان ٿي.

مدو- نه، تو پوري آزمائش اڃا ڪٿي ڪانهي. ماڻهو پنهنجن آدرشن لاءِ ساري ڄمار آزمائشون ڪندا آهن. تون مهني اڳ ۾ هار مڃي ويٺينءَ؟ واهه جو ذات پات جو ڀيد مٽائي ملڪ ۾ ميلاپ تي جاري ڪرڻ!

موهنا- پر مون اڪيليءَ ڪان ايڏو ڀاري آدرش ڪٿي حاصل ٿيندو؟

مدو- هرڪو شخص پنهنجو آدرش پورائين پنهنجي ننڍڙي حياتيءَ ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو. تڏهن، ڪٿي نه ڪي سر پنهنجي پختائيءَ سان پاڻ جي دل جو بعض هٽايئي، جو نيٺ پاڻ هٿين سان اچي شادي ڪرايائين. توهان ۾ اها بعض جي باهه آهي ته اسان ۾ وري پراڻين رسمن جي پابندي آهي. هيئنر ته ٻئي همراه آهيون. ٻئي گڏجي اهو ۾ سڌارو ڪندا سون ۽ پنهنجي گهر کي آنند پري ٻڌائيندا سون. (سوٽ ڪيس سندس هٿ مان وٺي اندر رکي ٿو.)

موهنا (هٻڪي)- پر مونکي وساه ٿي نٿو اچي ته ڪو ايڏو سڌارو ٿي سگهندو، منهنجو ايمان ڏڪري ويو آهي.

مدو- تڏهن مونکي اڪيلو ڇڏي، پاڻ هلي ويندينءَ؟ پاڻ کي ڏکن کان آجو ڪري، مونکي ڏکن ۾ وجهي ويندينءَ؟ خبر اٿيئي هن ابهري قدم کڻڻ ۾ تو ڪيڏي

خودغرضي ڏيکاري آهي؟ خبر اٿيئي توکانسواءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ اهو ڪو خيال پيئي ٿو؟ (سندس ڪلهي تي هٿ رکي) منهنجي پيار جو اهو اجورو ٿي ڏين؟ منهنجي حياتي برباد ڪري هلي ٿي وڃين؟

موهنا (ڪجهه وقت موڻجهاري ۾ ٻڏبي ٿي وڃي؛ نيٺ پاڻهون ڪٽي ٿي مڏوءَ جي گڏيءَ ۾ وجهي)- نه نه مڙوا! مان ڪانه ٿي وڃان! ڪانه ٿي وڃان!

# ٽي پارٽي

(ڪوڙن قدرن بابت ننڍڙو ناٽڪ)

**ڪردار:-**

رڪمڻي- وڏي ڀيڻ؛
اندرا- وچين ڀيڻ؛
لڇمي- ننڍي ڀيڻ؛
ديپا- ڀاڙيسڙ ڀاٽي؛
شيرين- اندرا جي ساهيڙي

ڇهنڊو:- بمبئي جي ڪولابا ڪوارٽر ۾ هڪ مسواڙي جاءِ.

پهريون ڇاپو- شاهاڻي هاءِ اسڪول جلسي جو پروگرام، ڪراچي، ١٩٣٥
ٻيو ڇاپو- پنج ننڍڙا ناٽڪ، ڪراچي، ١٩٣٧
ٽيون ڇاپو- "نئين دنيا" مخزن، بمبئي، ١٩٥٠
چوٿون ڇاپو- "سنڌي گلدستو" (ڀاڱو ٢) بمبئي، ١٩٥١
پنجون ڇاپو- "جيون ڇهڻا"، بمبئي، ١٩٥٧

هيءَ ناٽڪ هيٺين مکيہ دفعا ڪري ڏيکاريو ويو:-

(١) شاهاڻي هاءِ اسڪول پاران، فريئر هال، ڪراچيءَ ۾ ١٩٣٥ واري ساليانيءَ جلسي تي لکندڙ جي هدايتڪاريءَ هيٺ، جنهن ۾ هيٺيان اداڪار هئا:-

رڪمڻي- شڪلا ٻي- رام؛
اندرا- سندري ٻي- رام؛
لڇمي- ڀاڳي جوهرمل ميرچنداڻي؛
سيتا- (دينا) راڌڪا کانچند گوبندشاڻي؛
سروجني- (شيرين) ليلان کانچند گوبندشاڻي؛

(٢) عامل انسٽيٽيوٽ، ڪراچي وارن جي ڏياري اُتسو تي، ١٩٣٥ ۾، ساڳين اداڪارن سان.

(٣) ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ورائٽي پروگرام، ڪاترڪ هال، ڪراچيءَ ۾ ٧ آڪٽوبر ١٩٤٠ تي لکندڙ جي هدايتڪاريءَ هيٺ، جنهن ۾ هيٺيان اداڪار هئا:

رڪمڻي- گوپي عيدناڻي؛
لڇمي- ڪملا منگهرملاڻي؛
اندرا- موهني داسسنگ آڏواڻي؛

سيتان (ڊيما)- رامي آڏواڻي؛
سروجني (شيرين)- ليلان گوبندرام ٻدلاڻي.

(٤) آل انڊيا ريڊيو، دهليءَ مان هندستانيءَ ۾ ترجمان پروفيسر ايم - ڊي - ٽاٽيو، ١٩٤٣

(٥) نوا ڪنيا ودياليه حيدرآباد ۾ برهمو سماج جي ٦١ ئين اُتسو تي.

(٦) سنگيت پرڪاش يون بنگلور، جي وراڻي اينٽرٽينمينٽ تي، 1953.

(٧) سنڌي شهوڪ سڀا، نئين دهليءَ جي وراڻي اينٽرٽينمينٽ تي 1957

(٨) سنڌو سماج نئين دهليءَ جي وراڻي اينٽرٽينمينٽ تي 1958

(٩) آل انڊيا ريڊيو، بمبئي تان، سنڌيءَ ۾ 1958

( بمبئي جي ڪولابا ڪوارٽر ۾ هڪ سنڌي مسواڙي جاءِ ۾ ڇهڙو ٿهڙو ڪوچ، ڪرسيون ۽ ٽپايون پيون آهن ۽ هڪ پاسي جهونو باجو رکيو آهي. وچ ۾ هڪ پراڻي گول ميز تي رڪمڻي ٽڙن مان ڦڪوڙا، مرملا ڪولي پيئي چينيءَ جي ٿالهين ۾ وجهي ۽ پلٽي.)

رڪمڻي- توبهه، ساهيڙيون گهرائي ڀاڻ، بار ٻوي مونٿي! (اوچتي ياد گيريءَ سان) لڇمي، او لڇمي، (اندران لڇمي، سندس ننڍڙي ڌيءَ اچي ٿي.) وڃي سٽ پاڻي هن سنڌي ڦڪوڙائيءَ ڪسان ڇڏين آئي جي نهتي ته وٺي آءُ، مرملن سان ڇگو مزو ڪندي.

لڇمي- دادي، اهو ڪاڏو وري ٽي پارٽيءَ تي اندرا کي وٺندو ڇا. هن گهرائي آهي جئه هند ڪاليج واري پارسياڻي ساهيڙي، سو انهيءَ لاءِ وٺي آهي پاڻ ڪيڪ پيسٽري آڻڻ.

رڪمڻي- اهو ٽي پارٽين جو ڪهڙو فئشن پيو آهي، جنلاءِ بمبئيءَ جي گهٽين ۾ نه ڇانهه تي تيار ٿئي ۽ ڪيڪ بسڪوٽ ٿا گهرائجن. حيدرآباد ۾ ته ساهيڙي سڏ ايندي هئي ته ڦڪوڙن ٻڙو گهرائي، ٻاٻر ڪاٺي، مٺان ٿڌو پاڻيءَ گلاس ٻي ڇڏيو هو... پلا اها ڪين ساهيڙي وري اندرا ڪهڙي ڪئي آهي؟

لڇمي - دادي، ننڍو اٿس شيرين، هڪ پارسي
ڪليڪٽر جي ڌيءَ آهي. تازو اچي جئه هند ڪاليج
جائن ڪيو اٿس.

رڪمڻي - تڏهن ته اسان ٻنهي سورن شرنارٿين لئي
اچي ننڊولي ڪندي. اسانجون سنڌي ڇوڪريون ڪي
ٿيون آهن، هٿ ۾ پيڻون ڇڏين... پلا دادي ڪان ٻه ٻيو
ڪو ڏنڌو ڪونه لڌو، اچي واشنگ ڪمپني ڪوليائين...
ٻر هاڻي ته پنهنجي لڳ ۾ هوندا، اجها آئي ڪي آئي.
تو هٿ منهن ڌوتو آهي، ڪين رڳو نڦون فراڪ پائي
ويٺي آهين؟ هٿ ته ڪهڙا ميرا ٿيا پيا اٿيئي! منهن ته
ڏس ڪهڙو گندو اٿيئي.

لڇمي - منهن وري منهنجو ڪٿي ڏسان؟ ڪا ٿيڏي
آهيان ڇا؟

رڪمڻي - ٻيو ته ڏس، ٽيون واري ڪوڪيءَ
جي پٽ اچا لڳي پيئي اٿيئي.

لڇمي - ته دادي، اڄ ته مون ٽيون ڪٿي ڪانهي.
اها ڪالهوڪي ڪوڪيءَ جي پٽ هوندي.

رڪمڻي - ها، ڪن ته ڏس، مٽيءَ سان ڀريو پيو آهي.

لڇمي - ته اهو ڪن ڪٽي شيرين کان پڇي ڀاسي ڪري
وهندس...... اندرا جي ساهيڙي ڪانه ٿي اچي، مور ڳو
مان اچي ڦاٿي آهيان.

رڪمڻي - تڏهن ڇوڪري، شاهوڪار مهمان اڳيان
گهر جي لاهڻي لاهبي ڇا؟

لڇمي- پر منهن هڪڙو پيرو ڏولم اڃا ڇا ڪريان؟ اعتبار نه اچيئي ته ٽوال آڻي ڏيکاريانءِ ته ڪهڙو ميرو ٿيو پيو آهي؟

رڪمڻي- نه نه، اهو وري ٽرڄ، هتي ڪنهن کي ٽوڪيو. (دروازي تي کڙڪو ٿئي ٿو) آئي، شيرين اچي وئي ڇا؟ اندرا ٻاڻ پيئي اڃا چڪر ماري، مونکي ڪٽي ڦاسايو اٿس. لڇمي دروازو ته وڃي کولي ڏس ته ڪير آهي؟

(لڇمي دروازو کولي، هڪ پارسياڻي ٻاڙ پسڙ ٻاٽي دينا کي اندر وٺي اچي ٿي، جنهن کي هڪ جليبين جو ٽڙو هٿ ۾ آهي.)

رڪمڻي- پيڻ دينا آهين؟ مونهجو ته ساهه سڪائي ڇڏيئه.

دينا- ڇو پيڻ، خير ته آهي؟ (ميز ڏانهن نهاري) ڪنهن ساهيڙيءَ جي مهماني ڪئي اٿيئي ڇا، جو تياريون ٿي وئون آهن؟

رڪمڻي- نڪو، مونهنجي ڀڃدي ڪئي آهي، جو ساهيڙيون گهرايان. انهيءَ اندرا کي ڪاليج ۾ پڙهي ٿي پارٽين جو ڏڪو لڳو آهي.

دينا- ٺڏهن ته هي جليبين جو ٽڙو پوري وقت تي آندو اٿم. منهنجي دادي کي آهي مٺائيءَ جو دڪان، سو اڄ تازيون جليبيون تراني مڪائين، مٺيون جهڙيون ماکي.

رڪمڻي - (مونجهاري ۾) پر اندرا جي ساهيڙي* ڪي ته...... تو ايڏي تڪليف ڇو ڪئي؟

ڏينا - تڪليف ڪهڙي آهي. دادي ايترين ته جليبيون موڪليون جو اسان ته مڃهند جي ماني به ڪانه رڌي، مورڳوئي ڪيترائون اڃا پيون لڌهن تولاهه ڪٽي آيس.

رڪمڻي - پر اسان پيو ته گهڻوئي مال گهرايو آهي. اندرا پاڻ به وٺي آهي ڪيڪ پيسٽري وغيره.

ڏينا - پر هي به ڪٽي چانهه سان کائجو. گرما گرم آڻيو، اصل چاش پيئي ڳري. ڪاڏي مڪيار ٿيو.

رڪمڻي - چڱو... وڏي مهرباني... لڇمي، ڏينا کان جليبيون ته وٺي رکجانءِ. (لڇمي وٺي هڪ ٿانوَ* ۾ رکي ٿي.)

ڏينا - چڱو ڀلا، مان وڃان ٿي. گهر جو ڪم ڪار رهيو پيو اٿم.

رڪمڻي - ويهه ته سهي، لڪڙ چاجي پيئي اٿيئي؟

ڏينا - نڪو. پر ڪنهن شيءِ شڪل جي ٻهرج پوئي ته حساب نه ڪجانءِ. سائينءَ جاهه ۾ رهيا پيا آهيون، پاڙيسري ٿي هڪ ٻئي جي وقت سر مدد ڪرڻ ۾ آهر ڪرڻي. (وڃيٿي)

لڇمي - تون ته، زال آهي جڻ آهي. اصل گلي ٻڌو وڃي. هاڻي پڇينس ته اندرا جي وڏگهراڻي ساهيڙي ڪائيندي چانهه سان جليبيون! منهنجون جهڙيون ماڪي، جن

مان چانهه پيئي وٺي! (ٺٺوليءَ طور کلي ٿي ته جيئن اِندرا ٻڌندي اچي ٿي. هٿن ۾ ڪيڪ بسڪوٽن جا پڙا اٿس.)

اِندرا- لڇمي، ڇا تان اڄي ڪل ۾ ڇڙڪي آهين؟ ڇا مان پيئي چانهه وٺي؟

لڇمي- اها ڏيا تنهنجي ٿي پارٽيءَ لاءِ جليبين جو پڙو ڏيئي ويئي آهي.

اِندرا (ڪراهت سان)- جليبيون ٿي شيرين ڪاٿي! مان سنڌس لاءِ مانجهيءَ وٺان اچا ڪيڪ پيسٽري وٺي آئي آهيان ... پر هيءَ ميز چاڄي وچ ۾ وڌي آٿو؟ ڪا ڊنر پارٽي آهي ڇا جو ميز تي واهي ڪانبو؟ ٽي پارٽي ڪرسين تي ڪجهي آهي. آچو آچ ميز رپڙهي تا پاسي کان رکون (رپڙهين ٿيون). ڪاٺ جون شيون پليٽن ۾ وجهي ميز تي رکي ڇڏيو (اٺين ڪن ٿيون). هاڻي ڪرچ ڪرسيون گولائيءَ تي ناهي وچ ۾ رکو ته اڳيان هي ٿانيون رکي اٺهن تي ڪاٺينداسون (فرنيچر ناهي رکن ٿيون.)

لڇمي- پر ڪوڇن ٿانين تي وبهي ڪاٺا لاءِ ته ڪو بيئرر ڪوي جو سرو (serve) ڪري. اسان وٽ ته ڪو ڇوڪرو به ڪونهي. پاڻيهي ته ڪونه ڪاڍو ميز تان اڏامي اچي ٿانين تي پوندو.

اِندرا- ته تون ٿي ڪٺي بيئرو ٿي. گانڌي ٽوپيءَ ۾ ڪٺي وار لڪاءِ ۽ ڪاڏيءَ جو ڇولو سٽط پائڻ ته ديسي بيئرر ٿي پوندينءَ. ڏاهي ٿيءُ، پيٽ جي لڄ رک.

لڇمي- نه نه، توهين ويهي مال ڪاٿو مان وٺي سگهان. ڪا هتان هُتان آڻي آهيان ڇا؟

اندرا- اهڙي زندگي مان ڇا ٿو آڻ، وچين نه اٿي وچين ٽولن جا ڦڪ ٻڌجانءِ. ٻچاڙيءَ ۾ گهٽوٽي مال هجندو آن مان خوب جاوا ڪجانءِ.

لڇمي اڪيون (ٽمڪائي)- هان؟ تڏهن مان وڃي ٿي ڪپڙا بدلايان، پر جيڪي ٻڌو سو سڀ منهنجو، مٿان انهيءَ مان ڪو حصو ڪونه ڏيندس. (نڪري اندر وڃي ٿي.)

اندرا- ها ها، سڀ تنهنجو، جيڪڏهن ٻڌو. (رڪمڻيءَ کي) دادي، ڪوپ کي ساڳي سيمت جا اٿي ڪين جدا جدا رنگن جا پيا آهن؟ اها ته منهنجي ڏاڍي گهٽتائي ٿيندي.

رڪمڻي- تڏهن تنهنجي ساهيڙيءَ لاءِ ويهي نوان سيٽ گهرايان ڇا؟ اهڙين پاڻڪان مٿي ساهيڙين وٽين ڇو جو پنهنجي گهٽتائي سمجهين؟

اندران- ٺهيو ڀلا، اهيئي نهيا...... پر ڪيئي ڪٽنب لاءِ ڪي جدا جڳه آهن، ڪين چانهه سموري چانهه دان ۾ تيار ٿي ايندي.

رڪمڻي- ها ها، ڪي جهونا پيا هئا سي ڪڍي رکي آئي آهيان...... توبهه، ڇوڪريءَ ٽي پاڻي ڪاڻ ڪٿي آهي، پر گهر ۾ مانڊاڻي وجهي ڏني اٿس. اهڙو پاڻڪان مٿي اڏامين ڇو؟

اندرا (نماڻائيءَ سان)- دادي هي اپنڇ آٿ ڏينهن

مس ڪاليج ڇاڻي ڪئي ٿيا اٿس. سو ڀهوڻين ڏي ٻنهي ڪان
وٺي مونسان رستو رکيائين ۽ مونکي ٻه ڏاڏي وٺي ويئي.
ٻر سڀ ٻڌايائين، ٻاٻا جو ٻڌايائين ته ڪليڪٽر جي ڌيءَ
آهيان ته مونکان ٻه نڪري ويو ته. دادو ٻه هيرن جو
واپاري آهي. پنهنجون ڇايون ڄڳهيون اٿئون. هاڻي شل
خبر نه پئجي وڃيس ته دادي کي واشنگ ڪمپني آهي
۽ مسواڙي جاءِ ۾ رهيا پيا آهيون. پڳوان ڪري هي
پيرو پٽ وهجي اچي ته... (در تي کڙڪو ٿئي ٿو) اڇها
اچي ويئي...... اهو جليبين وارو پڙو ته ٿالهيءَ تان کڻي
ڪٿي لڪائي رک ته مان اندر وٺي اچانس. اها ڏيکا ته
ڪانه ورتي مٺي اچي ٻيو ڪو سنڪت وجهندي؟

(رڪمڻي جليبين جو پڙو ٿالهيءَ تان کڻي ميز جي
ٻرانءِ ڪنڊ ۾ پاسيرو ڪري رکي ٿي. اِندرا در کولي
شيرين کي وٺي اچي ٿي، جهڪي اچي ٿهڪندي ساڙهي
پيئي آهي.)

اِندرا- شيرين، اڄ ته دادي رڪمڻيءَ سان اِنٽروڊيوس
ڪرايانءِ. (رڪمڻيءَ کي) دادي، منهنجي ساهيڙي
شيرين هيءَ اٿيئي. هاڻي ويهي رهو. (ڪوچ تي وهارين
ٿي. پاڻ پرسان ڪرسي سيڙهي وهي ٿي.) ويل شيرين،
خوش چڱي ڀلي آهين؟

شيرين- ٿئنڪ يو، اِندرا..... تو اڄائي ڪٺي پارٽيءَ
جي تڪليف ڪئي.

اِندرا- تڪليف ڪهڙي آهي. نوڪر هربا پيا آهن،

پاڻهي پيا ڪم ڪار ڪن. ٻيو هيڏي مهل پيا ٿي ويا هوندا گهر ماڻي ڪاڻڻ. (رڪمڻيءَ کي) دادي، نِنڍي ڇوڪري کي ٻرسايو اٿيئي نه؟

رڪمڻي- هائو، ڪونيانس نه ٿوهان کي چانهه آڻي ڏي؟ ڇوڪرا!

(لڇمي اندران جواب ڏئي ٿي: "جي حضور" ۽ ڇوڪراڻا ڪپڙا پاتو ادب سان اچي ٿي بيهي.)

اندرا- ڇوڪرا، ميز تان ڪاڏي جون ٿالهيون کڻي هيٺ ٽپائن تي رک.

(لڇمي ڪاڏي پرپل لئي چار ٿالهيون هڪ ٻئي مٿان رکي ٻنهي هٿن ۾ کڻي اچي ٿي.)

اندرا- هي چا ٿو ڪرين؟ ڪيڪ پيسٽري سڀ ڇوءِ قساني ڇڏيئه. وڃي ٽري (tray) ۾ رکي کڻي آءُ.

لڇمي- (عجب ۾) ٽري! اهاوري چا ٿيندي آهي؟

اندرا- ڇوڪرا تون نه ڪو جِتُه آهين. دادي، ٽري ۾ ڪا گهر ۾ ڪانه ٻجي آهي چا؟

رڪمڻي (منجهي)- ٽري نه اسانوٽ ... او، ٽري نه اڄ صبوح جو مٺي نوڪر ڀڃي ڇڏي.

شيرين- ٽري ۾ ڪيڏي نه سهوليت آهي. ڪيترين شيون گڏ ٽيون کڻي سگهجن. (ٻڌاڪ سان) اسانجا نوڪر ٽري ڪانسواءِ منجهي پون. پر ٺهيو، هاڻي نه ٽپائيءَ تي رکي ڇڏ. (لڇمي ڪاڏي جون ٿالهيون ٽپائيءَ تي رکيثي.)

اندرا- هاڻي وڃي چانهه چڱي طرح ناهي کڻي آءُ.

ٽري ۽ ڀڄي پيئي، هاڻي هٿن ۾ ٽي صفائيءَ سان کڻي اچجانءِ. (لڇمي وڃي ٿي.) شيرين کاءُ، لڄ نه ڪر. ٽڪرڙا مرملا الائي توکي وڻندا ڪين نه. پر مون تہ انگريزي ٽوڙي ديسي مال گهرايو آهي. (ڪيڪ جي ٿالهي کڻي شيرين کي آڇي ٿي ۽ رڪمڻي اڳيئي پيسٽريءَ جي ٿالهيءَ مان هڪ وڏو ٽڪر چونڊي ڪانٽي کي لڳي ٿي وڃي ٿي.) دادي ڪرين ڇا ٿي... پر ٿوڪي بک لڳي هوندي. اڄ چانهه کي دير ٿي ويئي آهي. (پيسٽريءَ جي ٿالهي کڻي شيرين کي آڇي ٿي ۽ رڪمڻي ڪيڪ جو وڏو ٽڪرو کڻي کائيندي ٿي وڃي ۽ اندرا شوڪي ٿي ٿهاريس). هي ڪهڙي فضيلت آهي؟

(لڇمي چانهه جا ٽي تيار ٿيل پيالا نرالن رنگن وارن ڪوپن ۾ کڻي اچي ٿي.)

اندرا- ڇوڪرا، تون ته ڪو بيوقوف آهين. اڄ عقل ڪيڏانهن هوا کائڻ ويو آهي؟ دادي، جدا جگ ڪونه ڪيڏي ڏناسينس ڇا؟

رڪمڻي- ممي، ٿاڪيءَ ٿي ڪين رکيا اٿيئي. وڃي چانهه، کير ۽ کنڊ جدا کڻي آءُ. اها ٺهيل چانهه ٿڌي ڪري ڪوپ موٽي کڻي اچ ۽ چمچا ۽ منجهن وجهي اچ.

لڇمي- حاضر مائي (ٻڙڪندي وڃي ٿي) روز ته جدا جدا جڳن ۾ چانهه پيئندا آهيون.

اندرا- دادي، هوءَ ٻڪوڙن واري پليٽ کڻي شيرين کي ته ڏاءِ، ڪين پنهنجي ڪانٽي ۾ ٽي پوري آهين.

رڪمڻي- اهي توهان ڇوڪرين جا ناز نخرا مونکي
اڄ ني ڪونہ. سڀڪجھہ اڳيان رکيو آهي، هرڪو پاڻيهي
کڻي کائي. ڪو ٻار آهيو ڇا جو ڳڻيون ڪري کارايانو.

اندرا- دادي، اهي نئين زماني جا مئنرس آهن، پر
تون سمجهندينءَ ني ڪين. (رڪمڻي موڙو ڏئي ٿي.)

(لڇمي جدا جدا صورتن وارا چانهہ دان، کنڊ دان ۽
کير دان ۽ خالي ڪوپ کڻي اچي ٿي ۽ ٽپاڻ تي رکي.
ڪوپن ۾ ڪي ننڍا ڪي وڏا ڇيڇا پيا آهن.)

اندرا (ڪکي وکي ٿي)- شيرين اندر ۾ ڪلهاڻہ نہ.
نوڪر اهڙا ڙيانخور ٿي پيا آهن جو ڪالهہ ٻهاڙيءَ وارو
ٿي سيٽ پڇي ڇيهون ڪري ڇڏيائون. ٽڏهن
رهيا کهيا جگ پيا هٿا سي کڻي ڪڍياسون. چانهہ جا
ڇيڇا بہ گم ڪري ڇڏيا اٿن.

لڇمي- (ڪجهہ ڪيڪ پيسٽري ٿالهين مان ڪسڪائي)
مان نہ وڃي رنڌڻي ۾ ڪي هپا هٽان (هلي وڃي ٿي.)

شيرين- دادي جو هڪڙو ننگ پڇي پوي نہ يڪدم
ڦڙون سيٽ وٺي اچي. (نخري سان) ساڳئي سيٽ مان،
ننڍڙن ڇيڇن سان چانهہ پيئبي آهي نہ مزو ٿي اڙو پيو
ايندو آهي... پر نهيو فڪر ڪونهي.

اندرا- پلاڪ ڪوپ ناهي ڏيان؟ گهٽا ڇيڇا ڪنڊ جا؟

شيرين- ٿنڌڪ پوءِ مونکي ڇئين ٻچي چانهہ نہ ملي
نہ واسط پيو پٽ پٽ ڪري... بس هڪڙو ڇيچو.....
مونکي کنڊ گهٽي وٺيڻي ڪانہ. کير جو بہ ڦڙو وجهجانءِ

نه ته چانهه جي خوشبوءِ مارجيو وڃي. (اندرا ڪوپ ناهي ڏينس ٿي.)

رڪمڻي- ڇوڪري، هي ڪير جو نالو ٿي ڪرين ڇا؟ ڪير سرسيرو وجهو ته چانهه ۾ طاقت ۽ ٿئي؛ ڪين توهان کي ڪپي چانهه جو نشو. چانهه جي اهڙي علت ٿيون رکو ته سرڪار چانهه تي ۽ نه بندش وجهي ڇڏي.

اندرا- دادي، توکي ڪهڙي خبر. تون ڪٿي پاٽلاءِ اڏو اڏ ڪير وجهي ٿي ٿو.

رڪمڻي- ها، مان پنهنجي پاڻيهي ٿي ناهي پيئان. (پنهنجو ڪوپ ناهي ٿي جنهن ۾ جام ڪير ۽ چار چمچا کنڊ جا وجهي ٿي ۽ پوءِ سارو ۾ چانهه اوتي سرڪا ڀري پيئڻ شروع ڪري ٿي.)

اندرا- ڪرين ڇا ٿي؟ هي ڪهڙو چانهه پيئڻ جو جهنگلي نمونو آهي؟ شيرين ڇوندي ڇا. (پنهنجو ڪوپ ناهي پئي ٿي.)

رڪمڻي- توهين ڪجهه ۽ پيئون ڇٽو. مان پنهنجو وات ساڙيندي يس ڇا؟ ههڙي باهه جهڙي چانهه نسارڻ ڪانسواءِ ڪيئن پيئجي؟

شيرين- مان ڪيئن ويٺي پيئان؟ ڇپ ڪني سان ڇهاڻي، ذرو ذرو ڪري پي ڏس ته ڪهڙو مزو ٿو اچيئي. چانهه باهه جهڙي گرم نه هجي ۽ ڪوپ گهڻو وقت نه هلي ته تنهن کان ٿڌو پاڻي ڇو نه پيئجي؟

رڪمڻي- ڇوڪريون، توهان جي نه مسڪي اڙر

آهي. هڪڙو چانهه جو ڪوپ پيئڻو تڏهن لاءِ ڪيترو ڪٺي اپ ميز ڪيو اٿو، ڪيڏا ڪٺي قاعدا ڪيا اٿو. وڃي کڻ پوي توهان جي چانهه؛ مان وٺان ٿي هلي آندر.

اندرا- نهيو دادي، هاڻي ته چانهه پوري ڪٺي اٿئون. ويهه ته شيرين باجي تي هڪڙو راڳ ٻڌائيندي. ڪيئن شيرين، مجيد پڻءِ نه؟... پر ٻيو ڪوپ پيئندينءَ؟

شيرين- نه، مان هڪڙي ڳالهه وڏي پيئان ٿي ڪين...... پلا باجو ڪٿي آهي؟...... اوهو، ميز وٽ. اٿي ته اڄ گهٽي پيٺي اٿم پر توکي نااميد ڪيئن ڪريان؟

(باجو کولي هڪ راڳ ڳائي ٿي جنهن جي پوري ٽيڪ تي اندرا تاڙيون وڄائي هيٺ هيٺ ڪري ٿي. جڏهن شيرين باجي تان اٿي ٿي ته نظر وڃي ٿي جليبين جي ٿڙي تي پويس.)

شيرين- اندرا، ڏاڍا ڪٺي نول گهرايا اٿيئي. هي وري کهڙو ٿڙو پيو آهي جو اڄا ڪوليوٽي ڪونه اٿيئي؟

اندرا (هٻڪي)- اهو ته پرانو چوڪ مان اچي ويو آهي... تنهنجي کائڻ لائق ڪونهي. (وڏي ٿڙو ڪڍيئي).

شيرين- پر هي ڏسان ته سهڻي آهي ڇا؟ (ڪيس تي ءُ کولي ڏسي ٿي) جليبيون! هي گهرايو ڇا اٿيئي؟ مٺ مٺ، گگ پيٺي ڳڙي!

اندرا- پر مون ته توکي ڪارائون ٿي ڪونه. انهيءَ ڪري ته پاسيرو ڪري رکيم.

شيرين- اهڙي گندي شيءِ گهر ۾ آڻڻ ٺي گهرجي آهي. هتي آنديون ڪنهن؟

إندرا- ڪنهن نوڪر آنديون هونديون... يلا هاڻي... (اوچتو پاڙيسرياڻي ديا ڏوڪيندي اچي ٿي، هٿ ۾ هڪ ٿالهيءَ جي لڏن جي ٿالهي اٿس.)

ديا- رکمڻي، دادي مٺان وري هي ٿالهيءَ جا لڏون موڪليم، ٿڌهن تولاءِ ٻه، چار ڪٽي آيس. هي جليبيون ڪاڏهن؟ اندرا، تنهنجي ساهيڙيءَ کي ته ضرور وٺيون...... (اک وڃي ٿي شيرين تي پوي، جنهن کي اماڪ وڃي ٿي پاڪر پائي) اڙي شيرين! خوش آهين، ڇڱي ڀلي؟ تون هتي ڪيئن آئينءَ؟

إندرا (وسميءَ ۾)- ديا، تون شيرين کي سڃاڻين ڇا؟

ديا- ڏس ته ڀلي ڇا ٿي! ڇو سڀيءَ پاڙيءَ کي سڃاڻين ڇا؟ اڙي، هيءَ ته اُن پاڻ جي ڌيءَ آهي، جنهنجي دڪان وارين جليبيون ۽ لڏون آنداٿيمانو.

إندرا- هان! ته ته شيرين ته منهنجي اڳين ساهيڙي، ڪليڪٽر جي ڌيءَ......

شيرين (ڦڪو ٿاٿندو ڏسي، دل ۾ڏي)- إندرا معاف ڪجانءِ، مون توسان ٺٽ هنيو. الاجي ڪهڙي وڏو اچي مٿي ۾ ويٺيم جو توسان ڪوڙ ڳالهايم. مان برابر آنٽي ديا جي پاڙي آهيان، ديديءَ کي مٺائيءَ جو دڪان......

رکمڻي- آئي، ڇوڪرين کي ٿيون آهن، جهڙيون ڍڪليءَ جون ڳنڍيون!

شيرين- آنٽي وڪٽي، تون بہ معاف ڪجانءِ، مون ڀُل ڪئي...... پر آنٽي ڏينا، اسين ٻورا سورا، تون هنن وڏن ماڻهن کي ڪيئن سڃاڻين؟

ڏينا- ساڳي مسواڙي جاءِ ۾ ٻئي پاڙيسري ٿيا وينا آهيون سو سڃاڻنداسون ڪيئن نہ؟

شيرين- مسواڙي جاءِ! پر اندرا تہ چيو تہ اسين جاين جڳهين، موٽرن، گاڏين وارا واپاري، پنهنجي بنگلي ۾ رهندا...

اندرا (ڦڪر ڦاٽندو ڏسي، دل ٻڌي)- شيرين تون بہ مونکي معاف ڪجانءِ. تنهنجي پنيان مونکي بہ مٿي ۾ واءُ اچي وينو جو مون بہ ڪٽي توسان ٺٽ هنيو. سنڌ ۾ تہ برابر دادا واپار ڪندو هو پر بمبئي ۾ اچي واشنگ ڪمپني......

شيرين- مار! ڏڌهن ٻنهي هڪ ٻئي کي ٻلغاري ٻوڙيا ٻڌا! پر سبق بہ چڱوئي سکيون آهيون تہ پاڻ کان مٿي ڪڏهن نہ اڏامجي. اٿين سمجهڻ کپي تہ هرڪو ايماندار ڌنڌو آبرودار آهي.

اندرا- سچ شيرين... پر سڏ اٿيئي جنهن پيئر اسان کي چانهہ آڻي پيئاري سو ڪير هو؟ ٻڌايانءِ؟ (سڏ ڪري) ڇوڪرا! (لڇمي ڇوڪراڻي ڪپڙن ۾ اچي ٿي تہ اندرا گانڌي ٽوپي لاهي ٿي ڇڏيس ۽ سندس وار لٽڪي ٿا پون.) هيءَ منهنجي ننڍڙي ڀيڻ لڇمي اٿيئي.

لڇمي- لڇمي آهيان ڪي لڇڻ، مونکي بہ تہ ڪجهہ

ڪاٺ ڏيو. اڃا هتي ويٺيون ٻڪ ڪريو! وڃو تہ مان
بہ ٻچڻ مان ڪي جاوا ڪريان. (ڪيڪ بسڪوٽ کڻي
ڳڙڪائي ٿي.)

شيرين- ٻائي، مونکي تہ اڃا ٻک آهي. ٻيسٽوي تہ
مٺنوس وچان لڄ ڪري ٻي ڪاڏيو. هاڻي ڪوڙي وڏائي
ڦٽي ڪري اچو تہ ٻيئٽ ٻري ٻ نديءَ واريون جليبيون ۽
لڏون کائون. آئي ڊيا، هيڏانهن تہ وراڻجانءِ تہ ڪي
وارا ڪريون. (سڀ جليبين ۽ لڏن کي لڳي وڃن ٿا.)

# پريت جي ريت

(هڪ دائمي مسئلي تي ننڍو ناٽڪ)

**اداڪار:-**

مرد؛

زال؛

ماءُ.

چڪر پهريون:- مرد جي گهر ۾ ڪمرو.

چڪر ٻيون:- ساڳيو ٻن سالن کانپوءِ.


ڇاپو پهريون - ”اين-جي-هاءِ سڪول مخزن“ ڪراچي، ١٩٣٧.

ڇاپو ٻيون - ”پنج ننڍڙا ناٽڪ“ ڪراچي، ١٩٣٧.

ڇاپو ٽيون - ايس-ايس-سي بورڊ جو ”سنڌي ڦلواڙي“، بمبئي، ١٩٥١.

ڇاپو چوٿون - ”هندواسي“ بمبئي، ١٩٥٥.

ڇاپو پنجون - ”جيون چهچٽا“ بمبئي، ١٩٥٧

# چڪر ڀريون

(هڪ اڇي سينگاريل ڪمري ۾ هڪ نوجوان پنهنجي ننڍين پرٽيل زال جي خدمت ڪري رهيو آهي، جا ڳري ساڻي ٿي وئي آهي، رکي رکي کنگهي پئي، ۽ دشو مٿان وڇيو هڪ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پئي آهي. مرد هڪ ٿرماميٽر چنبي هنجي زبان هيٺان رکي ٿو ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ ٽيمپريچر جاچي ٿو. منهن لٽڪل، پاسي کان پيل دوائن واريءَ ٽپائيءَ وٽ وڃي ٿو ۽ نقشي تي ٽيمپريچر داخل ڪري ٿو. زال ٿونئين پر اٿي پڇيس ٿي:)

زال— اڄ ٽيمپريچر گهڻو اٿم؟

مرد— ڪجهه ڪونهي. نارمل کن ٿيندو.

زال— گهڻا ڏينهن مونکان اڪائيندين؟ مان ڪا ٻار آهيان ڇا؟

مرد— پر نارمل کان ٻه ٽي پائنٽون مس مٿي هوندو، تنهنجي ڪا پرواهه ڪانهي.

زال— مونکي پرپائين ڇو پيو؟ مونکي سڌ آهي ته صبح مهل ٿي ٽپ نارمل کان مٿي هوندو آهي ته ڏينهن چڙهڻ کيترو وڌي ويندو آهي. تڏهن ڪانسواءِ هيءَ کنگهه جا پيهي وڌي اٿم.

مرد- ٻڌ مان خاطري ٿو ڏيان ته، ٽوڪي کي ڪو خطرو ڪونهي. مون ڪيترن ڊاڪٽرن کان پڇيو آهي، ٽوڪي فقط ضعف چڙهي ويو آهي.

زال- ٻڌ مان به پڙهيل ڳڙهيل آهيان. مان سڀ ٿي سمجهان ته اهي ڦڦڙن جي ٽي - بي جون اوائلي نشانيون آهن، جنهن کي ڊاڪٽر ”ٿائيسس“ چوندا آهن. اڃا وڌيڪ ٻڌايانءِ ڇا؟

مرد- تڏهن ٽوڪي اڃا به ست هفتا ڪهي ته ”ٿائيسس“ ۾ ڪو خطرو ڪونهي، بشرطيڪ ڪچيءَ ۾ ئي انهي پاڙ پٽي ڪڍجي.

زال- ته پوءِ ڇو نٿو مونکي کولي ڳالهه ٻڌائين؟ هن اک لڪائيءَ بدران ڇو نٿو مونسان به صلاح ڪرين، ته ٻئي گڏجي انهيءَ مرض کي منهن ڏيون؟

مرد- پياري، مون برابر چوڪ ڪئي. مونکي ڀؤ ٿيو ته ٽوڪي ٻڌي متان ڌڪو پئجي وڃيءَ. پر مونکي خبر ڪانه هئي ته تون اهڙي بهادر آهين. چڱو، هاڻي اچ ته کلي ڳالهه ڪريون. ٽوڪي ست آهي ته شروعات ۾ اهو مرض سولائيءَ سان روڪي سگهجي ٿو. صاف هوا، سٺي خوراڪ ۽ پوري ورزش سان سؤ مان نوانوي ڪيس ڇٽي پوندا آهن.

زال- پر هاڻي ته نيون سيون نڪتيون آهن جنهجي هٿائتا سان هزارين ماڻهو انهيءَ بيماريءَ مان ڇٽي ٿا پون.

مرد- برابر، پر انهن سئين مان ڪڏهن به مرض اٿلڻ

جو انديشو آهي. ڊاڪٽر مونکي صلاح ڏني آهي تہ يڪدم پهاڙن تي وڃي وهنس، ڇو جو اهوئي هڪ اُڪ علاج آهي. سو مون اڳواٽ ئي ڪيترن ٺڪرن تي ڪنهن هوادار جڳهہ لاءِ تارون ڪري ڇڏيون آهن.

زال - ۽ مونکي سڀ ڳالهہ کان غيرواقف رکيو اٿيئي! جيتوڻيڪ منهنجي ڀلي لاءِ ائين ڪيئہ، تہ بہ هن زماني ۾ اها ڪهڙي نہ غير واجب ڳالهہ آهي. خير اُهيو، پر مونکي هڪڙي مشڪلات ٿي ڏسڻ ۾ اچي. ويچاريءَ اما کي ڪيئن اڪيلو ڇڏي هلنداسون؟

مرد - اما وڃي پيڻ وٽ ٽڪندي. لاچاري حالت ۾ اها تڪليف ضرور وٺندي. اسان ٻنهي کي ڪيترو تہ پابندي آهي!

زال - ها، توکي تہ گهٽ ٿي پابندي آهي، پر مونکي پابندي آهي سا مونکي ڪک ڪانهي.

مرد - ڇري آهين ڇا؟ ٻڌايو مانءِ ڪين تہ اسان جي شاديءَ کان اڳ ڪيئن نہ پيئي تو لاءِ سڪندي هئي.

زال - پٽ جي ڪنوار لاءِ برابر سڪندي هئي، پر نهن لاءِ ڪانہ سڪندي هئي.

مرد - پروڻين ۾ ڇو پيئي ڳالهائين؟ توکي تہ سڌ آهي تہ بي.اي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مان آباڻي ملڪيت جي آڌار تي شادي ڪرڻ جي برخلاف هوس، جيسين پنهنجي پگهار جي پورهئي سان نہ ڪمايان. پر اما اچي ضد ٻڌو تہ پيريءَ ۾ پٽ جي ڪنوار ڏسي وڃان، جا اچي

منهنجو گهر سينگاري. سو لاچار مونکي ڇڏڻو پيو... ڪي ڪي لاڪري پڇتايو اٿم. (گراهڪڙي بانيس تو.)

زال- ته مان به اٺين ٽي ڇوان ته هنڪي مان ڪانه ڪهندي هيس پر ٻت جي جوءِ، جنهن سان ٻه چار هفتا لاڏ ڪوڏ ڪري نيمڻ ڪٽي ٿي ويٺي آهي.

مرد- تون اڄ ڇو ٻن چا ويٺي؟ تون سمجهين ٿي ته اڃا سال مس شادي ڪئي ٿيو اٿئون ته، اما جو توتان اوواح لهي ويو آهي؟

زال- مان اکيون ٻوري ڪانه ويٺي آهيان. جي تو نه ڄاڃيو آهي ته مان ڄاڃيندي اچان ته هنجو مونسان ڪيترو پيار آهي؛ خاص ڪري جو تون مونکي هيترو پيار ٿو ڪرين ۽ هيترو وقت مونسان ٿو گذارين سو هوءَ ڪيتري قدر سهي ٿي سگهي.

مرد- ڇا تون سمجهين ٿي ته هنجي تنوسان ابرڪا آهي؟ اها ته ڇريائي آهي.

زال- ڇريائي آهي؟ تون سمجهين ٿو ته ماڻ جو پيار اهڙو ئي غرض آهي جو ابرڪا ڪان آجو آهي؟ تو سمجهين ٿو ته ماڻ انسان ناهي پر ڪو فرشتو آهي؟

مرد- سچ پڇين ته مونکي اهڙو خيال اڳي آهو ٿي ڪونهي. پر ڪيئن بہ هجي، هن حالت ۾ هوءَ اوس سمجهندي ته هوا بدلائڻ لاءِ تنهنجو وڃڻ بلڪل ضروري آهي ۽ خوشيءَ سان اسانکي موڪل ڏيندي.

زال- تون روز سانجهون جو ڪيس اڪيلو ڇڏي مونکي

گھائڻ ٿو ھلين، تنھن بابت راءِ جيڪو جھيڙو مچايائين سو اھڙي ٻي وسري ويئي؟ منھنجي ته، صلاح اھيئي ته ٻه چار ڏينھن رکي پوءِ اھا ڳالھه ڇوريئس.

مرد- پر توکي خبر آھي ته دير ڪرڻ مان خطرو آھي. مان اڄ ئي تو ڳالھه ڪيائس. بلڪ ھينئر ئي اٿو ڪونيائس.

زال- جڏن وٺيئي ٺن ڪر، پر مان چتاءَ ٿي ڪريان، ته گھر ۾ ڇوڪرو ئي وجھين، جو مان سھي ڪانه سگھنديس.

مرد- ڪجھه به ٿئي پوي، مان ڪنھنجي به خير واجبي ھلت ڪري ھيسجي ڪونه ويندس... تون وڃي صفحي پر ليٽي پئو.

(ڪيس پاڻھن ڪان وڃي ھڪ پاسي اماڻي ٿو، ۽ ٻئي پاسي واري دروازي ڏانھن وڃي ڪوٺيٿو: اما! اما! ھيڏانھن ته اچجانءِ.)

ماءُ (اندران)- پٽ ڇا آھي؟ (اچيئي) سک ته آھي؟

مرد- اما، مونکي توسان ڪا خاص ڳالھه ڪرڻي آھي. ويھه، (ھڪ ڪرسيءَ تي ويھي ٿي) اماں توکي ته خبر آھي ته منھنجي زال مھني پن کان خوش ڪانه ٿي گذاري

ماءُ- ھائو، ٿوري ڪنگھه جي ٿوڪار ٿي پيئي اٿس، سا ته ماڻھن کي ٿئي پيئي.

مرد- نه اما! انھيءَ کان وڏي تڪليف اٿس. ڊاڪٽر صاف ظاھر ڪري ويو آھي ته ڦڦڙن جي بيماري اٿس.

ماءُ- اڄوڪا ڊاڪٽر وري ڪھڙا آھن! وڃو ماڻھن کي ڊبڄاري پيسا ڦري ڇاڻن. مٿان انھنجي ڳالھين تي ويساھ ڪيو اٿيئي.

مرد- توکي ڪهڙي خبر بيمارين ۽ ڊاڪٽرن جي؟ هن کي ضرور هوا بدلائڻ لاءِ پهاڙن تي وٺي وڃڻ کپي.

ماءُ- ذري تي بيماري ٿئيس ته تون وڏايو ڪنيو وڻ ڪرين. رڳو پورو کائي نٿي تنهنڪري ضعيف ٿي وئي آهي. سارو ڏينهن پيئي وڃن پورڻ ۽ گهوٽ ڦوٽ جا خيال ڪندي ته کاڌي تي ڪهڙو ڌيان ڏيندي؟

مرد- اهي ٻاراڻيون ڳالهيون ڇڏيون ڪر. مون هن کي ٻاهر وٺي وڃڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. هيءَ مند وڃي ڪنهن پهاڙ تي هوا بدلائيندو ساڻس.

ماءُ- پر مونکي ڪيڏانهن ڪندين؟ هتي اڪيلو ڦٽو ڪري ويندين ڇا؟

مرد- تو پوڙهيءَ زال کي ڪٿي ايڏي لنبي مسافريءَ تي وٺي هلندس؟ تون وڃي پٽ جي گهر رهجانءِ، پيو ڇا؟

ماءُ- مان پنهنجو گهر ڇڏي وڃي! ٻين تي ٻري ٻار تي ٻوان!

مرد- ڪنهن ڌارئي وٽ ٿي رهين ڇا؟ سڳي پٽ اٿيئي، انهيءَ ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي؟

ماءُ- گهٽتائي مون لاءِ آهي، توکي ڇا آهي؟ تون ته سمجهين ٿو ته ڪنوار سخت بيمار اٿئي، سو ٻاڻ پيا پهاڙ گهمندا ۽ ماءُ کي پٺيان ڦٽو ڪري ويندا ته ڀل پيئي پراون درن تي ڌڪا کائي.

مرد- اما، تون تمام غيرواجبي ۽ خود غرضيءَ جو

رخ پيئي ونين. ٻڍاپڻ ۾ وينو ته تنهنجي ڌيءَ سمان ننهن کي سخت بيماري آهي، تڏهن به تون پاڻ تي ڪجهه مشڪلاتون کڻڻ لاءِ تيار نه آهين.

ماءُ- چاچي سخت بيماري اٿس. جڏهن ته مان اُنڌي آهيان جو اهي اُڪلون ڏسان ٿي ڪانه وينئي. مان توکي ٻڍاپڻ ۾ ٿي ته هن جيئن گهر ۾ ٻيو پاڻ آهي تيئن اُنهن ٽالن ٽيتان سان پيئي توکي ماءُ کان ڌار ڪري. اها بيماريءَ جي وري نئين اُڪل ڪڍي اٿس ته نجو مڙس مليس.

مرد- اما اهو هنتي ڪوڙو نڪرڻ ٿي پڇين. تون پاڻ چوندي آهين ته تنهنجو ڪيترو وڃار ڪندي آهي، ڪيترو تنهنجي چئي ۾ رهندي آهي.

ماءُ- اهو سڀ توکي خوش ڪرڻ لاءِ ٻاهريون ڏيکاءُ هو. ٻر هاڻ سڌ پيئي اٿم ته هيءَ اصل کان سڻون سٽيندي اچي ته ڪيئن مڙس کي ڏوريءَ ۾ ٻڌي چڙيان.

مرد- اُهين ته اٿين ٿي سهين. اُنهيءَ ۾ ڪهڙو گناه ڪيائين؟ ننڍڙي ڇوڪريءَ کي ٻالڪ واري گهر ۾ ماءُ پيءُ کان هڪڙي ئي ڏک سان ڌار ڪري، هڪ ٻنهه ڌارئي گهر ۾ ڌارين جي وچ ۾ اچي تو اُڇلاڄي. اهڙيءَ حالت ۾ مڙس ئي هن لاءِ اُميد ۽ آڌار آهي، هن ۾ ئي سندس سمورو پيار وڃي ڪهندو. ٻڌاءِ ڪهڙو ڏوهه ڪيائين جي مڙس کي پنهنجو ڪرڻ چاهيائين؟

ماءُ- ڏٺءِ! مون اڳيئي سمجهو ته توکي موه جي جار

مرد- پوءِ اهڙي چوج مان پٽ پرڻائڻ جو، جو هاڻي ڪيس زال سان جيوت جي خوشي ماڻيندو ڏسي سهي نٿي سگهين؟ مان چوان ٿو. تون بيهودي نڪتا چيني ڪرين. توکي ايرکا جي آڳ وڌي وئي آهي. تنهنجي خود غرضي انسانيت کان ٻاهر لنگهي وئي آهي. تون پاڻ چاهين ته انهن جي حياتي ڀلي ناس ٿي وڃي، باقي پٽ تنهنجي پلئه سان ٻڌو وتو هجي. پر مان اهو بلڪل ڪين سهندس. اسين هينئر ئي تانوڙ ٻڌڻ شروع ڪريون؟ تار جو جواب اچڻ شرط ٻيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي پونداسون.

(ڌوڪيندو اندر وڃي ٿو، ماڻس ٺوس ۾ رهجي وڃي ٿي.)

# چڪر ٻيون

(ٻه سال گذري ويا آهن، سانجهن جو وقت آهي. ساڳئي ڪمري ۾ هاڻي هڪ ٻارڙو پينگهو پيو آهي ۽ ٻارڙا ڪپڙا ۽ رانديڪا پکڙيا پيا آهن. زال هاڻي ٿاڙي تواني ۽ تندرست ٿيڻ لڳي، ۽ سبز واريءَ مشين تي هڪ ٻارڙو هول وڻي سبي ۽ لوليءَ جي هڪ ٽڪ پيئي اچاري. مڙس پنهنجي ڊنڊي تان موٽي ٿو، ڪيس پيار مان نهاري ٿو ۽ ٿوري ڪوٽ لاهيندي چوي ٿو:-)

مرد- اڄا پيئي ڪم ڪرين؟ هميشه ڏيرو ڪرين. مان ڪم تان موٽان تنهنڪان اڳ ۾ ئي چونه سنهري وهندي آهين؟ هاڻي ڪلاڪ ولندين ۽ ڪپڙا پائڻ تي! تنهنڪان پوءِ مس گهمڻ هلي سگهبو.

زال- مان اڄ گهمڻ ڪانه ٿي هلان. ڪڪي کي ٿوري تپ ٿي پيئي آهي، سوچيم ته هڪڙو هول سبي ڪيان ته رات جو مٿو گرم رهيس.

مرد- ٻر اڄوڪي رات ڪري ڪنهن گرم ڪپڙي جي ٻوڪي پئجانس. انهيءَ ڪري هر ويرو سبجي سانجهي جو وڃايون؟... ٻر ڪڪو آهي ڪٿي؟

زال- اندر ڏاڏيءَ وٽ آهي. ڏاڏو ئي پاڻهيئس ۽ پاڻ نه هن پنيان چريو آهي.

مرد- ڇڱو هاڻي وڌيڪ وقت نه وڃاءِ. ٿورو وقت
مونکي ۾ ڏهوءِ پوءِ هلنداسون هن ديسي پکيءَ لي جبا
چيومانءِ نه ضرور ڏيکاريندوسانءِ.

زال- پر ڪڏي ڪي ڪارائتو پوندو، سوال ئي
سمهارڻو پوندو.

مرد- تڏهن آيا ڇا لاءِ رکي اٿئي؟ تنهن ڪانسواءِ آما
وٺي آهيءَ ڇيهه نه ڏاڍو ٿي پائنيس... هاڻي شاباس،
تهه پهه ڪري وٺ نه هلون.

زال- پر هرويرو ايترو ضد ڇو ڪٿي پڌو اٿئي؟
هڪڙو ڏينهن گهمڻ گسايم نه ڇا ٿي پوندو؟

مرد- هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه ڪانهيءَ وبهڙائيءَ
۾ هڪ نه ٻئي ڀائي گهٽيون سانجهيون گسايون اٿيئي؟
توکي خبر آهي ته چنڊ ڪان پوءِ به ڪليل هوا تنهنجي لاءِ
ڪهڙي نه ضروري آهي؟ بيماريءَ جي اٿلڻ جو خوف
هميشهءَ رهي ٿو.

زال- هاڻي ڪڏهن ڪري ڪا سانجهي به گسايم ته
بيماري ايتري ۾ اٿلي ڪانه پوندي. تنهن ڪانسواءِ گهر
جي ڪم ڪاج ۾ اهڙو غلطان ٿي ٿو وڃجي جو گهمڻ ڦرڻ
جي چاهنا ئي ڪانه......

مرد- ها، چاهنا! اها ڳالهه ڪر نه! اڄ ڪلهه جيڪي
مان چاهيان اوڏانهن تنهنجي چاهنا ٿئي ئي نٿي. تنهنجي
چاهنا خود موڏانهن به ڪانه ٿي ٿئي.

زال- تون ڇو ٿي ڇا پيو! مان نه توکي جيترو اڳي

چاهيندي هيس اوترو ئي هاڻي ۽ چاهيان ٿي. ٻر گهر ۾ سدائين ڪو نہ ڪو ڪمڪار پيو نڪري، جنهن ڪري اهڙو نڪجي بيزار ٿو ٿجي جو......

مرد- اهائي تہ ڳالهہ آهي جو هاڻي تنهنجو پيار بہ نڪجي بيزار ٿي پيو آهي. ڏينهن جو اهڙي وڏل هجين جو چار منٺا اکر بہ مونسان ڪو نہ ڳالهائين. رات جو اهڙي ٿڪل هجين جو ننڊ ۾ پيئي آجهرائن. تڏهن چئبو تہ جيوت جو رنگ ۽ چمڪو لهي ويو آهي، باقي روزمره جي ايوڳائي ۽ بي جسائي رهجي وئي آهي.

زال- چوڻو هرويرو دل ڪوڙي ڪريان؟ گهر ۾ جيڪا گهل گهيداڙ ٿي ٿئي سا تون سمجهي نٿو سگهين. خاص ڪري ڪڪي ڄائي کانپوء......

مرد- نيٺ سچي ڳالهہ سلي ائيئي! ڪڪي ڄائي کان پوء مان بہ ڄاڃيندو اچان تہ ڪيئن ڪڪو آهستي آهستي توکان مون کان ڌار ڪندو وڃي، تنهنجو پيار مونکان کسيندو وڃي. هاڻي تنهنجو پيار مون ۾ سمايل ڪونهي پر ورهائجي ويو آهي. روز بروز تون ڪڪي کي وڌيڪ پيار ڏيندي وڃين، تان جو مون لاءِ ذرو بہ نہ بچندو.

زال- پيارا، هي توکي ڇا اچي ٿيو آهي! اجايو پيو پاڻکي تپائين. مان پڪ ٿي ڏيان تہ ائين آهيئي ڪين. البت شروعات وارو جوش ۽ اُساه پيار مان نڪري

ماءُ- انهيءَ الجهن کي سلجهائڻ ئکو منهنجي وس آهي نکو هنجي. اهو مونجهارو خود تو ۾ آهي، تنهنجي منورتيءَ ۾ آهي. هاڻي اچ ته مان تنهنجي من تان ٽورو ڇارو هٽايان، پوءِ ڏس ته ڪيئن ٿولاھ دنيا جي صورت نئين ٿري ٿي پوي.

مرد- پر منهنجي من تي ڇارو چڙهيل آهي ئي ڪونه. پنهنجي زال جو پيار ٿو گهران، سو به منهنجي منورتيءَ ۾ مونجهارو ٿيو!

زال- پر مان پنهنجي پيار ڏيڻ کان انڪار ڪريان ٿي ڪانه ٿي. مان نه فقط چوان ٿي ته توکي پيار ڪرڻ سان گڏ ٻار کي به ضرور پيار ڪنديس، جو اسان ٻنهي جو ٻار آهي، جنهنلاءِ توکي به پيار هئڻ گهرجي.

ماءُ- اهوئي ڳالهه جو ڳانو آهي. (پٽ کي) توکي زال جي پيار تي بلاشڪ حق آهي، پر نه هن جي سموري خلاصي پيار تي. مون به اهائي ڀل ڪئي هئي جو تنهنجو خلاصو پيار طلبيم ۽ هار کاڌيم. ڳالهه هيءَ آهي ته اسين ڪجهه وقت نهي پيار ملڻ تي اهڙو ته هري ٿا وڃون، ماءُ پٽ وٽان، مڙس زال وٽان، جو ساري جمار پيا انللاءِ ڇڪتاڻ ڪريون. پر اها اڻ ٿيڻي آهي...هاڻي منهنجي ۽ پنهنجي خودغرضيءَ ۾ مشابهت سمجهين سگهين ٿو، ڪين اچا نه؟

مرد (هٻڪي)- خير، ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر صاف سمجهي نٿو سگهان.....تنهنڪانسواءِ مونکي دير پيئي ٿئي.

# ايڪتا

(قومي ننڍو ناٽڪ)

## ڪردار:-

لالا هنسراج- پنجابي واپاري؛
بسنت ڪور- سندس ڌيءَ؛
واريلعل- گجراتي لکپتي؛
سالگرام- مرهٽو گولو؛
سندر- سنڌي ساڙي.

نظارو- بمبئي جي ناري سدن ۾ هڪ ڪمرو

ڇاپو پهريون- "نئين دنيا"، بمبئي، ١٩٤٩
ڇاپو ٻيون- "هندواسي"، بمبئي، ١٩٥٣
ڇاپو ٽيون- "جيون ڇهٽا"، بمبئي، ١٩٥٧

(بمبئيءَ جي ڏاري سدن ۾ هڪ ڪمرو، جو سادي
پر سهڻي سامان سان سجايل آهي. لالا هنسراج، هڪ
شوخ طبع ڪرڙو پنجابي، ڌيءُ بسنت ڪؤر کي گڏجڻ
اچي ٿو ۽ ڪمري کي جاچي ڏسي ٿو. ٿوري وقت بعد
واريلعل، هڪ نوجوان گجراتي پهچي ٿو.)

واريلعل- لالاصاحب، بسنت ڪؤر کي ماڻهو موڪلي آيو آهيان. نڪتي آهي ٻاهر ڪم لاءِ، سا ٿوري وقت ۾ اچي ويندي. هاڻي پلا مان هلان ٿو، ته توهين پاڻ اهڙي ڪم ڪرڻ کان روڪيوس.

هنسراج- هائو، توهين چئو.

واريلعل- چڱو پلا، منهنجي موٽر مونکي ڇڏي، موٽي اچي توهان لاءِ ايندي.

هنسراج- ٿورا توهانجا... پر پهتا ته وقت تي آهيون نه؟

واريلعل- ها، ها، اڃا ته اهڙو خطرو ڪونهي. اڃا شادي سا ڪانه ڪئي اٿن، پر......

هنسراج (ڏند ڪرٽي)- اهي ڪمذات سنڌي! ساري عمر مونکي ستايو اٿن.

واريلعل- جڏهن سنڌ مان ٻاهر نڪتا آهن، تڏهن ساري هندستان کي ستايو اٿن.

هنسراج- پر مان پنهنجي ڪل جي لڄا آخران بيعزتي

ڪري بسنتيءَ کي ٻنهي ڪري ڏيندس. جيسين پنهنجي هوش ۾ نه آيو آهي، تيسين هن پنهنجي هٿ سان ڪيس پورو ڪري، پوءِ ٻالڪي ۾ گهاٽڻ ڪري ڇڏيندس.

واريلعل - نه، نه، سيٺ، خون خرابيءَ جي ته ڳالهه نه ڪريو. هيءَ ڪا ڪراچي ڪانهي. ٻيو ته جي بسنتيءَ کي پورو ڪندا ته منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟

هنسراج - تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو! يعني؟

واريلعل - سيٺ، توهين سمجهي ته ويا هوندا ته همت فقط انهيءَ سنڌيءَ لاءِ ڏڪار جي ڳالهه ڪانهي، پر منهنجي پيار جي.

هنسراج - پيار! سو ڪيئن؟

واريلعل - سيٺ، توهانکي سچ ڪانهي ته منهنجي دل ۾ توهانجي ڌيءَ لاءِ ڪيترو پيار آهي. پر ارچڻ رڳو اها آهي جو سندس قبوليت جي دڪار آهي. سو مان توهان ۾ اميد رکي ويٺو آهيان ته توهين منهنجي واهر ڪندا.

هنسراج - خبر نه اٿيئي ته هوءَ نئين زماني جي پڙهيل ڳڙهيل، پنهنجن خيالن واري نينگر آهي. مائي جي ماءُ هٺ ڪري، مونکي نه پورو رخ ڪانه ٿي ڏئي. انهيءَ ڪري ڏاچي ٿاري سڌن جي منترياڻي ٿي آهي. انهيءَ ڪميٽي سنڌر سان پڇي نه وڃي، باقي بسنتيءَ سان...

واريلعل - پر سيٺ، غصي وچان هٿي پورو ڪري نه ڇڏجوس.

ٽنهنڪان ته انهيءَ سنڌي ٻچي کي ٻورو ڪريو ته منهنجو ڪو موڪ ڏئي.

هنسراج- انهن سنڌين کي ٻورو ڪرڻ ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڪراچيءَ مان ڦرجي ڀڳا آهن، ته ڍڍهين به اها ٽيڳر ٽٽا ڇڏين.

واريلعل- ڇاجو ڦرجي نڪتا آهن؟ اهو سڀ اخبارن جو وڌاءُ آهي. پر سيمنٽ، توهين پاڻ به ته تڏهن ڪراچيءَ ۾ هئا، توهانکي ته سڀڄي سڌ هوندي.

هنسراج- هائو، مان ته اتي هڪيو حاضر هوس. آرٽلري ميدان واري ڦرلٽ ته ٻنهه منهنجي اکين سامهون پئي ٿي.

واريلعل- پوءِ توهان پاڻ کي ڪيئن بچايو؟

هنسراج- اسانجا سالن کان ڪراچيءَ ۾ وڏا ڏنڌا واپار هلندا هئا. پوليس ڪمائيءَ سان به رهي رکي هئي، سو مونکي اڳواٽ ئي فسادن جي ڪڙڪ پئجي ويئي هئي. مون پنهنجي گهر مٿان پوليس جي پهري جو انتظام ڪري ڇڏيو هو.

واريلعل- اهو سڌر لٽجي پڳو آهي ڇا؟

هنسراج- منهنجي گهر جي ليگولگ رهندا هئا. سو انهيءَ ڏينهن مونوٽ گهڙي آيو. ڇي: لوٽو اسانجي گهر ني ڪاهي آيا آهن. توهان وٽ گهٽائي سپاهي موجود آهن، ٻه چار ڏيو ته اسان کي به بچائين. پر مون صفا جواب ڏنومانس.

واريلعل- چڱو ڪيو، پاڙيسرن کي ڀڄائڻ لاءِ اوهين جو پنهنجي ڪٽنب کي خطري ۾ وجهو؟

هنسراج- هائو، مونکي ڪهڙي پيئي آهي جو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي انهن سنڌين کي ڀڄايان؟

واريلعل- مان پڇان ٿو ته اهي سنڌي ملڪ ڇڏي ڀڳا ڇو آهن؟ انهيءَ جهڙي ٿهڙي ڦر کانسواءِ سنڌ ۾ ٻيو ڇا جو گيدي ٿي پٺ پائي ڀڳا آهن؟ خاص ڪري بمبئي ڏني اٿن سٽري، سو سڀ اچي هتي ڳاهٽ ٿيا آهن. ڀلا عمر ڪيائون ڪلارڪيون، پر هتي جي سرڪار نوڪريون ڏئين ڇو ٿي؟ سو هاڻي ڏوکي پيا آهن ڏنڌي واپار ۾، ۽ اهڙا ته تريناڪ آهن جو اسان گجراتين کي ڏک ڏئي ڇڏيو اٿن. هاڻي وري شرنارٿين مان پرشارٿي بڻجي وڃن ٿپ لي سرڪار کي هلاڪ ڪندا. انهن ڪميٽن کي هڪجهڙا حق ۽ سهوليتون ڏنيونسون ته اسانجي بمبئيءَ جا مالڪ اهي ٿي ويندا.

هنسراج- ۽ اسين پنجابي ۽ گجراتي سنڌين زيردست ٿي پونداسون...

واريلعل- خير، انهيءَ گجراتي- سنڌي ڇڪتاڻ ڪرڻ ۾ وقت وڃائڻ اجايو آهي. باقي انهيءَ هڪڙي سنڌيءَ کي ڪيڏانهن نيڪالي ڏيو ته منهنجو رستو صاف ٿئي. چڱو ڀلا، سيٺ، هاڻي مان موڪلايان ٿو.

هنسراج- نمستي. پر بسنتيءَ بابت جيڪا ڳالهه ڪيئه سا ساڀيا ۾؟

واريلعل- سيٺ، ڇو نه؟ اها هڪڙي نئين ڳالهه آهي جو مان چاهيان ته پڻ حاصل ڪري نٿو سگهان. مان بسنتيءَ کي دل وجان سان پيار ته ڪريان ٿو؛ ساڻس وواهه ڪرڻ ٿو چاهيان. هاڻي اڄها آئي ڪا آئي. منهنجي پارت اٿو. ڀلا، ڇڻ ڇڻ (وڃي ٿو.)

(ٻئي پاسي کان بسنت ڪنور، هڪ نوجوان ٻردبار ڇوڪري اندر اچي ٿي؛ پيءُ کي ڏسي عجب ۾ پئي ٿي.)

بسنتي- بابا، توهين ڪٿي هئي اچي ويا؟

هنسراج- ڌيءُ، سيٺ واريلعل ٿي اڄ پڻ هن پاسي آيو، سو سندس موٽر ۾ چڙهي آيس. تنهنجو منهن ڏسڻ. ڏاڍو لائق پرپر پرش آهي.

بسنتي- هون کي بابا عجب لڳو ته هن وقت اوچتا ڪٿان اچي نڪتا.

هنسراج (ڏوراپي طور)- تڏهن پيءُ کي ڏسي خوش ڪانه ٿي آهين.

بسنتي- بابا، اسان ٻنهي جا خيال ٻنهه نرالا آهن؛ جن مسڪينن جي پگهر جي پورهئي مان توهين مالدار ٿيا آهيو تن مسڪينن جي مان شيوا ٿي ڪريان. ذال ذات هيڪر پارس ماتا جي پڪار ٻڌي ته هن جو موٽڻ محال آهي.

هنسراج- پر ذال ذات کان انهن لکها مسڪينن جي شيوا ڪهڙي ٿي سگهندي؟

بسنتي- جن مسڪينن جي آه ڪري امي ويچاري ڪراچيءَ ۾ چلي رهي تنهجي شيوا... (ڏک وچان گهٽجي پوي ٿي.)

هنسراج- برابر، ويچاري وڏي آهي- قرلت ڪانهوءَ اوچتي! پوءِ نه اسان جو به اتي رهڻ محال هو، بمبئيءَ هليا آياسون... پر ڏيءُ، تنهنجو هتي شالا ۾ اچي رهڻ سٺو نٿو لڳي.

بسنتي- بابا، مان هن شالا جي ڪم ۾ ڏاڍي خوش ويٺي آهيان، توهين منهنجو ويچار ڇو ٿا ڪريو؟

هنسراج- پر هاڻي جلد ئي مگنيءَ پرڻبينءَ. ٺئين ماءُ سان نه تنهنجو ناهه ئي ڪونهي، سو اهي بندوبست ۾ نه مونکي ئي ڪرڻا آهن.

بسنتي (حجاب وچان)- توهانکي اها خبر ڪٿان پيئي؟ (هٻڪي) تڏهن توهان سندر کي ڏٺو آهي؟

هنسراج (خارن مان)- سندر!

بسنتي- تڏهن ڪنهنجي پيا ڳالهه ڪريو؟

هنسراج- مان نه هن نهڪٽي ڦهڪٽي، رلٽي ملٽي نوجوان سيٺ واريلعل جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان.

بسنتي- هان! تڏهن انهيءَ واريلعل جي چور لـي توهين هتي آيا آهيو؟ توهين سمجهو ٿا تـه مان انهيءَ بدچال نئونئين سان شادي ڪرڻ قبوليندس؟

هنسراج- ڇوڪري، تون بي گناه، هڪ امر پرش جي بي عزتي ٿي ڪرين.

بسنتي - مان هنکي توهان کان وڌيڪ سڃاڻان. (محڪم ارادي سان) بابا، هن بيهودي ڳالھ کي بند ڪرڻ لاء مان توهانکي پڌايان ٿي تہ منهنجو مڱڻو ٿي چڪو آهي.

هنسراج - مڱڻو ٿي چڪو آهي! مائٽن جي موڪل سوا! ڇوڪري، تون علم پڙائي انڌ جي گهوڙي ٿي ڏوڪيندي ٿي وڃين. انهيءَ سندر سان؟

بسنتي (فخر مان) - هائو، سندر ساڻيءَ سان.

هنسراج (ڌڪار مان) - سندر سنڌي ڇو.

بسنتي - سنڌي آهي تہ پوءِ ڇا؟ هو هڪ اتم انسان آهي.

هنسراج (خارن وچان کلي) - سنڌي ۽ اتم!

بسنتي - توهين سمجهو ٿا تہ فقط پنجابي ئي اتم ٿي سگهندا آهن؟ هو هر طرح لائق شخص آهي ۽ پيٽ پالڻا لاء هڪ آبرودار ڌنڌو اختيار ڪيو اٿس.

هنسراج - ۽ تون لکپتيءَ جي ڌيءَ انهيءَ سنڌي ڪتي سان شادي ڪندينءَ؟

بسنتي - بابا، پاڻ سنڀاليو. منهنجي سندر کي ٿا اهڙا حرف پئيو!

هنسراج - پر تون هڪ ننڍ سنڌيءَ کي هڪ وڏآکهڻي لکپتيءَ کان وڌيڪ ٿي ڳڻين؟

بسنتي - مان سندر کي سڀ کان وڌيڪ وڏآکهيو ٿي سمجهان.

هنسراج- ڇوڪري، تون پاڻ سنڌياڻي ٿي پيئي آهين!

بسنتي- سنڌي پنجابيءَ جي ڳالهه ٿي ڪانهي. سچا هندستاني سڀني قومن کي هڪ ڪري ٿا سمجهن. بابا، جنهن ڀارت ماتا جي سيوا ٿا ڪريو، سا جيڪڏهن هڪ آهي، ته سنڌي پنجابي، گجراتي مرهٽا، جي سڀ سنڌس سنتان آهن، سي به ڇو ڪين هڪ ٿي وڃڻ کپن؟

هنسراج (رخ ڦيرائي، بسنتيءَ جي مٿي تي هٿ گهمائي)- ڌيءُ، لوڪ ته خاطري آهي ته مونکي اندر ۾ تو لاءِ ڪيترو پيار آهي. تون منهنجو هڪڙوئي ٻالڪ، جيڪر پٽ جون سڀ ڪون لاهيم. پر تنهن هوندي به منهنجي ڪل ني هي آهن ڪلنڪ ٿي لڳائين.

بسنتي (دل ڀڃائيندڙ آواز ۾)- بابا، جيڪڏهن توهين مونکي ايترو پيار ٿا ڪريو، ته منهنجي سک جو به ته ويچار ڪريو. من منهنجي ڪري سنڌو کي به ڪجهه پيار ڪري سگهو.

هنسراج (وري ڀڙڪو کائي)- ڪمدام کي پيار! اها اڻ ٿيڻي آهي.

بسنتي- تڏهن منهنجو پيار به توهان سان ڄڻ ته اڻ ٿيڻي آهي. توهين جي سنڌو کي ڌڪاريندا ته مان به توهان ڏانهن دل مائل ڪرڻ کان مجبور آهيان. انهن ٻن ڳالهين مان جيڪا وڻيو سا چونڊيو.

هنسراج- مونکي چونڊ ڪرڻي ڪانهي. پهاڙ به ڪنهن

ڪلهن تي ڪنهن آهي؟ ته ڪو مان انهيءَ سنڌ کي پيار
ڪري سگهندس.

بسنتي- پر پهاڙ ڪلهن تي ڪٽڻ لاءِ توهانکي چوي
ڪير ٿو؟ مان ته پاڻ چوان ٿي ته اهو ڪٽر جو پهاڙ،
پيار جي ٻل سان ڪلهن تان هٽايو. مان پڪ ٿي ڏيانو
ته رڳو هيڪر هنسان گڏجو ته پاڻهي پگهرجي پوندا.

هنسراج- نه، نه، مان مور ڪين گڏ ٻوسانس.

بسنتي- ڪيس نه گڏبا ته سنڌس ڪرتا اوس ڪين
ٿي پونديون. هو ساري هندستان لاءِ ايڪتا جو آلاپ
پيو پيدا ڪري. بابا، توهين سنگيت جا ڪوڏيا، مونکي
خاطري آهي ته سنڌس سرود کان ڪنارو ڪري ڪين
سگهندا.

هنسراج- سنڌي به ڪڏهن سچو ڪلاڪار ٿي سگهيو
آهي؟

بسنتي- ڇو، جي ڪو پاڻ کان ٻڌي پرانس يا پيءُ
ذات جو ٿيو ته هن ۾ اندر جي اوچائي ۽ روشنائي ٿي
نٿي سگهي؟ نه نه، بابا، توهين همکي ضرور پيار ڪندا.
مان ماڻهو موڪلي ڏهرائي ٿي وٺانس. تاري سدن جي
مسواڙي جاين ۾ مون هڪ ڪوٺي ڪري ڏني ٿيمانس،
پند ڪرانهي.

هنسراج- نه، نه، مان هرگز همجي شڪل ڏسڻ نٿو
چاهيان.

بسنتي (ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري)- مان نياپو ٿي موڪليانس

۽ پنھنجو سرندو بہ کڻي اچي، ۽ کي وڄائي ٽرهانکي ناپر ڏياري. (ٻانھون پيءُ جي ڳچيءَ ۾ وجهي) ڏسو بابا، اڳيئي توهانجو غصو گھڻجي ويو آهي. هاڻي اچھو، سندر ساز وڄائي اهو آخرين گھنج بہ پيشانيءَ تان ميٽي ڇڏيندو.

هنسراج (ڇرڪ کائي)- بسنتي، جڏهن توکي اوچي ودبا لي ڏنيم تڏهن خواب ۾ بہ ڪونہ هوم تہ ڪو......

بسنتي- تہ ڪو مان هڪ سنڌيءَ سازيءَ سان پرڻبيس. پر بابا، سڌ اٿو سنگيت بہ ڪيڏا فرق مٽائي ٿو ڇڏي. هاڻي وڃي ٿي ماڻهو موڪليانس. (اندر وڃڻ جي ڪري ٿي.)

هنسراج- پر ٽرس تہ سهين.

بسنتي- ڇٽو بابا.

هنسراج- مون چيو تہ تڏهن سچ پچ ... تون انهيءَ سنڌيءَ...او، انهيءَ سندر کي ايترو پيار ٿي ڪرين؟

بسنتي- مونکي هن کان ڌار ڪندا تہ منهنجي جان وڃائيندا. (اندر هلي وڃي ٿي. ٻاهران سالگرام، هڪ مرهٽو گويو اندر گھڙي ٿو. جنهن ٿي هميشه ڪليل اٿس.)

سالگرام- حضور، مان سالگرام گويو آهيان. ڪماري بسنت ڪؤر ۾ ڪو ڪم اٿم، سا هت رهندي آهي نہ؟

هنسراج- اُستاد سالگرام تون آهين؟ پر ڇني ڇاجي ڪولي اٿيئي؟ ڪمري ۾ بہ برسات پيئي پوي ڇا؟

سالگرام- سائين، بمبئيءَ ۾ پلا لڳاتار منهن جا مهنا پيئي برسات پوي، سو ڪير ويٺو هر هر ڇٽيءَ کولي

ٻڌڻ جي تڪليف ڪري. (ڪليل ڇڏي پٽ ۾ رکي ٿو) ڀلا، بسنت ڪؤر......

(اتي بسنتي سرهائيءَ سان اندر اچي ٿي)

بسنتي- بابا، ماڻهو موڪلي آئي آهيانس. اجهو آيو ڪي آيو. (سالگرام کي ڏسي) استاد سالگرام، توهان ڪنهن تڪليف ڪئي آهي؟

سالگرام- مان ايس جو سنڌ ۾ ڪو خاص ڪم اٿم، سو سمجهم ته ضرور هتان پتو پوندو. ٻڌو اٿم ته هاڻي پکيءَ آکيروئي شالا جي ڇانوَ ۾ اچي جوڙيو آهي.

بسنتي- هائو، شالا جي مسواڙي جاءِ ۾ اچي رهيو آهي ۽ ڪن شاگردن کي سنگيت سکيا ڏيئي گذران ڪندو آهي. توهان کي منجهس ڪم آهي ته مان پکيءَ کي پيدا ڪري وٺان؟ چٺي ولي وڃائيندس ته اچي حاضر ٿيندو.

سالگرام- تڏهن تون جادوگرياڻي چئجينءَ.

هنسراج (جهڙيون اکيون ڌيءَ ۾ ڪتيون پيون آهن، آئي پيار سان)- ڌيءَ تون بلاشڪ جادوگرياڻي آهين. ڏس ته پيءُ کي ڪهن چلي وڌو اٿيئي!

بسنتي (پيءُ جي ڪلهي تي ڪنڌ ٽڙائي)- بابا، منهنجي جا دل ورتي اٿو ته ڪنهن نه وري پيءُ ڌيءَ جي وچ ۾ پيار اُتون ئي ٿيو آهي! (سالگرام کي) استاد جي، بابي کي سنڌ جي ڏيهن ڪوتا بابت پنهنجو رايو ته ٻڌايو.

سالگرام- ڇوڪري، توکي لڪڙ ڇاجي لڳي آهي؟ ساري هندستان ۾ سندر جي پارت ڪونا پکڙجي ويندي ته پاڻيهي سڀني کي خبر پوندي.

هنسراج- ڏيءُ، سندر اڄڪلهه ڏاڍي دير لائي آهي. مان پاسي مان ڪو ضروري ڪم لاهي ٿو اچان. تيستائين تنهنجو مهاڪوي اچي ويندو.

بسنتي- بابا، اجهو ٿو اچي. پر وري به توهانجي مرضي. (هنسراج وڃي ٿو.)

سالگرام- اچا ڪٿي ٿو اچي. هاڻي پکيءَ کي پيدا ڪر ته.

بسنتي- سڀ ڪم ساڻهن سٺيءَ سان ٿيندو آهي. پر استاد، سندر ۾ ڪهڙو ڪم اچي موڙهو اٿو؟

سالگرام- ڇوڪري، تنهنجو تنهن ۾ ڇا وڃي؟ پر ٻڌ ته ٻڌايانءِ. مون هيئنر پنهنجي سازمنڊلي برپا ڪئي آهي، جنهنجا آدرش اهڙا اوچا رکيا اٿم جن مان ڳائڻ وديا جي سڀي اُنتي ٿئي، ۽ اُنکي هاڻوڪي ذليل حالت مان ڪڍي وٺجي.

بسنتي- سچ، ائين؟ پر تنهن سان سندر جو ڪهڙو لاڳاپو؟

سالگرام- تنهن سان تنهنجو ڪهڙو لاڳاپو؟ پر ٺهيو، توکان ڪهڙو وڃنو لڪايان؟ نيٺ ته سندر توکي ضرور ٻڌائيندو. پوئينداڻي سيٺ واريلعل جي نوڪري ڇڏيم ته پنڌيان پيا سڀ سازيندڙ به ڇڏي ويس ۽ اچي منهنجي

مندليءَ ۾ شامل ٿيا. باقي سرندائي ڪانگر ٿي پيو.

بسنتي- تڏهن بنهنجي مندليءَ ۾ اهو درجو سندر کي ڏيڻ ٿا چاهيو؟ اهو ته هن لاءِ فخر جو سبب ٿيندو.

سالگرام- پلا هاڻي پيدا ڪرينس ته ساڻس ڳالهه چوريان.

بسنتي- ۽ اجورو ڇا ڏيندس؟ ڪهڙا ڪلاڪ ڏينهن ۾ ڪم وٺندس؟

سالگرام- نينگر، تنهنجو تڏهن ۾ ڪهڙو ٻڌو جن؟ باقي اهڙي ساريءَ کي جيترو ڏجي اوترو ٿورو. پلا، سيگهه ڪر، منهنجا ٻيا به ڪم وهيا پيا آهن.

بسنتي- استاد جي! توهين اسانئي ... او ... سندر تي ڪيڏو نه ٿورو ٿا ڪريو!

سالگرام- هان، تڏهن سندر سان تو ٻاڻڪي به ڳڏي ڇڏيو آهي! هاڻي تون ڪيس پيدا نٿي ڪري سگهين ته مان سندس ايڪتا جي ڪوتا، سنگيت ۾ پيدا ڪري، ساري هندستان ۾ ڦهلائي ڇڏيندس.

بسنتي- استاد، توهين ته سچ اسان لاءِ ديوتا ٿي آيا آهيو.

سالگرام (ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائي)- شڪل ته ديوتا جهڙي ڪانه اٿم. (ٻاهر دروازي تي کڙڪو ٿئي ٿو.)

بسنتي- هاڻي مان ڇوٽي ٿي وڃان ٿو. (ڇوٽي وڃائي ٿي ته سندر پهچي ٿو.) ڏسو ڪيئن پيدا ڪيو مانس!

(سندر جنهنجي ڇوري مان ڪلا پيٺي بڪي، سرندو ڪڇ ۾ کيو اچي ٿو ۽ سالگرام کي ڏسي عجب کائي ٿو.)

سندر (بسنتيءَ کي) - تو تہ مونکي نياپو مڪو تہ منهنجي پتا سان گڏج.

سالگرام - سائين، هيءَ جادوگرياڻي آهي. ڏک سان لالا صاحب مان سالگرام بڻائي ڇڏيائين. (اکيون مان سندر کي ڳلي لڳائي ٿو.) سندر، اڄڪلهہ الائجي ڪٿي پيو وسين. توسان تہ هاڻي ملڻ ئي مشڪل ٿي پيو آهي.

سندر - استاد، هينئر مان پنهنجي خاص رنگ محل ۾ رهندو آهيان.

سالگرام - شرنارٿيءَ ۽ رنگ محل! ڪا صورت اچي وئي اٿيئي ڇا؟

بسنتي - ڏس، ڏس، ڪيترا مهنا تہ ويچارو اڪيلو ڪئمپ ۾ پيو هو ۽ اتي بيمار ٿي پيو...

سندر - نيمنسي بسنتي ديويءَ کي دايا پيئي ۽ پنهنجي شالا وارن جاين مان هڪ ڪمري ۾ ڪٽي اچهو ڏنائين. استاد، منهنجو آرامگاهہ تہ اچي ڏس، ڪهڙو نہ عاليشان آهي.

بسنتي - هائو، ڇهہ فوٽ ڇهہ ورس مسواڙي ڪوٺي.

سندر - پر اهو بہ شڪر جو بمبئي جي شهر ۾ ٻگڙي ڏيڻ ڪانسواءِ اها ڪوٺي تہ وڻان نصيب ٿي آهي.

سالگرام - هاڻي هڪ ٻئي جون ساراهون ڪرڻ ڇڏيو. سندر، توسان ڪي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون اٿم. مون هينئر ساز-منڊلي جاري ڪئي آهي. لوڪ تہ سڌ آهي تہ تنهنجي ڪلا جو مان ڪيترو قدر ٿو ڪريان. ائين پيو چاهيان تہ تون منهنجو سرندائي ٿيڻ قبول ڪرين تہ ڏک

اعليٰ سنگيت سميلن ڪري بمبئيءِ واسين کي ڪوسڄي واڳ جو رس ونايون.

سندر (گدگد ٿي، پر شڪجي)- ڇا چيو؟ توهانجي منڊليءَ جو سوڀاڳي! نه، نه، اهڙو نصيب منهنجو وري ڪٿان ڪلندو!

بسنتي- هائو سندر، سچ ائين آهي.

سندر- پر توهانکي سڌ آهي ته مونکي ساڄي ڪلهي ۾ زخم لڳل آهي؟

سالگرام- سو وري ڪيئن؟

سندر- سنڌ مان اها نشاني ساڻ کڻي آيس.

سالگرام- سو ڦٽ ۾ ايترو سور ٿيندو اٿيئي ڇا جو ساز وڄائڻ ۾ تڪليف ٿئيئي؟

سندر- نه، سور ته هاڻي ايترو ڪونه ٿيندو اٿم. پر وقتي ساندو ۾ چار ڪلاڪ ساز وڄايان ته زخم ڪوئي ڇاڇو ٿوي، ۽ پوءِ اهڙئي خوفناڪ ياد گهيريون......

بسنتي- سندر، اها ڳالهه هاڻي وساري ڇڏ.

سندر- پر استاد کي ته سڪجهه ڪولي پڏائڻ گهرجي...

اڄهو، هيئنئر ۾ منهنجي اکين اڳيان اما جو رت ۾ رڱيل مڙه پيو ڦري، ۽ ان بيرحم ڪاسائيءَ، جنهن اسانجو ڪوس ڪرايو......

بسنتي- سندر، شانتي، شانتي!

سندر- هائو، ان خودغرض حيوان جو پيانڪ چهرو، سندس سوڙهي بغض ڀريل پريشاني......

سالگرام (چڙي اڙ غيبي نموني ۾ سندر مٿان ڦيرائي)- مجال آهي ڪنهن جي پُٽ جي، جو اسانجي سنگيت آڏو اچڻ جي همت ڌاري! بسنتي، تون جادوگرياڻي آهين ته اسين واڳي ۽ جادوگر آهيون. (چڙي ڌڪاري) هيءُ اسانجي جادوءَ جي لڪڙي اٿيئي. (سندر کي) ڪيئن، پُٽ ٻچ پاڻي پئجي ويو نه؟

سندر (ٿڌو ساهه ڀري)- هائو، برابر پئجي ويو.

سالگرام- ها، ها، ها!... ۽ جڏهن تنهنجي دڪش ڪار وٺي وڃائيندا سون......

سندر- ڪڏهن انهيءَ سيٺن تي منهنجي پارس ڪوتا وڃائيندا؟ سنگيت ۾ ٻيهاري تيار ڪئي اٿو؟

بسنتي- ڪيئن سندر، هاڻي ته تنهنجي من جي مراد پوري ٿي؟

سندر- پر انهيءَ جلسي تي ته شهر جا شوقين سرمايدار ٿي ايندا. اهي منهنجو پارس جي ايڪتا جو آلاپ ڇا سمجهي سگهندا؟

سالگرام- البت، پئسا خرچي جلسو ڏسڻ جي ايندا، سي ضرور هوند وارا هوندا. تنهنجي مرضي آهي ته اشتهار ڪڍون ڇا ته شاهوڪارن لاءِ جلسو بند آهي.

بسنتي- تڏهن ڇو نه اسان جي ناري-سدن ۾ سندر جي ڪوتا وڃائي پڌايو ته مان وري پنهنجين ڇوڪرين کي استعمال ڪرائي انهن کان ڳارايان؟

سندر- اها ته آڪاسواڻي آهي! پر اُستاد سالگرام کي قبول آهي؟

سالگرام- آڪاسواڻيءَ کي ڪير ريٽيندو؟ پر ڪهڙي موقعي تي؟

بسنتي- ڇو نه مهاتما گانڌيءَ جي جنم ڏينهن ڪٺي اهو جلسو ڪريون؟ اهو مهاپرش جنهن ذات پات جي ڀيد مٽائڻ لاءِ ساري عمر پاڻ پتوڙيو، ۽ آخر هندستان جي ايڪتا لاءِ پنهنجي جان قربان ڪئي.

سندر- هيءَ ٻي آڪاسواڻي! منهنجي ڀارت ڪوتا! بسنتيءَ جي ناري-سدن ۾! عام هندستاني ٻانرن کي ڳائي وڄائي ٻڌائجي! مهاتما گانڌيءَ جي جنم ڏينهن تي! مان نه ڪوڙن ڀرتي نٿو ماپان.

سالگرام- چڱو ڀلا، تڏهن سڀان ڪانونئي استعمال لاءِ ٻيو منهنجي گهر اچجانءِ، ٻيا ساري ته حاضر هوندا. باقي ٻه ٽي مهما آهن، سي تياريءَ ۾ لڳي ويندا. هاڻي، جئه رامجي. (هلندي) اڙي، ها پگهار فيصل ڪرڻ ته وسري ويو.

سندر- پگهار؟ توهانجي سازينداڙ ٿيڻ جو شرف ته مونکي ملي، ۽ پگهار به مان ڪٽان! خير، مون لاءِ سو ڏيڍ ئي گنج آهي.

سالگرام- واهه حاتم طائي! پر پگهار ڀچي ڪونه ٿو وڃي. پنهنجا ٻاڻو آهيون، نهي پونداسون. (ڇٽي کڻي وڃي ٿو.)

بسنتي- سندر، تون ڪهڙو نه بيپرواهه آهين!

سندر- سو ڪيئن؟

بسنتي- منهنجي واڌاري جو ڪو ويچار ڪونه اٿيئي. تڏهن ڇو نه مونکي پيار ني ڪونه ٿو ڪرين.

سندر- توکي پيار ڪونه ٿو ڪريان؟ بسنتي، تون ائين چوين؟

بسنتي (روئڻهارڪي)- مان آس پاس ويٺي هيس ته تون ڪمائيءَ وارو ٿيندين ته وواهه ڪندا سون، پر تون اهو وجهه ٿي وڃايو ڇڏين.

سندر- پر سو ڏينهن جي آڌار تي اسين آسانيءَ سان وواهه ڪري سگهنداسون.

بسنتي (طعني طور)- تڏهن ڪا ٽڪڙ پيٺي آهي ڇا؟ ڪٿي ٻه چار سال ترسبو.

سندر- نه منڙي، ٻه چار سال ڪيئن ترسي سگهبو؟ پر سچ، تڏهن گهر هلائڻ لاءِ وڏي پئسي جي ضرورت ٿيندي آهي؟ مونکي ته ڪو آزمودو ڪونهي.

بسنتي- هن ڏڪار جي سمي ۾ اڪيلو سر پاڻ ئي مهاڪنن آهي، سو گهر ته ڪيئن هلائي سگهبو؟ توهان پنهنجن خوابن ۾ ئي پورا آهيو ته مونکي ته اهي ويچار ڪرڻا پوندا.

سندر- منهنجي ديوي! (ڪيس ڪرسيءَ تي وهاري پاڻ پيرن وٽ ويهي ٿو رهيس) تڏهن مونکي ملڻ لاءِ ايڏي سڪ ۽ اونو اٿيئي؟

بسنتي- سوال ٿو پڇين؟ اهو سوال ته پاڻ مان توکان

ٻين جو پنهنجي سنگيت ۾ ٻني مھو آهين.

سندر- مان جيڪي لکان ۽ وڄايان پيو تنهن ۾ تنهنجوئي واسو آهي.

بسنتي- پر منهنجي مرضي آهي ته مان سڀ کان سرس ٿيان. پوءِ مونکي ڳهڙين پيو سڀ پوءِ.

سندر- آهي ته اٿين، مان توکي سڀ کان سرس ٿو ڳهڙان.

بسنتي- خاطري اٿيئي؟ ڪرڻ اسانکي ڏار ڪري ڪين سگهندو؟

سندر- سڀ سمنڊ ڪٿي اسان جي وچ اچن، ته به ڪين ڏار ٿيندا سون.

بسنتي- پلا، تون مونکي پائي مون مان ڪٿو ته ڪين ٿي پوندين؟ ڪٿي ساري هندستان ۾ ناماچار ڪڍين؟

سندر- ناموس ملندي ته به تنهنجي پيار ڪري، سو تنهنجان ڪٿو ڪٿين......

بسنتي- سندر، سندر، پنهنجي بسنتيءَ کي ڪاوڙ نه ڪجانءِ، جا پنهنجا سدا پيئي متائي ۽ دل کي خاطري پيئي ڪرائي. باقي ته ٻهريائين ته ڏاڍو وٺي ڏسڪايم، پر ڪيئن چئون ڪري دل پچائي مانس. شاهوڪارن جي دلين کي ڏڪار جي ڪٿئ بنهه ساري ڇڏيو آهي.

سندر- برابر، پر پيڙن جا آدرش ٻارن کي مڙهڻ نه کپن. هر پيڙهيءَ کي پنهنجن آدرشن لاءِ جهيڙڻ ۽ ساهه ڏيڻ کپي.

بسنتي - هائو سندر، هائو. تون اڄوڪي سمي جو اوتار آهين! مان اڄ تمام سرهي آهيان. (سندس اکين ۾ نهاري) تون به اڄ سرهو آهين نه؟

سندر - منهنجو ته عقل ئي چرخ ٿي ويو آهي. اعتبار ئي نٿو اچيم ته سنڌ جا وڻ ڇڏي، پرديس ۾ ڏکا کائڻ کان پوءِ، ڪو هتڙو آنند مونکي نصيب ٿيو آهي.

بسنتي - ڪوڪي اعتبار ۾ ئي نٿو اچي؟ هاڻي جڏهن سارو جهان پرڪاش جيان روشن ٿي پيو آهي، تڏهن به تنهنجي اکين اڳيان اونده اچيو وڃي؟

سندر - اسان شرڻارٿين جو سڀاءُ ئي اهڙو آهي. اهڙن مصيبتن مان لنگهيا آهيون، جو غميءَ کي سرهائيءَ سان پيا سهون ۽ خوشي ملي ته وسهون ئي نه پيا.

بسنتي - پر تنهنجا مصيبتن جا ڏينهن اڄوڪي پورا ٿيا کي ٿيا. اهي سالن جا سور ڄڻ ويا کي ويا.

سندر - هائو، هائو، منهنجي بسنت ڪور. تون سچ رُت بسنت ۾ هڪ ڪنول گل جي سمان آهين جو سورج جي روشنيءَ ۾ پيو ٽڙي. منهنجي مايوسيءَ کي به سرهائيءَ ۾ بدليو ڇڏين. انهيءَ خوشيءَ جي وچاٻل وستي تي مان اڳوان ٿيندس، ۽ مڙني مايوس سنڌي ڀائرن کي اهو رستو ٻڌائيندس. اڄوڪي ڏينهن خوشي ملهائيندا سون، گڏگڏ ٿي گذاربدا سون.

(لالا هنسراج اندر اچي ٿو. سندر کيس ڏسي چرڪي

ٿو، اکيون ڦاڙي ٽيون وجهيس، چپ پيا ڏڪنس ۽ ڏڙڪي ٿو، ته بسنتي سهارو ٿي ڏئيس.)

سندر (اکيون ٻوٽي، ڍڳي آواز ۾)- هان! هي ڪير!

بسنتي- ڇو سندر، ڇا آهي؟

سندر (اکيون پٽيندي)- ڪي ڪينهي، اڄهو تو جيءَ جاءِ ڏٺيم. ......پر ساڳي شڪل! هوبهو! ڪڏهن ڪين اهڙي ڇٽي ڏٺيم.

بسنتي (سندس ڪلهي تي هٿ رکي)- ٻاڪي لهاءِ ته.

هنسراج (اڳتي وڌي)- سندر، هاڻي گذري وساري ڇڏ.

سندر (ڇرڪي، اکيون کولي، ديوانن وانگر)- ساڳيو آواز!

بسنتي (موڙهاري ۾، پيءُ کي)- توهين هنکي سڃاڻو ڇا؟ سندر، خير ته آهي؟

سندر- تون ٻڌي ٿيءُ. (هنسراج ڏانهن وڌي ٿو جيئن ڪو نشي ۾ هلندو آهي ۽ ٻڪ ڪرڻ لاءِ هٿ ڊگهيري سندس بدن تي گهمائي ٿو.)

هنسراج- هي ڇا ٿو ڪرين؟

سندر- هان! تڏهين جيئرو جاڳندو آهين؟ ساڳيو شخص، اهو ئي ڏڏي، اهو ڪاساڻي! (اچانڪ ماري حملي ڪرڻ جي ڪري ٿو.)

هنسراج (ميز تي رکيل چاقو اولاڙي) خبردار ڪتا!

(بسنتي وڃ ڪري سندن وچ ۾ بيهي ٿي.)

سندر- هاڻي منهنجي ڀـ جان ڪيئن؟ اڳين خون مان پيٽ ڪونہ ڀريئہ؟

هنسراج- چيومانءِ تہ اهو حادثو وساري ڇڏ.

سندر- وساري ڇڏيان؟ منهنجي ڀيڻ ماءُ جي جان، منهنجي ڀاءُ پيٽ جي جان! جنهنجو رت وهايئہ تنهنکي وساري ڇڏيان؟ اي راڪاس، اهو چاقون پنهنجي سيني ۾ نٿو کپائين؟ پنهنجن ٻارن جو ڪيترو ٻاڙڪي نٿو لوڙائين؟

هنسراج هاڻي زبان دراز نہ ڪج.

بسنتي- سندر، ڪيترو لوڙي، ڇا لاءِ؟

سندر- انهيءَ گناهہ لاءِ جنهن لاءِ ڪاب.. انساني سيکمت ڪافي ناهي.

بسنتي- تون ڇو ٿن ڇا پيو؟ هي منهنجو پتا آهي جنهنکي ڏڏجي لاءِ توکي......

سندر- (بيڙکي) تنهنجو پتا!... تون هن ڪاسائيءَ جي ڌيءَ.....هي ڀڳونت!

هنسراج- (ڌيءَ ڏانهن وڌي) بسنتي، مون چيومانءِ ڪين تہ مان هن سان ڪونہ گڏبس.

بسنتي- پر بابا، مونکي خاطري ڏيو تہ هي سڀ ڪوڙ آهي نہ؟

هنسراج- ڇا ڪوڙ آهي؟

بسنتي- جيڪي سندر چيو. ڪراچيءَ واري حادثي ۾ توهان جو هٿ تہ ڪونہ هو؟

هنسراج- مان برابر قرمار مهل حاضر هوس پر......

سندر- پر تو ڌاڙيسري ٽي ۽ مونکي ھڪالي ڪڍيو،
۽ انهن بي رحم اکين سان ڏٺو ته ڪئن منهنجي ماءُ،
منهنجي ڀيڻ......

بسنتي- پر توهان ڌاڙيسرين کي ڀڄائڻ جي ڪوشش
ته ضرور ڪئي هوندي؟

هنسراج- مون هن کي پوليس جي مدد ڏيڻ کان
انڪار ڪيو.

سندر- ۽ شلوار ترڪي ٽوپي پائي، بالڪنيءَ مان
بيهي، ڦورن کي اسانجي گهر ڏانهن اشارو ڪري پڪاريو
"آڳي ڀڄو، آڳي وڌو!" ڪن مسلمان ڌاڙيسرين ٻه-
هندو ڀائرن کي ڀڄايو، پر تو هندو ٽي ۽ همت وٺي
هندن جو ڪوس ڪرايو.

هنسراج- پر مون مٿا ماري پوليس گهرائي هئي،
مونکي پنهنجو ڪٽنب ڀڄائڻو هو. مون ڪو خاص گناه
ڪيو ڪونهي.

سندر- هائو، توهان ڪو خاص گناه ڪيو ڪونهي.
ايامن کان شاهوڪار غريبن کي آزاريندا اچن، پسن مثل
پيڙيندا اچن. پر هاڻي اهو سڀ سهڻ کان ٻاهر آهي.
تڏهن اسين سدائين پيا زماني جي گردش ۾ ٺوڪرون
کائيندا سون؟ ڪيستائين اها روبڪار هلندي؟ او ڀڳوان،
ڪيستائين؟

هنسراج- جيستائين سرمايداريءَ جو راج آهي تيستائين
اهو سرشتو ٽٽڻو ڪونهي. (پيار مان بسنتيءَ کي) ڏس

ڏيندي، بابا توکي ڪيترو ٿو پيارو ٿئي. مان ته تنهنجي دل وٺڻ لاءِ هرڪو گذرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ ڇوڪرو تنهنجي نيڪي ٿيو وساري ڇڏ، پر هي ڪميٽو مرڳو الٽو ڪري آيو. هاڻي ڪٿو جواب ڏينس ته اٿم ڇوڪري هڪ نيچ سنڌيءَ کي ڪانه قبوليندي.

بسنتي- بابا بدو. توهين منهنجا پتا آهيو تنهنڪري مان اُن ڏي سيني تي چوانو ته جنهن شخص کي مون دل ڏني آهي تنهن کي حرف پڻ جو توهانکي ڪو اڌڪار ڪونهي. (سندر ڏانهن وڃي) منهنجا سندر، مان اڄ کليو کلايو پنهنجو پاڻ توکي ارپڻ ٿي ڪريان ۽ پرڳيا ٿي ڪريان ته اڄ کان وٺي تنهنجي ذات سا منهنجي ذات، تنهنجي جيوت سا منهنجي جيوت. (سندر ڏانهن ٻانهون ڊگهيري ٿي.)

هنسراج- بي حيا ڇوڪري!

بسنتي- (سندر کي ٻنهي ٻانهن ڏسي، درد ۾) سندر! پيارا!

سندر- (سرد آواز ۾، ڪيس روڪي) پري ٿيءُ! اسان ٻن جي وچ ۾ لوهوءَ جي ندي پيئي وهي.

بسنتي- پر تو اڳهڻو جو چيو ته سڀ سمنڌ ڪٽي وڃڻ ته به اسانجو پيار جهاڳي وڃي؟

سندر- برابر، چوڻ سولو آهي. پر تو اها ڪراچيءَ واري رت جي ندي ڪانه ڏٺي. اُنوقت دهلي ڪاليج ۾ اوچي تعليم پي پرايم ۽ آرام ۾ ڏي گذاريم. اها ندي

سندر - پنهنجا هٿ پري ڪر! ڏسين نٿي ته ڪيترا مردا اسانجي وچ ۾ پيا آهن؟

بسنتي - سندر، پنهنجي بسنتيءَ جو هيئن نراد ر ٿو ڪرين؟

سندر - مونکي توهان رت جي بوءِ پيئي اچي.

بسنتي - پر مان پنهنجي پريم سدا سان انکي ڌوئي صاف ڪري ڇڏينديس.

سندر - پريم؟ ڪٽنب جي ڪاسائيءَ جي ڌيءَ جو پريم؟ (ڪيس پاڪان هٽائي ٿو، ۽ هوءَ پٺ ڏي ڪري پوي ٿي.) سيدي پاڻين جو ڪوس ڪرائي، ڏيس ڇڏي ٻاهر نڪتس. تڏهن به ان خونيءَ جي ڌيءَ جو آواز منهنجي ڪنن ۾ ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. هو ٿو شرنارٿي ڪيمپ وسايان. (پٺ تي پيل بسنتيءَ ڏانهن نهاري ٿو، پوءِ منهن ڪٽي ٿو بانهن ۾ لڪائي.)

هنسراج - ڌيءَ، تون هلي آءُ بابا وٽ. (ڪيس اُٿاري ٿو، هوءَ گهبرايل آهي. اوچتو سماءُ ٿو پوئس ته پيءُ جي بانهن ۾ آهيان ۽ پاڻ ڇڏائي ٿي.)

بسنتي - پري ٿيو، مونکي پنهنجا هٿ نه لڳايو انهن مان رت ريلا ڪيو پيو وهي.

هنسراج - بسنتي، انهيءَ ڪمذات واري ٻڪواس بند ڪر.

بسنتي - هو نڪو ڪمذات آهي، نڪو ڪاسائي آهي. ٻڌو نه توهانکي ڇا ڪرنيائين؟ واپاري نه پر

ڪاساٽي ...مس وڃي ڪا سڪ جي گهڙي ٻراپت ٿي
هئي تہ ٻيءَ اچي ڏيءَ جي خوشيءَ ۾ زهر ملايو.
(سڏڪن ۾ اچي ٿي چڙڪي. سندر منهن ورائي همدرديءَ
وچان نهاريس ٿو، پر ٻاٽلڪي روڪي ٿو وڃي.)

همسراج (پڇي)- بسنتي! ڏاڍڙي روءَ نہ منهنجي
اندر ۾ گهاو پيا پون.

بسنتي (اوچتي جذبي ۾)- منهنجي اوڏو نہ اچو.
مان اُن ڏينهن کي ٿي پٽيان، جڏهن توهانجي ڏيءَ
ٿي ڄائس.

همسراج- هان! منهنجي آنديءَ ڄائي، جنهنجي پيار
لاءِ ترڪيس پئي، سا مونکي ڏڪار ٿي ڪري! منهنجن
هٿن مان رت ريلا ڪيو پيو وهي! مان واپاري نہ پر
ڪاساٽي آهيان! (سندر ڏانهن منهن ڪري دريتا سان
چوي ٿو) هيڏانهن. (ڪيس وڃهو اچڻ لاءِ اشارو ڪري
ٿو جو هو مڃي ٿو، ۽ ٻئي ڏوبڏو ٿي بيٺا آهن. اوچتو
چاقون ڪڍي سندر جي هٿ ۾ ڏئي ٿو) تون سچ
چيو. اچي، مونکي قتل ڪر.

(سندر چاقون وٺي ڇڏي، مدحه اُنکي جاچيندو رهي
ٿو. آخر چاقون ڏيري ڏيري هٿ مان کسڪي ٿو وڃيس
۽ هٿ وڃي ٿو سرندي جي تارن کي لڳيس جن مان
آلاپ نڪري ٿو.)

سندر- چا! تڏهن توهين بہ پڇتايو ٿا! ڪيل گناهہ
لاءِ پنهنجي جان تائين سهسايو ٿا! تڏهن توهانجي دل

مان غريب سنڌين لاءِ ڪٿو نڪري ويو آهي؟ تڏهن اهو مان ئي آهيان جو اندر ۾ ڪتر رکيو ويٺو آهيان؟ (بسنتيءَ ڏانهن وڌي اُٿاريس ٿو.) بسنتي، مونکي معاف ڪر جو مون تنهنجو نرادر ڪيو. تو ته شاهوڪار هوندي پنهنجا پيد مٽائي مونکي قبول ڪيو، پر مون مسڪين تي ته ٺوڪي هٿائي ڇڏيو. مون پنهنجي پيار ۾ هار کاڌي آهي. مان گنهگار آهيان.

بسنتي- نه، نه......

سندر- عام ٿي هيمر ته سڀ سمنڊ ڪٺي اسانجي آڏو اچن ته به منهنجو پيار جهاڳي پار پوندو. پر مورڳو اهو پيار ڏڪار ۾ بدلجي ويو.

بسنتي- پر تو ته صاف سمنڊن جهاڳڻ جي هام هڻي هئي. رت جي نديءَ جي ڳالهه ته پوءِ ظاهر ٿي. تنهنجو انهي ۾ قصور ئي ڪونهي.

سندر- تون مونکي پرچائين ٿي. منهنجي هار انهيءَ ۾ ئي آهي جو پيار جي پل سان رت جي ندي جهاڳي پار نه پيو آهيان.

بسنتي- پر انسان لاءِ اهو سياڻپ آهي.

سندر- تڏهن اهو پيار ڪهڙو جو انسان کي قرباني ديوتا نه بنائي؟ تنهن ڪانسواءِ مان پنهنجي ڪلا سان به ڪوڙو ٿيو آهيان.

بسنتي- تون ته سدائين هندستان جي ايڪتا جو خواهان آهين ۽ ڪلا دوارا انجو پرچار ڪندو آهين.

سندر- مهاتما جي شهادت کانپوءِ ڌرمي بغض ۽ هندستان مان گهٽو ٽٽو نڪري ويو آهي. پر انهي بدلي پرانتڪ ڪٽر جو ڀوت ماڻهن مٿان سوار آهي. سو مان ته اهو پرچار ڪندو هوس ته هاڻي آزاد هندستان جي انتي هن ۾ آهي ته پنجابي، سنڌي، گجراتي، مرهٽا، مارواڙي، بنگالي، سڀ پاڻ ۾ ملي ايڪتا پيدا ڪن... پر اڄ مون پنهنجي آدرش ۾ هار کاڌي آهي. هاڻي تون منهنجو اپراڌ ڪميا ڪين ڪندين؟

بسنتي- تنهنجو اپراڌ؟ مان ته پاڻ گوڏن ڀر جهڪي پنهنجي پتا جو اپراڌ توکان ڪميا ٿي گهران. (جهڪي ٿي ته سندس هٿن کان وٺي اٿاريس ٿو.)

سندر- نه، نه، مون پاري پل ڪئي. ماڻهن جا گناه ٻارن تي نه مڙهڻ کپن.

هنسراج (جو پگهرندڙ دل سان ٻڌي رهيو آهي)- گناه برابر سمورو منهنجو آهي جنهن توهان ٻالڪن جي وچ ۾ ويڇو وڌو آهي. هاڻي توهين ٻئي گڏجي منهنجو اپراڌ ڪميا ڪريو. (ٻنهي کي وڏي ڀاڪر پائي ٿو.) هاڻي مان به توهانجي آديش لاءِ جتن ڪندس، ڇو جو پرانتڪ ڀيدن متان ئي ايڪتا آڻڻ ۾ ئي ڀارت ڀوميءَ جي انتي سمايل آهي. هاڻي اسين گڏجي هندستان اندر ايشور جي واحدانيءَ ۾، انسان ذات جي برادري برپا ڪنداسون.

# ٻلڻاءُو

ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ پڙهندڙن کي عرض آهي
ته پنج منٽ تڪليف وٺي هيٺيون چُڪون درست
ڪري ڇڏين.

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٧ | ٢١ | حسن دلدار | حسا دلدار |
| ١٤ | ٦ | شاهد ڪرڻو | شايع ڪرڻو |
| ٢٧ | ١٣ | شڪ شبھ | شڪ شبا |
| ٤٠ | ٢٢ | کي ليلائيو | لاءِ ليلائيو |
| ٥٣ | ٢٣ | ڦا پاپان | ٿي پاپان |
| ٥٦ | ١٠-١١ | پيئي پوندي | پيئي ڌم پوندي |
| ٥٨ | ٣٠ | ٿو اڇانءِ | ٿو اڇان |
| ٦٠ | ٩ | هجين ها | هجي ها |
| ٦٢ | ١٦ | second class | first class |
| ٦٦ | ١ | گنهير ٿيءُ ٿو | گنهير ٿي ٿو |
| ٧٠ | ٨ | ڪو اهڙو | ڪي اهڙو |
| ٧٥ | ٢٣ | وڏي پاءُ کي | وڏي پاءُ کي |
| ٨٧ | ٣٠ | سمجهاءِ | سمجهاهه |
| ٩٥ | ١٨ | هاڻ ڪن | هي ڪن |
| ٩٦ | ٤ | وري نرگهه | نرگهه وري |
| ٩٩ | ٢٣ | چا | اچا |
| ١٠٤ | ٥ | علت ٽيون وڪو | علت ٽيون وجهو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١٠٩ | ٣ | اداڪار:- | ڪردار:- |
| ١١٨ | ١٠ | موهن جڏهن | موهن جي |
| ١١٨ | ١٤ | پالي تالي | پالي تالي |
| ١٢٣ | ١٥ | نوڪان مونڪان | نوڪي مونڪان |
| ١٣٥ | ٢ | جو مان | جا مان |
| ١٤٨ | ١٧ | گهر ٽر | اينري ۽ گهر ٽر |
| ١٥٥ | ١٩ | جو آواز | جا آواز |



جڏهن بہ توهانکي ڪوبہ سنڌي ڪتاب
گهربل هجي

تہ

*From the Library of*
**A. J. UTTAM**
12-B/2, Jethibhen Society,
Mahim, Mumbai - 400 016. (INDIA)
Tel. : 91-22-24441130 / 24464941
www.sundriuttam.com
Email : jaisindh@vsnl.com



Printed and published by Karamchand N. Dewani at the Chandan Printing Press, Hasali Tank Lane, Dadar (W, R.) Bombay 28.

# ڪبر پريا هٿڙا

## (١٩٦٠ جون انعامي ڪهاڻيون)

### قيمت سوا ٻه روپيه

”تازو سنڌيءَ جي هڪ پياري سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڇپائيءَ لاءِ ٽي سؤ روپيه آڇيا هئا. انڪل سوا ٻه سؤ ڪهاڻيون ڇپائيءَ لاءِ آيون جن مان ٽن ججن جي ڪاميٽيءَ ستن ڪهاڻين کي انعام ڏنا. انهن انعامي آکاڻين جو جهڳٽو ”ڪبر پريا هٿڙا“ جي نالي سان ڪهاڻيءَ وارن ڇپايو آهي.“

”انعام ڪندڙ آکاڻين ۾ خاص طور ٽي سٺيون ڪهاڻيون آهن- سنڌري انچنداڻي، گدو سامتاڻي ۽ ڪي. ايس. ٻالاڻيءَ جون. سنڌريءَ کي ٻن ڪهاڻين ”ڪبر پريا هٿڙا“ ۽ ”وڇوڙو“ لاءِ انعام حاصل ٿيا آهن. هنجي آکاڻين جا موضوع سهڻا ۽ حياتيءَ مان نڪتل آهن. ٻالاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ ٻه خوب آهي. ٻيا ليکڪ جنجون ڪهاڻيون هن مجموعي ۾ ڇپيل آهن سي آهن: ڪرشن کٽواڻي، ڪلا پرڪاش، ليرت سپاڻي ۽ ايشور چندر.“

”هن ڪتاب جي وڏي خوبي آهي جج صاحبن جو مهاڳي مضمون، جنهن ۾ هنن صاحبن جاکوڙ ڪري جديد ڪهاڻيءَ جي اوسر، ڪلا ۽ ٽيڪنڪ تي چڱو چوکو مصالحو ڏنو آهي. هيءُ مضمون اسرندڙ ليکڪن جي چڱي رهنمائي ڪندو.“

”سنڌو ڌارا“ هفتيوار ۾ ڏنل سمالوچنا تان ورتل